# سَندو ذاتِ جَوابُ

(رسول بخش پليجي بابت دانشورن،
شاعرن ۽ اديبن جون چونڊ لکڻيون)



Gul Hayat Institute

CPCS

# سَندو ذاتِ جَوابُ

(رسول بخش پليجي بابت دانشورن، شاعرن ۽ اديبن جون چونڊ لکڻيون)

**نگران: جامي چانڊيو**

---

**سهيڙيندڙ: ادريس لغاري**

Gul Hayat Institute

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
127 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92–22–2652401,  Fax: +92–22–2652401
E–Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

43

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سَندو ذاتِ جَوابُ |
| نگران: | جامي چانڊيو |
| سهيڙيندڙ: | ادريس لغاري |
| ڪمپوزنگ ۽ | |
| ٽائيٽل ڊزائننگ: | سليمان سميجو ۽ آفتاب ڪوهارو |
| ڇاپو پهريون: | مارچ 2012ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | 200 روپيا |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪاٺياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

Gul Hayat Institute

All Rights Reserved
“**Sando Zaat Jawab**”
First Edition: March 2012
Pirce: 200 PKR
Published By: Center for Peace & Civil Society (CPCS)

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**

## ـ ارپنا

### سائين رسول بخش پليجي
### جي نالي

سامي، کامي، پِرينءَ لئہ، ڪُسي ٿيا ڪبابُ،
جهڙو ڏِسن ڏوهہ کي، تِهڙو تِن ثوابُ،
اوتين اَرتِي گاڏئون، منجهان اَکين آبُ،
سَندو ذاتِ جوابُ، تون ڪيئن پُڇين تِن کي.

(لطيف)

Gul Hayat Institute

ـ جامي چانڊيو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٻہ اکر – لطيف جو ڪا هوڙي | جامي چانڊيو | 5 |
| عظيم ٻوليءَ جو عظيم نثر نويس | محمد ابراهيم جويو | 6 |
| عظيم انقلابي ٿيوريٽيشن | شيخ اياز | 11 |
| رجعت پرستيءَ کي جواب | رشيد ڀٽي | 15 |
| جڳ ملوڪ اديب | الهداد ٻوهيو | 17 |
| ذميدار اديب | ابن حيات پنهور | 22 |
| رسول بخش پليجو — هڪ تاريخ ساز شخصيت | پروفيسر عزيزالدين، لاهور | 24 |
| سائي سامين روءِ | سراج | 32 |
| پليجو: قوم جو مسيحا | ماهتاب محبوب | 37 |
| اسان جو جينيس | نورالهديٰ شاهہ | 46 |
| رسول بخش پليجو | طارق اشرف | 52 |
| پليجو – اسان جي ملڪيت | ف ـ م لاشاري | 63 |
| رسول بخش پليجو | ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي | 67 |
| رسول بخش پليجو ـ ڄاڻ جو پئسفڪ سمنڊ | مسعود نوراني | 70 |
| پليجو: جيئڻ مون ڏٺو | دستگير ڀٽي | 78 |
| شاهہ عالم چوڪ تي ڦاسي | اياز لطيف پليجو | 82 |
| جيئڻ مون ڏٺو | زاهدا شيخ | 89 |
| رسول بخش پليجو | ظفر علي اُجڻ | 94 |
| پيئي جن پرڪ | مير حسن آريسر | 99 |
| آجيان | مظهر لغاري | 111 |
| سياسي ادب جو شاندار ليکڪ | نصير ميمڻ | 113 |
| سچائيءَ ۽ سونهن جو جرڪندڙ چنڊ | عبدالله ملاح | 115 |
| ڪوٽ لکپت جو قيدي ـ پليجو | ملڪ نديم | 123 |
| رسول بخش پليجو | جي. اين. مغل | 127 |
| ڪجهہ خبرون جيڪي سوچ جو سامان مهيا ڪن ٿيون | الطاف شيخ | 129 |
| راڻي سان رهاڻ | عديل مهر | 131 |
| ... ۽ اُهو ئي رسول بخش پليجو آهي | ڊاڪٽر بخت جمال | 137 |
| ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا | جامي چانڊيو | 142 |
| متفرقہ رايا | | 168 |


Gul Hayat Institute

## ٻه اکر

# لطيف جو ڪاهوڙي

سائين رسول بخش پليجو جيئن ته لطيف جو سچو پچو ڪاهوڙي آهي، ان ڪري هُن ڪڏهن به زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪيل ذهني ۽ سياسي پورهيي جي موٽ ۾ قوم ۽ عوام کان ڪجهه به گهُرڻ کي سدائين عيب پئي سمجهيو آهي. هو سدائين ان ڏس ۾ لطيف سائينءَ جي هيءَ سِٽَ پڙهندو آهي ته:

ناامُيـــدي آجڪـــو اوڇــڻ آديســـين

يعني آديسين جو لباس ئي نااُميدي هوندو آهي ۽ هنن جو پورهيو ڪنهن به رسمي اُميد ۽ موٽ کان بي نياز هوندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌي سماج لاءِ عام طور اهو چيو ويندو آهي ته اُهو بي شناس يا وڏن ماڻهن جو گهُربل قدر نه ڪندڙ معاشرو آهي، ويندي ڪي ته اُن کي مُرده پرست سماج سان تعبير پيا ڪندا آهن. پر مون سدائين نه رڳو اُن راءِ کي غلط پئي سمجهيو آهي بلڪ جيترو قدر مون ادب، فن، عِلم ۽ قربانين جو سنڌي سماج ۾ ڏٺو آهي، اُن جو مثال گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي ٻي ڪنهن به قوم ۾ نٿو ملي. پنهنجي غيررسمي ۽ انقلابي خيالن ۽ جدوجهد جي ڪري جتي محترم رسول بخش پليجي کي سنڌي سماج ۾ سدائين تڪراري سمجهيو ۽ ٻڌايو ويو آهي، اُتي اها به هڪ حقيقت آهي ته جيتريون محبتون، پيٽائون ۽ ساٿَ هن شخص کي سنڌ ۾ مليا، اُهي تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيا هوندا.

هيءُ ڪتاب سنڌ جي چوندڊ دانشورن، اديبن ۽ شاعرن طرفان سنڌ جي هن يگاني فرد کي مليل پيٽائن جي ترجماني ڪندڙ لکڻين تي مشتمل آهي ۽ ظاهر آهي ته اُهي سڀ ماڻهو جيڪي مڪمل طور هن جا هم خيال ۽ همسفر نه رهيا آهن، اُهي به کيس سنڌ جو هڪ جينيس، ڪاهوڙي، ڏاهو، وڏو اديب ۽ قوم جو هڪ معمار سمجهن ٿا. مان سمجهان ٿو ته هيءُ ڪتاب محترم رسول بخش پليجي جي شخصيت، پورهيي، قربانين ۽ ڪيل جدوجهد توڙي اُن جي نتيجن کي سمجهڻ ۾ هڪ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو ۽ ان ئي مقصد تحت اسان هن ڪتاب کي شايع ڪري رهيا آهيون ته جيئن ايندڙ وقت جي ايماندار محققن ۽ پارکُن کي سنڌ جي هن املهه ماڻڪ جي سوچ، عمل ۽ فڪري ڪردار جي صحيح ڳڻ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

**جامي چانڊيو**
**ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر**
**سينٽر فار پيس اينڊ سول سائٽي**
**(سي پي سي ايس)**

Gul Hayat Institute

محمد ابراهيم جويو

# عظيم ٻوليءَ جو عظيم نثر نويس

هيءُ ڪتاب، ”سنڌي ذات هنجن“ ادب جي پرک جو هڪ ڪتاب آهي، جيڪو اسان جي سڄاڻ ساٿيءَ، اسان جي ادبي حالتن ۾، اسان لاءِ لکڻ مناسب سمجهيو آهي ـ اڻين ئي جيئن هن 1960ع ڌاري ”انڌا اونڌا ويڄ“ اسان لاءِ لکيو آهي.

هيءُ اسان جو بهادر ساٿي گذريل ڇئن سالن کان لاهور جي لکپت جيل ۾ بند آهي، بيمار گذاري ٿو ـ پر اسان جي حالتن کان باخبر آهي ۽ اسان لاءِ سوچي رهيو آهي. دراصل اتي هو اسان جي ئي ڏوهن جو ڪفارو ادا ڪري رهيو آهي ـ جيتوڻيڪ تازو پنهنجي شعور ۽ ارادي جي زنده هجڻ جو جيڪو ثبوت اسان وٽان ڪيس مليو آهي، ان ڪيس بيحد خوش ڪيو هوندو.

پنهنجي هن پياري ساٿيءَ سان اسان جا انيڪ لاڳاپن جا ڌاڳا ـ رات جي اُپ ۾ سدا چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن جا ڌاڳا، ڏينهن جي اوجل صبح جا ڌاڳا، اسان جي حال جا ڌاڳا ـ ڳنڍيل آهن ۽ ڪو هڪ ڌاڳو به ڇڪجي ٿو، ٿوري ئي ڪا ان کي ساه اچي ٿي ته هن جو من ضرور اتي لرزيو هوندو. پر خاص طرح اسان جي ٻولي، جيڪا اسان جو ساه آهي ۽ جنهن سان اسان جو من جيئي ٿو، اها هن کي ۽ اسان کي (ان کان اسين باخبر هجون يا نه) هڪ گهڙي به جدا ٿيڻ نه ٿي ڏئي. ”ٻولي“، آواز ـ دانهن ۽ دانهن جو جواب — ٻوليءَ جا لفظ ٻوليءَ جون ڳالهيون زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ ان لاءِ وڏو آٿت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن. روسي اديب ترگينيف (1818ـ83)، جنهن پنهنجي عمر جو سڄو اڌ عرصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو، پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو



Gul Hayat Institute

هو: جڏهن بہ مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن بہ پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿي مون کي بچائين ٿي. جي تون نہ هجين تہ پڪ ئي پڪ، جو ڪجھ منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، ان کي ڏسي، آئون هوند ڍهي، ٻنھ پٽ اچي پوان: پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تہ هھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي!" اسين بہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا تہ اها اسان جو ڏڍ آهي، آٿت آهي ۽ اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي ۽ جيڪا ٻولي اسان کي اڄ "سندي ذات هنجن" جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي ۽ ان جهڙي پرڪ ڏيئي سگهي ٿي. اها ٻولي ڪيئن نہ عظيم هوندي ۽ نيٺ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان گهٽ ڪنهن قوم کي ملي هجي!

ترگينيف جو لاش جڏهن ٽيهن سالن جي غريب الوطنيءَ کان پوءِ روس جي مٽيءَ ۾ پورجڻ لاءِ پئرس مان وڃي رهيو هو تڏهن مشهور فرينچ اديب، فيلسوف ۽ تاريخ نويس، رينان، چيو هو: "ترگينيف کان وڌ دنيا ۾ اڄ ڪو شخص ڪونهي، جو هڪ پنهنجي سڄي قوم جو ترجمان بنجي سگهيو هجي. هن جي وڏن جا ڪيئي خاموش نسل جيڪي صدين جي ننڊ ۾ ٻڏل هئا، انهن کي بہ هن جي ذريعي آواز مليو آهي ۽ اهي وري زندھ ٿيا آهن". سچ پچ، ٻولي قومن جو آب حيات آهي..... انساني روح جو سدا تازو پريو پاڪيو پاڪ چشمو جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو ماضي گڏ ڪري رکن ٿا، ۽ پنهنجي تمنائن جو چاڻ جو تجربي جو ۽ اڳ ويچار ۽ پروڙ جو عڪس ڏسن ٿا ۽ اهو سڄو ڪم سندن سگهڙ، اديب ۽ شاعر ڪن ٿا. ترگينيف نثر نويس هو ۽ همہ وقتي اديب هو. شعر جي دنيا ۾ اسين بہ پنهنجي تاريخ جي هڪ دور ۾ هڪ اهڙو پنهنجو محسن رکون ٿا – لطيف – جيڪو هڪ ئي سگورو شخص اسان جو پورو ترجمان هو ۽ پوءِ اسان کي ٻيا بہ ڪي شاعر پنهنجي پنهنجي دور جا ڪجھ ڪجھ ترجمان مليا: پر اسان جي نثر جي دنيا اڃان اهڙن ئي رڳو ڪجھ ڪجھ ترجمانن سان آباد آهي، اُن کي اڃان ڪنهن دور جو هڪ ئي پورو ترجمان نہ مليو آهي. اسان جي هن رهنما اديب ۽ نقاد ساٿيءَ رسول بخش پليجي، ۾ اها ذات ۽ ڏانءُ هئا، جو هو ادب جي نثري صنف ۾ پنهنجي دور جو پورو ترجمان بنجي سگهي ها – پر، افسوس، هن جي سياسي مصروفيتن هن کي اها فرصت نہ ڏني.

هلندڙ صديءَ جي پوئين اڌ شروع ٿيڻ سان اسان جي ادبي دنيا ۾ هڪ تازه دم چرپر شروع ٿي، ۽ اسان جا قلمڪار، شاعر ۽ اديب، ملڪي آزاديءَ جي مسئلن سان مڪاميل ٿيندي ئي ۽ انهن جي پهرين اجنبيت ۽ دهشت تي غالب پوندي ئي، پنهنجي وطن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا – پنهنجي ماڻهن جون، انهن جي غريبيءَ

Gul Hayat Institute

جون، انهن جي سياسي اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جون ۽ سندن روزمره جي مسئلن جون... ۽ ائين ڪجهه وقت ئي نه گذريو ته سندن حيرت جي حد نه رهي، جو مٿن تهمتن ۽ بهتانن جا بند ڀڄڻ شروع ٿي ويا، ۽ ري گناهه هو ڪافر بنجي ويا. غدار به ٿي ويا ۽ ڪيئي قسم جا لقب مٿن لڳي ويا. ڳالهه ڪي ڪجهه ڪنائيندي ڏنائون ته اهي ڏوڙيا مٿن اتان ٿي اٿيا جتي جهالت هئي، بيجا عصبيت هئي ۽ هٺ ڌرمي هئي، ۽ وڏي ڳالهه ته جنهن پاسي دولت ۽ دولت جا ذريعا هئا ۽ اقتدار هو ۽ انهن جو اونو هو ۽ انهن تي ڏاڍو وڏو آڌار ۽ گهمنڊ هو. ترت ئي پوءِ خود منجهن به ڪي اهڙا نڪورا نوان اديب اسري ميدان تي آيا- جيڪي سامراجي يورپ جي انساني زوال کان متاثر "جديديت" جا سڏا يا ان جي اثر ۾ آيل ڪجهه اهڙي اردو ادب ۽ ڪجهه هڪ ٻن ڀارت جي اهڙن سنڌي اديبن وسيلي ايترا ته هڪدم عادي ۽ اصلي متوالا بنجي پيا، جو پنهنجي ادب جي محب وطن ۽ انسان دوست ڪردار کان لا دعوي ٿي، "بيزاري ۽ فرار" جي موڊ ۾، ادب، ۾ "ڳالهه" کي ڇڏي "فن" جا دعويدار ٿي ٻيٺا، ۽ ڪي ته اهم- واد (Egotism) ۾ اچي، خاص طرح "جسم جي پنٿ" (Cult of body) کي "جوانيءَ جي راهه" (Way of Youth) سڏيندي، ڪي اهڙا سطحي ۽ سهل، ابتا ۽ لاتعلق "فنپارا" پيش ڪرڻ لڳا، ۽ اڳرا ٿي، انهن جو دفاع ڪرڻ لڳا، جو عصري ادب جي سرمايه پسند ۽ اقتدار پرست اصلوڪن عداوتين کي پنهنجي تهمت بازين ۽ بهتان تراشين لاءِ ويٺي ويٺي ڪافي گهڻو مواد ملندو رهيو- جيئن هاڻي به انهن کي وٽانئن ملندو رهي ٿو. هن ڪتاب جي مصنف، اسان جي سُجاري اڳواڻ ساٿيءَ، جيئن سنڌي ادب جي پهرين سڏي ۽ پڌري مخالف گروهه جي وار جو بروقت پنهنجي جاندار تصنيف "انڌا اونڌا ويڄ" ۾ تُز جواب ڏنو هو تيئن هن پنهنجيءَ هن املهه تصنيف، "سندي ذات هنجن" ۾ ان ٻئي، "پنهنجن" جي ويس ۾، لڪل ۽ وڏيڪ خطرناڪ دشمن گروهه جي هاڃيڪاريءَ جو وقتائتو جائزو ورتو آهي، جنهن لاءِ سچ ته سنڌي ادب سندس سدا ٿورائتو رهندو.

جيئن پراڻيءَ شيءِ جو پراڻو هجڻ ئي ان جي قدر جو ماڻ نه آهي، تيئن نئينءَ شيءِ جو نئون هجڻ به ان جي چڱائيءَ جو دليل ڪونهي. نظرياتي طور، اسان جا "جديدي" دوست پاڻ به پنهنجي ان "جديديت" جي ڪنهن انساني وٽ يا قدر جا قائل نه آهن- بلڪ هو پنهنجي "جديدي ادب" کي انسان ۽ انسان جي دنيا کان پري رکڻ ئي پنهنجو منصب سمجهن ٿا. اصل ۾، خود فن به هنن لاءِ ڪا اهميت ڪانه ٿو رکي- فن کي هو هڪ کيل، هڪ سانگ ئي سمجهن ٿا ۽ چون ٿا ته زندگي، جيڪا ڳنڀير ۽ ڀڳري آهي، ان سان فن کي ملائڻ ئي نه کپي چو ته فن نرو فن ئي رهڻ کپي. ائين هو زندگيءَ کان فن کي پري رکي، جيئن ادب کي تيئن ان جي فن



Gul Hayat Institute

ڪي ٻه پنهنجي انفرادي مرضيءَ ۽ ريجهه جي تابع رکڻ چاهين ٿا، بلڪ ان لاءِ هو هر تسليم ٿيل ۽ پسند پيل ادبي ۽ فني معيار جي مذاق اڏائين ٿا ۽ جديديت جي عشق ۾، ان لاءِ پنهنجي نفرت، بلڪ ڪراهت، جو اظهار ڪن ٿا. ڪليو ڪلايو هو چون ٿا ته هنن جي تخليق مخصوص ماڻهن لاءِ، بلڪ فقط سندن پنهنجي پاڻ لاءِ آهي- هنن ڪي ئي ان مان مسرت حاصل ڪرڻي آهي ۽ ان لاءِ هنن جي اها ڪوشش ٿي رهي ته پنهنجي فنپاري مان انساني دلچسپي جي ڳالهين يا مسئلن ڪي جيئن پوءِ تيئن گهٽائيندا وڃن — ويندي سندن ادب ۾ سندن ٻولي به ماڻهن جي ٻولي نه رهي- تان جو باقي جيڪا سندن ڪاوش بچي سا خالص سندن ”فن“ هجي، ۽ پوءِ اهو اهڙو فن هوندو، جو ان ڪي فقط فن جا خاص ڄاڻو يعني آخري طور رڳو هو پاڻ ئي، سمجهي سگهندا ۽ ان مان سچي جمالياتي مسرت ۽ پيو به جو ڪجهه ان ۾ باقي هجي سگهندو، سو اهي پاڻ ئي ان مان حاصل ڪري سگهندا.

هيءَ جديديت، ”جدت براءِ جدت“، ”جدت پنهنجي ريجهه ۽ رونشي لاءِ“، ادب ۽ فن جو ائين جيڪو حشر ڪري ٿي، ان مان ڏسي سگهجي ٿو ته فائدو نيٺ ڪنهن ڪي آهي. جيڪڏهن ان مان انساني ڪارج، انسان ڪي بهتر بنائڻ جو ڪارج انساني سماج جي تبديليءَ جو ڪارج، سڌ نه ٿيو ته باقي ان مان فقط هڪ ئي ڪارج سڌ ٿيندو يعني بيٺل ۽ موجود سماج جي خيريت ۽ سلامتي ۽ ان جو تحفظ ۽ اهوئي اسان جا هي، فقط ڏک ۽ نالي لاءِ، پاڻ ڪي ”نئين ڪان نوان“ ترقي پسند چوندڙ دوست چاهين ٿا - چو ته هو (عالمي توڙي ملڪي، ڪنهن به سطح جي) انقلاب ڪان ڊڄن ٿا ۽ ڪين ان ڪان نفرت آهي، جيڪو مٿن ذميواريون رکڻ چاهيندو ۽ هو انساني مسئلن جي سلسلي ۾ ڪا ذميداري قبولڻ لاءِ تيار نه آهن.

عالمي سطح تي، مغرب جو سامراج اڄ ڪليو ڪلايو انسان دشمن فسطائي راهه تي بيٺو آهي ۽ ڪٿي به، ڪنهن به صورت ۾ انقلاب نٿو چاهي. دنيا جو هر سک ۽ چڱائي ۽ ان جي دولت جا سڀ وسيلا هو پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو ۽ ان لاءِ هو جيئن سائنس ڪي تيئن ٻئي علم، ادب ۽ فن ڪي پنهنجي عوام ۽ پوئتي پيل محڪوم دنيا جي قومن ۽ عام انسانن جي خلاف استعمال ڪرڻ چاهي ٿو- سائنس ڪي هڪ دڙڪي طور يعني ان جي ڊيڄاريندڙ ۽ ناس ڪندڙ حيثيت سان، ۽ علم، ادب ۽ فن ڪي هڪ دلبي طور يعني انهن جي منفي ابلاغي حيثيت محڪوم ۽ پوئتي پيل دنيا ۾ هڪ سامراج جي ”گراهڪ“ قومن جون حڪومتون ۽ اتان جا حڪمران طبقا — چاڪاڻ ته اهي به پنهنجي پنهنجي ملڪ جو هر سک ۽ چڱائي ان جي دولت جا سڀ وسيلا پاڻ لاءِ پسند ڪن ٿا. مغرب جي ان انسان دشمن سامراجي منصوبي ۾ شريڪ آهن، چو ته ان ۾ اهي پنهنجي فوري خيريت ۽ سلامتي ڏسن ٿا. ادب ۽ فن ۾

Gul Hayat Institute

”جدت برائي جدت“ جو رجحان: انسان ۽ انسان جي مسئلن ڏانهن بي تعلقيءَ جو رجحان، ادب ۽ فن کي سندن ان منفي ابلاغي حيثيت ۾، عالمي سامراج لاءِ ۽ ان جي گراهڪ قومن جي حڪمران طبقن لاءِ، انهيءَ دلبي طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهي جيڪي عالمي سامراج ۽ ان جي ملڪي حڪمران گروهن جي منصوبن کي ڄاڻن ٿا ۽ انهن سان شامل نہ آهن سي هرگز پنهنجي ادب ۽ فن کي، جديديت جي چڪمي ۾، ائين دلبي طور استعمال نہ ڪري سگهندا.

اسين پنهنجي محترم عزيز ساٿيءَ جا دلي شڪر گذار آهيون، جو پاڻ اسان کي هيءُ وقتائتو ۽ اهم ڪتاب ڏنو اٿن. ادب ۽ فن ۾ جديديت جي فتني لاءِ، جنهن جا مغرب جي سامراجي دنيا، جتي ان جي اوسر ٿي، گهٽيئي دلڪش نالا ۽ گهڻيون ئي مٺي –ڦير تاويلون موجود آهن، ان سڀ کان پاڻ اسان کي هن ڪتاب ۾ جيڪا تفصيلي ڄاڻ ۽ پرک جي ڪسوٽي ڏني اٿن اها اسان لاءِ پنهنجي ادب کي وطن دوست، عوام پسند، انقلابي راهہ تي قائم رکڻ ۾ املهہ رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهندي ۽ اها راهہ ئي اسان لاءِ پنهنجي ادب ۽ فن جي سچي ترقي پسند انساني راهہ آهي.

**(مهاڳ: سندي ذات هنجن)**

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

# عظيم انقلابي ٿيوريٽيشن

تنوير وٽ نيرن ڪري اسان حيدرآباد لاءِ ڪار ۾ نڪتاسين ۽ نئين ٽويٽا ڪارُن ۾ اٽڪل 3 بجي حيدرآباد پهتاسين. اُتي صلاح ڪئي سين تہ هتي ئي ضامن جي درخواست تيار ڪري وٺجي ۽ صبح جو ڪراچيءَ ۾ ڪنهن وڪيل دوست کان ڪورٽ ۾ داخل ڪرائجي. مون فاران هوٽل ۾ ڪمرو ورتو ۽ اُتي سامان رکيو ۽ ماني کائي آياسين رسول بخش پليجي جي جاءِ تي. پليجو پاڪر پائي مليو تہ مون هن کي چيو تہ ”ڳاڙهو ڪتاب تہ کول، ڏس تہ ڪامريڊ مائو ڇا ٿو چئي؟“

”ڇا جي باري ۾؟“ پليجي پڇيو.

”مون تي 123 الف ۽ 295 الف پ – پ – ڪ هيٺ ڪيس ٿيو آهي. مون ڪالهہ پنهنجي آفيس ۾ 123 الف تي ڪيس لاءِ (Case Law) ڳوليو تہ معلوم ٿيو تہ پوري پاڪستان جي تاريخ ۾ ان قلم هيٺ رڳو خان عبدالغفار خان تي ڪيس ٿيو آهي.“ پليجي جواب ڏنو ”مون تہ شاهہ جي رسالي کي بہ ڳاڙهو جلد ڏياريو آهي. اڄ تہ انهيءَ ۾ فال وجهون.“ هن شاهہ جو رسالو اکيون ٻوٽي وچ مان پٽيو ۽ هينئين بيت تي آڱر رکيائين:

ڏنگر ڏنا نوڙ، مون پارکو پُڇئا،
هيڪليون هلن جي، سي تاڳُن سندي توڙ
ايءَ آهُکي پوڙ، سُونهن ريءَ نہ سُٽري.

پليجي اکيون پٽي آڱر هيٺان آيل بيت پڙهيو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو ”وه وا ! وه وا! تڏهن تہ مون مائوءَ جي ڳاڙهي ڪتاب تي ”مائوءَ جو رسالو“ نالو رکيو آهي. ڇا ٿو پائين؟ ”هيڪليون هلن جي، سي تاڳُن سندي توڙ“! تڏهن تہ مان چوندو آهيان تہ پارٽي کان سواءِ پنهنجي مسئلي جو حل ناممڪن آهي. پٽائي

Gul Hayat Institute

چئي ٿو تہ هيءَ اهڪي پونءِ سونهن ڪانسواءِ ستري ٽيڻ واري نہ آهي. باقي جڏهن اُهي پارڪو پچن ٿا تہ ڏونگر جا ڏنا جهڪيو پون ٿا.“

مون جواب ڏنو”اجان تہ هيڪلو هلڻو آهي، جيسين تون سونهان پيدا ڪري سگهين.“

پوءِ مان ۽ پليجو ضامن جي درخواست لکڻ وينا سين جا اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ تيار ٿي وئي. جي پليجو سياست ۽ ادب تي ايترو وقت صرف نہ ڪري ها ۽ فقط وڪالت تي توجهہ ڏي ها تہ پاڪستان جي بهترين وڪيلن مان هجي ها. تقدير هن کي ڪيري تہ بي ڳالهہ آهي نہ تہ مون کي هن جو مستقبل نهايت درخشان نظر ايندو آهي. ڳالهيون ڪندي مون پليجي کي چيو ”انڌا اونڌا ويچ سنڌ کان ٻاهر بہ گهٽيئي تي ويا آهن.“ جنهن تي پٽيءَ چيو ”هاڻي تہ ڪل بہ ڪاري رهيا آهن.“ اُن ڪانپوءِ ڪيترو ئي وقت پليجو موجوده مسئلن جو حل تجويز ڪندو رهيو. جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن اسان هن سان نااتفاقي ٿي ڏيکاري پليجي کي مارڪس، اينجلز، لينن ۽ مائو بر زبان ياد آهن ۽ هو ڪنهن وقت بہ پنهنجن دليلن کي اُنهن جي حوالن سان هٿي ڏئي سگهندو آهي. هو هڪ ڪتاب پڙهي مصنف جي ساري زندگيءَ جي تجربي جو نچوڙ ڪڍي وٺندو آهي. هن جي بي انتها ذهانت کان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي جيتوڻيڪ ڪيترائي ساٿي هن جي حڪمت عمليءَ سان متفق نہ هوندا آهن. هو اردو، انگريزي ۽ سنڌيءَ جو نهايت چڱو مقرر آهي ۽ هن ۾ هڪ عظيم انقلابي Theoretician ٿيڻ جا سڀ امڪان آهن. جي حالات هن جو ساٿ ڏنو تہ هو ڪنهن وقت سنڌ جو هوچي منهہ ٿي ويندو. مون کي ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ هن منهنجي شاعريءَ جي بچاءُ ۾ هڪ پورو ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ لکيو آهي.

پليجي مرغيءَ جا تِڪا ۽ نان گهرايا ۽ اسان رات جي ماني کائي، هن کان موڪلايو. موڪلاڻيءَ وقت پليجي ٻڌايو تہ هن سان غضب ٿي ويو هو. هن ڪيئي ڳاٽا گهر گهرائي انهن کان منهنجا گيت ٽيپ ڪرايا ها پر هن جي ياءُ اها ٽيپ غلطيءَ کان ضايع ڪري ڇڏي هئي. پوءِ هو مرڪيو (۽ هن جي اها مرڪ وڏي ڪوڙڪي هوندي آهي) ۽ مون کي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، ”ريڊيو حيدرآباد تي توکي ڳايو وڃي يا نہ اهو وقت دور نہ آهي جو سڄيءَ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تنهنجا گيت ڳايا ويندا. هن وقت تائين ڪوئي طوفان کي زنجير وجهي نہ سگهيو آهي“. مون کي هن جي اها ساراهہ ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي.

اسان پليجي کان موڪلائي فاران هوٽل جو رستو ورتو هوٽل وٽ پهتاسين تہ رشيد چيو ”پر تون موٽي چو نہ ٿو هلين ۽ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ چو نہ ٿو آڇين؟ شينهن جو پُڇ پٽي، گدڙ وانگر لڪندو ٿو وتين!“ ڳالهہ تہ دل سان لڳي پر پنتي موٽڻ هن جي طنز سهڻ کان وڌيڪ مشڪل هو. (ساهيوال جيل جي ڊائري)



Gul Hayat Institute

...پهرين جولاءِ تي آرٽز ڪائونسل ۾ ڪئسيٽ جو مهورت هو جو وائسز گروپ پيريو هو. اسٽيج تي مائڪرو فون جي اڳيان فيض صاحب جي تصوير لڳل هئي، جنهن کان جڻ صدارت ڪرائي وئي هئي. اسٽيج تي مون سان گڏ رسول بخش پليجو سوپو گيانچنداڻي، اسلم اظهر ۽ بيدل مسرور ويٺا هئا. جن موسيقيءَ تي ۽ فيض صاحب ۽ منهنجي شاعريءَ تي تقريرون ڪيون. رسول بخش پليجو جيترو چڱو لکندو آهي، ان کان به وڌيڪ چڱو ڳالهائيندو آهي. ڪيس سنڌي، پنجابي، اردو ۽ انگريزيءَ تي عبور آهي ۽ چئني ٻولين ۾ هن جي هڪجهڙي فصاحت ڏسي ٻڌندڙ دنگ رهجي ويندا آهن...

پليجي جو بين الاقوامي سياست، حالتن ۽ نظرين جو مشاهدو ۽ مطالعو وسيع آهي ۽ نهايت چڱو ڳالهائي سگهندو آهي. هونءَ به هاڻي هو چوٽيءَ جي ليڊرن مان آهي. هن جي سڏ تي اندرون سنڌ مان سوا لک سنڌي ڪراچي آيا هئا، جن مان ڏهاڪو هزار ته عورتون هيون. هن کي ٻڌي مون کي ائين لڳندو آهي ته هو جدليات هيگل مان نه سکيو آهي پر اها جيئي سنڌ تحريڪ جا بند پيچي هن تائين پهتي آهي. منهنجي نظر ۾ هو مارڪسٽ آهي پر جڏهن کان چين مائوءَ جي ثقافتي انقلاب جا پرخچا اڏائي ڇڏيا آهن، هو ڪنهن به "ازم" جي ڳالهه نه ڪندو آهي ۽ پنهنجي ترقي پسند نظرين کي پنهنجي نهايت موثر ۽ منفرد ٻوليءَ ۾ پيش ڪندو آهي. هو لکن ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائي سگهندو آهي ۽ هن کي ٻڌي ماڻهو پنهنجي سُڌ ٻُڌ پلجي ويندا آهن.

پُٽي صاحب کان پوءِ پليجو پاڪستان جي گوناگون شخصيت آهي. هن جو دشمن به هن جي بي انتها ذهانت، تجزيي جي انفراديت، گهرائيءَ ۽ دور انديشيءَ کان انڪار نه ڪري سگهندو آهي. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته هن پنتي پيل صوبي ۾ عوام جي نفسيات تي هن کي حيرت انگيز عبور آهي...

منهنجي هڪ پاسي پليجو ۽ ٻئي پاسي سراج ۽ سوپو ويٺا هئا، ٿورڙو پري اسلم اظهر ويٺو هو. مون پليجي کان پڇيو.

"سيد سان وقت ڪيئن ٿو گذري؟"

"ڏکيو ٿو گذري" پليجي جواب ڏنو.

"هون" چئي مون خاموشي اختيار ڪئي....

مون سنڌياڻي تحريڪ ۾ سوين ڇوڪريون ڏٺيون آهن جي سياسي طور باشعور آهن. مردن سان برابريءَ جي دعوي ڪن ٿيون ۽ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو وٺن ٿيون. رشيد ڀٽيءَ جي وفات کان مهينو کن اڳي هن جي پاڙي ۾ ساريءَ سنڌ جي سنڌياڻي تحريڪ جو جلسو هو.

Gul Hayat Institute

جنهن جي صدارت مون ڪئي هئي ۽ جنهن ۾ مرحوم رشيد ڀٽي مهمان خصوصي هو. مان سنڌ جي نئين نسل جي عورت ۾ تبديلي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هوس. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته انهن ۾ ڪيترين ڀهراڙيءَ جون عورتون به شامل هيون، جي ڪير پياڪ ٻار ڪڇن تي کڻي آيون هيون. سنڌي عورت جي آزادي سنڌ جي ايندڙ آزاديءَ جي علامت آهي. ان ۾ پليجي جي ماٽيلي ڌيءَ اختر بلوچ (مشهور فنڪاره زرينه بلوچ جي ڌيءَ، جنهن منهنجا ڪيئي گيت، نظم وايون ڳاتيون آهن. جن جي هڪ ڪئسٽ ته سنڌالاجيءَ وارن ڀري هئي ۽ ڪافي وڪاڻي هئي.) جو وڏو هٿ آهي. هونءَ ته ان ڳالهه لاءِ به ڪيرون پليجي لهڻيون جنهن جو ذهن ان تحريڪ جي پنيان آهي. هن جي وڏي ڳالهه اها آهي ته هن نه رڳو پنهنجي پر پنهنجن پٽن، پيئرن، پائرن، زال ساري خاندان جو سنڌ لاءِ بک ڏنو آهي. جنهن جو مثال سنڌ ته ٺهيو پر پوري برصغير ۾ ورلي آهي. هن سان ماڻهو اختلاف ته رکي سگهن ٿا پر هن جي يگانگت سان انڪار فقط هن سان ضد جي علامت آهي.

**(ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون)**

Gul Hayat Institute

رشيد ڀٽي

# رجعت پرستيءَ کي جواب

سنڌ جي نامور اديب، ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ دانشور رسول بخش پليجو روزانو ”خادم وطن“ حيدرآباد ۾ رجعت پرستن کي هڪ سلسليوار مضمون ذريعي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ شروع ڪيو. انهن مضمونن کي پوءِ گڏي ڪتابي صورت ۾ ”انڌا اونڌا ويج“ جي نالي سان ڇپرايو ۽ شايع ڪرايو ويو. ان جو مهاڳ ڪامريڊ ابن حيات پنهور لکيو ۽ ڪتاب 1967ع ۾ پڌرو ٿيو. هي ڪتاب ادب ۾ ۽ خاص ڪري سنڌي ادبي تنقيد جي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ بنيادي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ترقي پسند نڪته نظر کان تنقيد جي اصولن کي بنياد بڻائي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي. هي مثالي ڪتاب ڪو عرصو تنقيد لاءِ رهنما ڪردار ادا ڪندو رهيو. هن ڪتاب ۾ پليجي پنهنجي ڏاهپ، ڏات اظهار جي ٻي ٻاڪي، اسلوب جي ٻي ساختگي ۽ زبان تي دسترس سان رجعت پرستن کي اهڙا ته سڌا سڌا جواب ڏنا جو عام سمجهه ٻوجهه رکندڙ سنڌي خاندي لاءِ ٻه ان سنڌ دشمن ٽولي جي نيت ۽ مقصد مراد کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانه ٿي ٿئي. هن نه رڳو رجعت پرستن جي سياسي ۽ اقتصادي محرڪن، ارادن ۽ سازشن ۽ سندن اصلي، پردي پٺيان باعمل آقائن (سرڪار، جماعت اسلامي ۽ پنجابي پناهگير ٻٽ) جي منصوبابندي جو پوسٽ مارٽم ڪيو پر انهن ڪوهه جي ڏيڏرن ۽ گهاٽي جي ڏاندن جي اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت، علمي فقدان ۽ ان سبب غير مقبوليت، ادبي ميدان ۾ پٺتي پاڻ جيان سڙي رک ٿي وڃڻ سبب نفسياتي ردعمل جي ٻه اُڏيڙ اُکيڙ ڪئي. مطلب ته پليجي ان ڪاوش سان سچ پچ رجعت پرستن ۽ انهن جي نقادن کي انڌو اونڌو ويج ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو. هن ڪتاب ۾ نئين ۽ پراڻي، رجعت پرستن ۽ ترقي پسندن جي وچ ۾ تضادن ۽ ٽڪرائن جو تاريخي پسمنظر ٻه پيش ڪيو ويو ته هر دور ۾ اهڙا سچ، سونهن ۽ سيبتائيءَ جا پرچارڪ پيدا ٿيندا رهيا آهن جي ”پنيءَ جَجَ مَ

Gul Hayat Institute

ڄُل” بجاءِ پنهنجي پوين عوام جا انبوهہ کٽي هلندا آهن ۽ انهن سچارن ۽ سلڇڻن جا مخالف ذهنن تي تالا هڻن. سوچ تي پهرا وهارڻ ۽ خيال و فڪر تي بندش وجهڻ لاءِ مٿن زنديق، ڪافر، ملحد ۽ مرتد هئڻ جون فتوائون ڏيارائيندا ۽ ڏيندا آهن. اياز ۽ ٻين ترقي پسند سنڌي شاعرن جي مڏ، مڏرتا، ڪاريا ۽ مايا جهڙن هندي ٻڻ وارن لفظن جي استعمال تي اعتراض ڪندي اوندهہ جا ابا مٿن هندستان جي ايجنٽ هجڻ جو الزام هڻن ٿا ۽ کين اسلام دشمن ڪوٺين ٿا. پليجي ان ڏس ۾ شاهہ جي سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ رام ڪلي وغيره مان ڍير لفظ ڪڍي، اصطلاح ۽ محاورا پيش ڪري کين للڪاريو تہ هو شاهہ ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن مٿان اهي بهتان هڻي رهيا آهن. (اڻ سڌي طرح). ان ڪري هو نہ رڳو اياز ۽ سندس ترقي پسند لڏي جا دشمن آهن، پر سنڌي شاعرن، تخليق، سچ، سونهن ترقيءَ ۽ اوسر جا دشمن آهن، ڇو جو نظرياتي طور هو سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا دشمن آهن، جا تصوف جهڙي اسلامي مڪتب فڪر جي عظيم مبلغ ۽ مفسر آهي. هو انهن سنڌي صوفي ڪلاسيڪي شاعرن کي سڌي طرح پنهنجي حملي جي نشان بنائڻ بجاءِ، سنڌ جي جديد شاعريءَ تي حملو ڪري اڻ سڌيءَ طرح انهن تي ملامت ۽ حملو ڪن ٿا. اهو حرڪتي عمل سندن اخلاقي جرئت جي ڏيوالپڻي جو ثبوت آهي، سندن بزدلي ۽ منافقيءَ جو مظهر آهي. جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ تي غير اسلامي هئڻ جي ٺپي هڻڻ تي پليجي ڪائنڻ، پنهنجي مخصوص طنزيہ ۽ چڀندڙ انداز ۾ پڇيو تہ سندن (رجعت پرستن) ذهني عياشي، جنسياتي خط، حسن پرستي، عورتن جي مخصوص عضون جو گگون ڳاڙيندڙ ذڪر، ڏاري عورت جي سونهن، صورت ۽ جوانيءَ جو چشڪيدار بيان، ڪهڙي پئماني ۽ لحاظ کان اسلامي ۽ جائز آهن؟ بقول گرامي فارميسي، اڙدو ۽ سنڌي جا ڪلاسيڪي عظيم شاعر ڪهڙا بزرگان دين، عالم اسلام، مبلغ ۽ مفسر هيا فقيہ يا امام هيا، جو انهن جي شاعري عين اسلام ۽ باقي ساڳئي موضوع ۽ مقصد واري نئين شاعري غير اسلامي؟ اسان جا اُهي شاعر بہ نون ترقي پسند شاعرن جيان رڳو هڪ حساس دل رکندڙ، اونهي سوچ رکندڙ عظيم انسان، محبت جا معتقد ۽ نفرتن جا دشمن هئا! پليجي جي هن تنقيدي ڪارنامي جو پڙاڏو ڏهاڪو سال کن سنڌي ادب جي فضا ۾ گونجندو رهيو ۽ اُن گونج ۾ رجعت پرستن جو مڻ مڻ وارو مادي ڪُڪڙ جهڙو آواز دٻجي گم ٿي ويو.

**(مهاڳ خط، انٽرويو ۽ تقريرون)**

**ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو**

# جڳ ملوڪ اديب

رڳو گذريل پنجن سالن جي عرصي ۾ لکيل سنڌي ادب جو ئي جائزو وٺبو ته به معلوم ٿيندو ته اسان ادب ۾ صحتمند ۽ صالح قدرن جو اضافو ڪندا رهيا آهيون.

سنڌي اديب سنڌ ۾ لکندو رهيو هجي يا دنيا جي ڪنهن به ٻئي حصي ۾، هو هر حالت ۾ جديد ترين معلومات جي تلاشي ۾ رهي ٿو پڙهي ٿو خيال ۽ حوصلي سان لکي ٿو پاڻ کي ذميوار ۽ فرض شناس سمجهي لکي ٿو بهترين تحريرون پڙهي ٿو ڪوشش ڪري ٿو ته هو هڪ اديب جي زندگي گذاري ۽ انساني سماج ۾ جيڪو ڪم ڪيس ڪرڻ گهرجي سو ڪندو هلي. مخالف به انهيءَ ڳالهه جي اقرار ڪرڻ کان رهي نه سگهندا ته سنڌ جي اديبن جي اڪثريت فڪري طرز عمل رکي ٿي. سنڌ جا اديب نظرياتي وفاداريءَ جو ثبوت ڏين ٿا ۽ هو اهڙي سوال تي جيڪو ڪائنات نظرياتي سنگت ۽ ساٿ جي تقاضا ڪري ٿو هو پاڻ ۾ ملي اهڙي سنگت ۽ اهڙو ساٿ ٺاهين ٿا ۽ هڪ ٻئي سان سهمت رهڻ ۽ سهڪاري رهڻ جو عهد نامو ورهائين ٿا. اهڙا ئي دوست اسان کي سنڌي ادبي سنگت ۾ ملن ٿا ۽ ٻيءَ هر ادبيءَ سنگت ۾ به ملن ٿا جيڪا سڏريل ذهنن جا نوجوان هلائين ٿا يا تجربيڪار اهڙا بزرگ هلائين ٿا جن جو ادبي تجربو اڌ صديءَ جي ادبي تجربي جيترو آهي.

اهڙي ئي پسمنظر ۾ رسول بخش پليجو به لکندو رهيو آهي. اسان گذريل ٿوري عرصي ۾ عصري تحريڪن، هم عصر قدرن، تاريخ جي ڪردار، نظرين جي متحرڪ قوت ۽ جدا جدا طريقن جي ڦرمار ۽ انساني سماج ۾ سرمائي جي آڏار تي هٿرادو تصورن جي حمايتي بنيادن ۽ جدا جدا طريقن جي آزارن، عذابن، ڏکن ۽ ڏاکڙن جو ذڪر ڪندا رهيا آهيون. اسان ورجائي ورجائي پئي چيو آهي ته اسان (يا انساني سماج) ڪيترين ئي نمونن جي غربتن ۽ مايوسين جو شڪار آهيون پر



Gul Hayat Institute

اسان زندهہ آهيون، ”آهيون“ ۾ لڳاتار جدوجهد ۾ آهيون ۽ اسين ائين ئي رهنداسون. هنن سوالن تي اسان دنيا جي ٻين زبانن ۾ موجود ادب جي مدد بہ ورتي آهي، مثال طور اسان ”فلسفي جو ابتدائي ڪورس“ ۽ ”علم تدريس مظلوم قومن لاءِ“ جهڙا ڪتاب ترجمو ڪري پڌرا ڪيا آهن. انهيءَ ئي پسمنظر ۾ اسان ادبي تنقيد جي موضوع تي بہ لکيو آهي ۽ پليجي صاحب هن سوال تي ”سنڌي ذات هنجن“ جي عنوان هيٺ لکي، هن سوال تي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.

محترم پليجو اڄ بہ ڪاٺ ۾ آهي، ڪالهہ بہ ڪاٺ ۾ هو ۽ ان ڪان اڳيون ڏينهن بہ هن ڪاٺ ۾ گذاريو هو ۽ شايد سپاٽي جيڪو سچ اپرندو اهو بہ پليجو پاڻ ڪنهن آزاد زمين تي ڪاٺ ڪان ٻاهر ڏسي نہ سگهندو. پر ائين ٿيندو آهي ۽ سنڌ جو اديب انهيءَ سڄيءَ ۽ سربستيءَ ڳالهہ ڪان واقف آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو هو لکي ٿو ۽ سندس ڪتاب بازار ۾ وڪامن ٿا، ماڻهو اهي پڙهن ٿا ۽ پوءِ چون ٿا تہ ”دوستو! توهان کي مبارڪ هجي جو اهو ڏينهن پري نہ آهي جڏهن اسان هڪ ٻئي کي ڳري لڳائي پوءِ هڪ وڏي قطار ناهي بيهنداسون — تمام وڏي قطار جيڪا هڪ طرف وڃي افق سان لڳندي ۽ ٻئي طرف افق وٽان نڪرندي نظر ايندي ۽ ان وقت ماڻهو قطارون ناهي ان قطار ۾ شامل ٿي رهيا هوندا ۽ ان وقت ڪوبہ ڪنهن جو غلام نہ هوندو“.

پليجي جو ويساهہ بہ ايڏو ئي وڏو ويساهہ آهي ۽ هن جو اتساهہ بہ ايڏو ئي وڏو آهي.

پليجو تمام ستو لکي سگهي ٿو، لکي ٿو ۽ تمام گهڻو بہ لکي سگهي ٿو پر ڳالهہ رڳو ايتري نہ آهي: جنهن دور ۾ عام ماڻهو ڪار جي ڊرائيور تي رڳو انهي ڪري اعتماد ڪن ٿا جو اهو ڊرائيور آهي يا ڊاڪٽر تي انهيءَ ڪري اعتماد ڪن ٿا جو اهو ڊاڪٽر آهي توڙي جو زيادهہ حياتيون انهن کي ”ڊرائيورن“ نما ۽ ”ڊاڪٽر“ نما ماهرن جي غفلتن ۽ جهالتن جي ڪري تلف ٿين ٿيون. پليجو جاڳي ٿو، لکي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو، سمجهائي ٿو، سچاٽي ٿو ۽ قبول ڪرائي ٿو. ان ڪري پليجي جو ادبي ڪردار بہ ڪافي نمايان ۽ نرالو ئي رهيو آهي. هن کي معلوم آهي تہ ڊاڪٽرن ۽ ڊرائيورن جهڙا ”انڌا اونڌا ويڄ“ رڳو جسمن جي لاءِ ئي نہ پر تحريڪن جي لاءِ بہ نقصانڪار ٿي سگهن ٿا، هاڃيڪار ٿي سگهن ٿا. ان ڪري اسين سمجهون ٿا تہ هن طرح جو بہ ڪو تعارف پليجي جي پنهنجيءَ اديباڻيءَ سوچ جي عين پٽاندر ثابت ٿي نہ سگهندو پر ”متان چوي ٻروچ تہ هن ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو!“ بس ڳالهہ ئي ايتري آهي. نہ تہ جناب پليجو سنڌ جي انهن اديبن جي باري ۾ بہ اخلاقي راءِ رکي ٿو جن جو ذڪر مون مٿي منڍ ۾ ئي ڪيو آهي. جناب پليجو صاحب جيڪو تقرير توڙي تحرير جو صاحب هئڻ جي ناتي سان جڳ ملوڪ اديب بہ آهي سو پاڻ ڪيترن ئي اديبن جي باري ۾ چاٽائي ٿو تہ ”خبر ناهي تہ هي ”صاحب“ يا هو ”صاحب“ چوڻ ڇا ٿو گهري،“

Gul Hayat Institute

يا، جيئن هن ”سندي ذات هنجن ۾“ ڄاڻايو آهي، ”ڪي ماڻهو“ اجائي ڊيگهه بيڪار بحث، ڇڻڪي ضد ۽ حالت ۾ ورتل آهن پر سندس انهيءَ تصنيف کي بہ عام طور تي پڙهيو ويو سمجهيو ويو ۽ اديبن عام طور تي ائين چيو تہ ”جيڪي لکي ٿو سو سون آهي ۽ اسان کي پڙهڻ گهرجي.“ ڇو جو سنڌ جي اديب جي ادب سان هڪڙي ”ڳانڍاپي جي ڳالهہ“ ٿيل آهي ۽ هن کي ڳالهين تي قائم رهڻو آهي.

پليجي صاحب شاهہ جي ڪلام جي باري ۾ تقريرن جي مدد سان جيڪو سمجهائڻ گهريو، ان کي بہ عام ماڻهوءَ توڙي اديب گهڻو پسند ڪيو ۽ سندس هڪڙو ڪتابڙو ”وڳ ڪيئن وسرياءِ“ گهڻو پڙهيو ويو. جو ان ۾ ادبي تنقيد جي باري ۾ بہ وضاحتون ملن ٿيون ۽ اميد آهي تہ پليجي محترم جو هي ڪتاب بہ تمام گهڻو پڙهيو ويندو. جو هن ڪتاب ۾ بہ صاحب ڪتاب جو اهو ذهن ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو انقلابي قوتن کان متاثر آهي ۽ جيڪو پاڻ انقلابي قوت جو مظهر آهي: پر سڀ کان وڏ ڳالهہ تہ سندس زبان تصوراتي ادب (Fiction)، ڪلچري ادب توڙي زراعتي ڪلچر جي زبان جي مثالي نثر کان سواءِ دل ڊوئيندڙ خيالن جو هڪ بهترين مثال آهي. مثال طور پليجو صفحي 42 تي لکي ٿو—

”۽ پوءِ ڳوٺ جا نوجوان هوندا هئا ۽ سندن اکيون هونديون هيون— شوخ اکيون، گهوريندڙ اکيون، ٽڏڙا ڪيندڙ اکيون، حيرت پريل وائڙيون اکيون، هيسيل اکيون، موالي اکيون، واجهائيندڙ اکيون، عبادت ڪندڙ اکيون، پيرن هيٺان وڇائجندڙ اکيون، چريون ۽ مست اکيون، ڏيچاريندڙ منجهائيندڙ دل جي تار تار کي ڇيڙيندڙ ۽ خوابن جي دنيا ڏانهن سڏيندڙ اکيون. اهي اکيون ڪيس ڪنهن اڻ ڄاتل ٻوليءَ ۾ چونديون هيون: ملوڪان تون هن ڳوٺ ۾، هن ڌرتيءَ تي، هن آسمان هيٺ اڪيلي ۽ نرالي آهين. تنهنجو ڪو بہ ثاني شريڪ ڪونهي. تون سونهن آهين“.

ملوڪان جي باري ۾ هنن اکين ۽ سونهن جو پس منظر تہ شايد تحقيق گهرندو پر جيڪو موجود آهي اهو بہ پليجي صاحب جي پنهنجي اهميت جي خيال کان انتهائي اهم آهي ۽ اهو بہ وڏي غور جي دعوت ڏئي ٿو. پليجي جي ”ملوڪان“ ڪٿي رهي، ان جو ڇا ٿيو سا خبر ناهي يا اها ملوڪان سندس ڪهاڻيءَ ”پسي ڳاڙها گل“ جي هڪ ڪردار ملوڪان ۾ بہ ڪا آهي، پر پاڻ پليجو جيڪو جڳ ملوڪ سنڌي ۽ سنڌ دوست آهي ان جي اکين جو الميواج وڏيڪ اهم بڻجي ويو آهي.

جيئن اسان عرض ڪيو پليجو ڪاٺ ۾ آهي. هو هڪ خطرناڪ اهڙيءَ بيماريءَ جي ور چڙهي ويو آهي جنهن ان جي عجب جهڙين اکين تي برو اثر ڪيو آهي ۽ پليجي جهڙو شير مڙس بينائيءَ کان محروم ٿي رهيو آهي. خطرو اهو آهي تہ دنيا جو هڪ انقلابي انسان، خلوص، بهادريءَ ۽ انقلابي قوت جو هڪڙو پيڪر، جڳ

Gul Hayat Institute

جهان جي اڪين جهڙين اڪين کان ويهي ويندو. ڇا، اهڙيءَ حالت ۾ مظلوم دنيا اهو ”تماشو“ اڪين سان ڏسي سگهندي! ”حيف هجئي ڙي آسمان، توکي حيف هجي“!

پليجو هڪ دنيا جي لاءِ ”سهڻو ماڻهو“ آهي پر اهو اڪيلو نه آهي. سياڻي جڏهن ويندا لُڙ لهي ۽ ٿيندديون اکيون اکين جهڙيون، تڏهن پليجي جون اکيون به ائين ڳائيبيون جيئن حضرت شمعون [مشهور فلم ”سئمسن ۽ ڊلائلا“ ۾ سئمسن جي اکين ڪڍڻ واري واقعي ڏانهن اشارو آهي.] جون ڳايون ويون آهن. اسان چئون ٿا ته پراميٿس [يوناني ڪٿائي هيرو (Prometheus) جنهن انسان کي باهه کان واقف ڪيو هو.] کي آزاد ڪيو. هن پهريون دفعو نه سهي پر هزارن سالن کان پوءِ به وري هڪ دفعو سنڌ کي ۽ ساز ۽ سوز سان آباد هن ڌرتيءَ کي ملوڪان جي اکين جهڙيون اکيون ڏنيون آهن. توهان به ڏسو پر پليجي کي به ڏسڻ ڏيو ” Prometheus and Prometheus unbound“ ، ”پراميٿس ڪاٺ ۾ ۽ پراميٿس آزاد“، ٻنهي جي وچ ۾ ڪو وڏو عرصو ڪونه لڳندو آهي پر تاريخ جو اهو دور ناعاقبت انديش انسانن جي لاءِ عبرت جو سبب بنيو آهي. سياڻا ماڻهو پنهنجن محسنن تي مهربان هوندا آهن ۽ اباڻا انسان رڳو پنهنجي هٺ جي ترڻيءَ کي به ڏسي نه سگهندا آهن.

جيئن اسان چيو آهي ته هو قسم جو سنڌي نثر لکي سگهي ٿو پر انهيءَ ڪمال ۽ طرز جو نثر به لکي ٿو جيڪو شايد هن کان اڳي نه لکيو ويو آهي. پنهنجي هن ڪتاب ۾ هن جو نثر سندس علائقي جي زبان جو بهترين مثال آهي. عورت جي زبان ۾ سنڌي زبان جو نثر جيڪو پليجو هن ڪتاب ۾ آڻي ٿو اهو پڙهي وري پڙهڻ جهڙو آهي.

پليجي جو هيءُ ڪتاب ڪهاڻين تي ٻڌل هڪ ڪتاب آهي. هي ڪهاڻيون ته اڳي به شايع ٿيون آهن پر انهن جو وري وري شايع ڪرڻ هر طرح کان ضروري آهي. ڪي ڪهاڻيون جيئن ”سچ جو ڏينهن“ واري ڪهاڻي ٿوريءَ ڦير ڦار سان وري شايع ڪيون پيون وڃن.

مصنف ڳالهه ٻولهه جي هنر جو وڏو ماهر ٿو ڏسڻ ۾ اچي. هر ڪا ڪهاڻي هو گفتگوءَ جي فن جي مدد سان اپاري ٿو. هن جا ڪردار سڌي سنواٽي ۽ عام فهم اها زبان ڪم آڻين ٿا جيڪا سندن اوسي پاسي هر ماڻهو ڳالهائي ٿو. هن طرح مصنف پنهنجين ڪهاڻين جي مدد سان به پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ باريڪ ترين معلومات به مهيا ڪري ٿو سگهي. پهريون به ڪهاڻيون ته زرعي ڪلچر جي زبان تي ٻڌل انساني معاملات جي باري ۾ مهارت مان لکيل ڪهاڻيون آهن. باقي ڪهاڻيون سماجي گهرو شعور ڏيندڙ ڪهاڻيون آهن ۽ تمام وڏيءَ حد تائين سڌريل ۽ سمجهه ڀريون ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين جا موضوع عوام ۽ محنت ڪش عوام جي بهادريءَ، محبت، سچ، حوصلي، همت ۽ برداشت جي انهن تصورن تي ٻڌل آهن جيڪي خالي ۽ تصوراتي وٿن جي بجاءِ عملي ۽ واقعي تصور ۽ حالتون ٻڌائين ٿا ۽ سمجهائين ٿا. هنن حالتن ۾ پليجو ائين لکي

ٿو جيئڻ ڪو گورڪي لکندو هجي، جو هن جي اڳيان شاعراڻيءَ دنيا جي جاءِ تي عملي جدوجهد ۽ ڇڪتاڻ جي دنيا موجود آهي.

هنن ڪهاڻين ۾ پليجو سنڌ جي عوام ۽ محنت ڪش مزدور ۽ هاريءَ جي سماجي حالتن ۾ انهيءَ جوهر جو متلاشي رهيو آهي جيڪو سنڌ ۾ تمام وڏي درجي ۽ معيارن سان موجود ته آهي پر سنڌ جي اديب کي به گهٽ ياڳي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو آهي. مصنف چاڪاڻ ته پنهنجي سياسي نظريي جو مبلغ به آهي جيئن هر نظرياتي اديب کي هئڻ گهرجي به، هو اهڙي سماج مان پنهنجي سماجيات جا اصول تاهي ٿو سمجهائي ٿو ۽ پکيڙڻ گهري ٿو. پر هر ڪهاڻيءَ جي حالت ۾ هو سنڌ جي ذهن، ريت، حوصلي، همت ۽ برداشت جو راوي آهي ۽ اهائي اها روايت آهي جنهن کي ”جيئڻ جي همت“ (Courage to live) ٿو چئجي.

هنن حالتن ۾ پليجو پاڻ کي به هڪ ڪردار جيان پيش ڪري ٿو – گهڻو ڪري هر هڪ سياسي ڪهاڻيءَ ۾. ڪٿي هو وڪيل آهي، ڪٿي قيدي ته ڪٿي هو پنهنجيءَ تحريڪ جو باني ۽ پرچارڪ. پر هر حالت ۾ هو سچو راوي آهي. هن جو هر ڪردار سچو حقيقي، جيئرو جاڳندو ۽ عوامي قسم جو ڪردار ملوڪان ڪان وٺي بختاور تائين، جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسي سگهندا. هر عورت رڳو بهادر ۽ همت ڀري نه آهي پر حوصلي واري به آهي ۽ حسين ۽ جميل عورت به.

بيشڪ اها ڳالهه به ممڪن آهي. ممڪن ڇا بلڪ سچي آهي ته پليجي سان ۽ ان جي سياسي فڪر ۽ طريقي سان ڪن پڙهندڙن کي اختلاف به هجي، پر اها ڳالهه به سچي آهي ته اديب پليجي سان اختلاف جي گنجائش تمام گهٽ آهي.

پر تنهن هوندي به اسان کي انديشو آهي ته پليجي جي ٻيڙيءَ تي سفر ڪرڻ وارن ڪانسواءِ باقي هر شخص، ويندي هنن لفظن جي لکڻ واري جي لاءِ به. وڏيءَ صراحت سان ائين چئي ٿو سگهجي ته ”ڪسي ڪه ڪشته نه شد از قبيلهء مانيست“ (ترجمو: ”جيڪو ڪٽيو نه ويو آهي سو اسان جي قبيلي مان نه آهي.) ان ڪري آئون ذاتي طور تي هنن لفظن لکڻ جي لاءِ پاڻ اڳ ۾ ته پليجي کان معذرت گهرندي اهو لکڻ ٿو گهران ته ڪٿي به توهان مون سان اتفاق نه ڪريو ته مون کي افسوس ڪونه ٿيندو، جو اتي آئون سمجهندس ته مون توهان سان انصاف نه ڪيو هوندو.

هونئن اها آهي به هڪ حقيقت ته هن ڪتاب جي رڳو مهاڳ لکڻ لاءِ به آئون نٿو سمجهان ته آئون موزون قابليت وارو ماڻهو آهيان. پليجو به چوي ٿو ته ”وڃيو هئين ته ويهه نه ته وٺيو واٽ ونءُ تون!“ پر هڪ اديب جو ادبي فرض؟

**خير خدا حافظ!**

**حيدرآباد، سنڌ**

**30 ڊسمبر، 1984ع**

ابن حيات پنهور

# ذميدار اديب

اديب جي قلم جو مکيہ ڪم آهي ادب تخليق ڪرڻ، پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو بہ وقت ايندو آهي، جو رڳو ادب تخليق ڪندو رهڻ ئي ڪافي نٿو رهي. بلڪہ اهو ضروري ٿيو پوي تہ اهو ڪم ڇڏي پهريائين ڪو ٻيو ڪم ڪجي. اهڙا وقت تڏهن ايندا آهن، جڏهن قلم کان لکڻ جو حق کسڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون آهن. جڏهن اهڙو منحوس وقت اچي، تڏهن اديب جي قلم جو سڀ کان وڏو، سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان مقدس فرض اهو آهي تہ هو پنهنجي پيدائشي حق جو بچاءُ ڪري، ان لاءِ لڙي ۽ حملو ڪندڙ جي هٿيارن کي مُڏو ڪري.

جيڪڏهن ڪو اديب ايئن نٿو ڪري تہ ان جو مثال ان هاريءَ وانگر ٿيندو، جيڪو پنهنجين اکين سان پوکيل قيمتي فصل کي جانورن هٿان پيلجندو پيو ڏسي، پر چُپ ڪيو رونبي ۾ لڳو پيو آهي، ۽ چوي ٿو "منهنجو اصل ڪم آهي فصل پوکڻ ۽ لُٽڻ، تنهن ۾ لڳو پيو آهيان، باقي جانورن کي تڙي ڪيڻ سان منهنجو ڪهڙو واسطو."

ڪن جو خيال آهي تہ هر ڪو پنهنجي جزا سزا لوڙيندو. ڪو اڳرائي ڪري، تہ ان سان ان جهڙو نہ ٿجي. جيڪڏهن ذاتي معاملن ۾ ايئن ڪري سگهجي تہ ڏاڍو چڱو پر جتي سڄيءَ قوم جو نقصان ٿئي، ڪنهن اعليٰ مقصد کي صدمو رسي، تڏهن "هو چونئي، تون مَ چئو" واري هلت نہ رڳو نامناسب آهي، پر نهايت قوم دشمن بہ آهي. اها فراخدلي نہ، پر قوم سان، وطن سان، پنهنجي اعليٰ انساني مقصد سان بي وفائي بلڪہ غداري ٿيندي، جو اهڙيءَ حالت ۾ چپن کي چُنو لائي ويهي رهجي.

اديب کي پيار ۽ محبت جو علمبردار ٿيڻ کپي، پر خود ان محبت جي تقاضا آهي تہ جن شين سان هو پيار ۽ محبت رکي ٿو تن سان وير رکندڙ سان نفرت ڪئي وڃي، جنهن کي سونهن، سچ ۽ حق جي ويرين لاءِ نفرت ۽ ڌِڪار ناهي، سو ڇٽبو تہ سچو پچو پيار نٿو ڪري. اهڙي قسم جي نفرت ۽ ڌِڪار کي مقدس سڏيو ويندو آهي.



Gul Hayat Institute

ڪجھ سال اڳي، جديد سنڌي ادب خلاف ھڪ نهايت خطرناڪ ۽ گمراھ ڪندڙ مهم شروع ڪئي وئي. سنڌي عوام کي جاهل رکڻ، کين پنهنجي سجاڳ ۽ هڏڏوکي اديبن کي بدظن رکڻ لاءِ مکر، فريب، بهتان طرازي، چُغلخوريءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ويا.

ان صورتحال جي سنگين نتيجن کي محسوس ڪري، محترم رسول بخش پليجي روزانہ ”خادمِ وطن“ ۾ انهن جملن جا جواب ڏنا. اهي معمولي ڦير گهير سان اوهان جي اڳيان موجود آهن.

بحث مباحثو بُرو بہ آهي تہ سُنو بہ. گهٽ ۾ گهٽ هن بحث مان ايترو فائدو ٿيو جو ”انڌا اونڌا ويچ“ جهڙي بي مثال شيءِ پيدا ٿي.

هيءُ ڪتاب سنڌيءَ جي هڪ هڏڏوڪيءَ، وطن دوست ۽ دلير اديب جي وسيع مطالعي، انهيءَ جي ادبي سوچ ۽ شوخ قلم جو شاهڪار آهي. هيءَ هڪ پنهنجي ليکي نرالي ادبي صنف آهي، جنهن تي في الحال ڪوبہ نالو رکڻ ممڪن ڪونهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ جڏهن پڙهندڙ ان کي پڙهي ختم ڪندو تڏهن هو ذهني طور پاڻ کي بلڪل نئون ماڻهو محسوس ڪندو.

**(مهاڳ: انڌا اونڌا ويچ)**
**حيدرآباد سنڌ**
**8 جولاءِ 1967ع**

Gul Hayat Institute

**پروفيسر عزيزالدين، لاهور**

# رسول بخش پليجو – هڪ تاريخ ساز شخصيت

پاڪستان جي سياست کي ڪوڙي قوم پرستي ۽ نقلي ترقي پسنديءَ جي لات ۽ منات کان پاڪ ڪرڻ جي سڀ کان وڏي ۽ تاريخي ڪوشش رسول بخش پليجي ڪئي آهي. صفائيءَ جو اهو عمل پليجي صاحب پاران اڄا تائين جاري آهي. جيئن ماضيءَ جي بُت شڪنن کي سندن مخالفن، گارين سان نوازيو اهڙيءَ ريت رسول بخش پليجي مٿان به هڪ پاسي پنجاب جي ايجنٽ ۽ ٻئي پاسي نسل پرست هجڻ جو الزام هنيو ٿو وڃي. ان ڪانسواءِ ٻيا به مختلف الزام آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مٿس اُڇلايا ٿا وڃن.

رسول بخش پليجي جي سياسي ميدان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جي هڪ هٽي جي.ايم.سيد وٽ هئي. سنڌ جي هر معاملي بابت جي.ايم.سيد کي حرفِ آخر سمجهيو ٿي ويو. پنهنجي جاگيردارانہ سوچ سبب جي.ايم.سيد عام سنڌي ماڻهن کي ڍور ڍنگر ۽ جانور کان وڌيڪ حيثيت نٿي ڏني ۽ انهن ڏانهن سندس رويو حقارت وارو هو. ان جي باوجود کيس سنڌ جو وارث سمجهڻ ۽ سڏائڻ تي اصرار هو. جي.ايم.سيد سنڌي عوام کي سنڌ جي حقن جي جنگ وڙهڻ جي قابل نٿو سمجهي. کيس عوام جي قوت ۽ صلاحيت تي يقين ناهي. سندس خيال آهي تہ سنڌ جي حقن حاصل ڪرڻ ۾ جيڪڏهن سنڌ جي آباديءَ جو ڪو حصو ڪردار ادا ڪرڻ جي اهل آهي تہ سنڌ جو وڏيرڪو طبقو آهي، جنهن جو اڳواڻ هو خود آهي. سنڌ جو جاگيردار طبقو عقل، شعور، ڏاهپ ۽ ويڙهو خصلتن جو مالڪ آهي. ان طبقي جي نمائندي طور جي.ايم.سيد ئي اهڙو شخص آهي، جيڪو جيئن بہ ۽ جهڙي بہ طريقي سان مناسب سمجهي سنڌ جي ڄٽ، بي شعور، بي پهچ ۽ جدوجهد ڪرڻ ۾ نااهل سنڌي عوام کي سندس حق

وڻرائي ڏئي سگهي ٿو. جي.ايم.سيد کي اختيار حاصل آهي تہ هو چاهي تہ سنڌي عوام جي حقن جي حصول جي بهاني بدترين آمرن ۽ مارشل لائي قوتن سان تعاون ڪري. وڏيس تہ پناهگيرن جي خونخوار ترين ٽولي سان ناهہ ڪري يا وڏيس تہ پنجابي فاشي قوتن جو حامي ۽ مددگار بڻجي. ڪنهن کي بہ حق ناهي تہ اهو جي.ايم.سيد جي فيصلن تي تنقيد ڪري ۽ سندس فهم ۽ فراست تي اعتراض ڪري. خاص طرح ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ کي اهو حق بلڪل نٿو پهچي تہ هو هن ”عقلِ ڪُل“ ڏانهن آڱر کڻڻ جي جرئت بہ ڪري.

جيستائين رسول بخش پليجي هن ”عقلِ ڪُل“ کي چئلينج نہ ڪيو هو. جي.ايم.سيد سنڌي قوم پرستيءَ جو ٺيڪيدار بڻيل هو. جاگيرداري معاشري ۾ عام طرح عقل ڪُل تي پروسو ڪرڻ ۽ عوام جي ذهانت، تخليقي صلاحيت ۽ بهادريءَ جي باري ۾ شڪ شبهو ڪرڻ ۽ اُنهن جي باري ۾ حقارت آميز سلوڪ اختيار ڪرڻ وارو رويو موجود هوندو آهي. اهو رويو جاگيردار طبقي جي ماڻهن ۾ تہ موجود ئي هوندو آهي، پر صدين جي پروپيگنڊا جي نتيجي ۾ عوام جي هڪ حصي ۾ بہ اثرانداز ٿي ويندو آهي ۽ سماجي طرح اها هڪ حقيقت سمجهي ويندي آهي.

جي.ايم.سيد جي وڏيرڪي نقلي قوم پرستيءَ خلاف رسول بخش پليجي جي جدوجهد، سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ آهي. اها جدوجهد پليجي صاحب فڪري محاذ تي بہ لڙي آهي ۽ عملي سياست جي محاذ تي بہ. هڪ طرف هن سنڌ جي قومي حقن جي حاصلات لاءِ ڪنهن قسم جي سمجهوتي بازيءَ ڪانسواءِ بي رحمانہ جنگ لڙي ۽ ان لاءِ ڪنهن بہ اهڙي قوميتي لساني گروهہ کي معاف نہ ڪيو. جنهن ڏانهن سنڌ جو قرض رهيل آهي. پوءِ اهو ڪيترو بہ ٿورو ڇو نہ هجي. هو پنجابي ۽ پناهگير جي خلاف بہ لڙيو پر حساب ڪتاب ڪرڻ وقت هن پختون ۽ بلوچ کي بہ نظرانداز نہ ڪيو. قرض قرض هوندو آهي، چاهي ان جو هڪ ڪک ڇو نہ هجي، ان جي وصولي فوري طور نہ تہ ڪيترا سال پوءِ ڇو نہ ڪرڻي هجي.

رسول بخش پليجي اهو بہ ثابت ڪيو تہ قومي حقن جي حاصل ڪرڻ جي لڙائي سنڌ جي اصل وارثن يعني سنڌي عوام جي مختلف حصن خاص طور غريب هارين ۽ مزدورن کي ساڻ کڻڻ ڪانسواءِ فتح سان همڪنار نٿي ٿي سگهي. سنڌ جو جاگيردار بطور هڪ طبقي جي ان قابل ناهي تہ اهو اها جنگ ثابت قدميءَ سان لڙي سگهي. اهو هڪ مظلوم قوميت جو هجڻ جي باوجود پنجابي ۽ پناهگير استحصالي عنصرن ۽ سندن جوڙيل رياستي مشنريءَ سان مڪمل طرح جڙيل آهي. مادرِ وطن سنڌ کي وڪڻڻ ۾ ان نهايت گندو ڪردار ادا ڪيو آهي. قومي حقن جي جنگ کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام ۾ شعور پيدا

Gul Hayat Institute

ڪرڻ، ڪين متحرڪ ڪرڻ ضروري آهي. سنڌي عوام جو اتحاد ئي قومي جبر جي خاتمي جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

رسول بخش پليجو قومي جبر ۽ نابرابريءَ جي مسئلي کي پاڪستان جي اهم ترين تضادن ۾ شمار ڪري ٿو. سندن خيال ۾ اهو هڪ اهڙو تضاد آهي، جنهن جي پرده پوشي ڪرڻ يا ان کي گهٽ اهميت ڏيڻ سان سماجي تبديليءَ جو عمل ڪاميابيءَ سان همڪنار نٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري هو ان ترقي پسنديءَ کي نقلي ترقي پسندي سمجهي ٿو. جيڪو قومي سوال کي اگر مگر جي چڪر ۾ وجهي ان کي گهوٽالي ۾ ڦاسائي، ان کي غير اهم قرار ڏئي وساري ڇڏڻ گهري ٿو.

پليجي جي فڪري جدوجهد ۾ سپئي عوام ئي سنڌ جا اصل وارث ۽ پنهنجي نجات جا ذميدار آهن، پر ڇا هو اها نجات اڪيلا تن تنها حاصل ڪري سگهن ٿا؟ پليجي جي خيال ۾ جيئن ته قومي جنگ طبقاتي ۽ سامراج دشمن جنگ سان جُڙيل آهي، تنهن ڪري ان کي اڪيلي سر، ٻين جنگين انهن ۾ وڙهندي ڌرين کان ڪاٽي الڳ ڪري ڪٿي نٿو سگهجي. اها هڪ اهم ۽ فيصلہ ڪن لڙائي ته آهي، پر پوءِ به اها هڪ اهڙي لڙائيءَ جو حصو آهي، جيڪا هڪ وڏي جنگ عظيم جو حصو آهي. ان لڙائيءَ جي کٽڻ هارائڻ جو اثر پوري جنگ عظيم تي پئجي سگهي ٿو پر ان کي وڏي جنگ جي منصوبہ بنديءَ کان الڳ ڪري اڪيلي سر نٿو وڙهي سگهجي.

اهو نقطہ نظر بين الاقواميت پسنديءَ جو نقطہ نظر آهي. تنهن ڪري پليجو سنڌ جي قومي حقن جي جنگ کٽڻ لاءِ پاڪستان ۾ وسندڙ سمورين مظلوم قوميتن ۽ مظلوم عوام جي اتحاد کي ضروري ۽ اڻ ٽر قرار ڏئي ٿو. هو نہ رڳو سنڌي، بلوچ ۽ پختون اتحاد جي ڳالهہ ڪري ٿو پر پنجاب جي مظلوم عوام سان اتحاد جو بہ علمبردار آهي. پنجاب جي مظلوم عوام سان اتحاد؟ سنڌي وڏيرڪي قومپرستيءَ جي نظر ۾ تہ اهو ڪفر جو ڪلمو آهي ۽ ان کي ادا ڪرڻ وارو پنجاب جو ايجنٽ!

رسول بخش پليجي جي بين الاقواميت رڳو پاڪستان جي مختلف قوميتن جي اتحاد تائين محدود ناهي. هو ان کان بہ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. هن جي بين الاقواميت ۾ ايشيا پئسفڪ جون قومون ۽ ملڪ بہ اچن ٿا. ان کان پوءِ سڄي مظلوم دنيا اچي ٿي ۽ ان کان بہ اڳين مرحلي ۾ سڄي دنيا جا انسان اچن ٿا.

ڪوڙي قوم پرستيءَ سان گڏ جيڪو ٻيو بُت بيهاريو ويو هو. اهو هو نقلي ترقي پسنديءَ جو بُت. پليجي ان بُت کي ڀڃڻ جو گناهہ بہ ڪيو. نقلي ترقي پسندي هڪ اهڙو مرض هو جيڪو پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ کي پهرين ڏينهن کان لڳل هو. سنڌ ۾ ان جو علمبردار نقوي نازشي سنڌ دشمن سازشي ٽولو هو. ”ڪڇ ۾ ڇُري، وات تي رام رام“ جهڙيءَ طرح جي.ايم.سيد وٽ قومپرستيءَ جي



Gul Hayat Institute

هڪ هتي هئي تہ هنن وري انقلاب جو ٺيڪو ڪنيو هو ۽ ٺيڪي جا بين الاقوامي لائسنس فريم ڪرائي دفتر ۾ رجائي رکيا هئائون. اهي بہ عوام کان ايترائي ڪٽيل ۽ اندر ۾ ايترائي عوام دشمن آهن. جيڪڏهن جي.ايم.سيد هڪڙي قسم جو برهمڻ آهي تہ هيءُ ٻئي قسم جو هڪڙو وشنو پوڄاري آهي تہ ٻيو ڪرشن جو پوڄاري برهمڻ، پر ٻئي شودرن ۽ گهٽ ذات وارن جا ازلي ۽ ا بدي دشمن ۽ کين حقير ۽ ڪمتر مخلوق سمجهڻ وارا آهن.

سنڌ ۾ نقلي ترقي پسند پرڏيهہ مان گهرايل جنس هئا. جسماني طرح بہ ۽ نظرياتي طرح بہ. هيءُ پناهگيرن جو هڪڙو ٽولو جيڪو ثقافتي احساس برتريءَ سان مڪمل طرح ليس هو ۽ ان مقامي ڪارن لوڪن کي انقلاب درآمد ڪري مٿائن احسان ڪرڻ جو اهڙي نموني فيصلو ڪري ڇڏيو هو. جيئن جي.ايم.سيد خداترسيءَ جي جذبي هيٺ مقامي رڍن ٻڪرين جي ڌڻ کي قاصائن جي ڇريءَ کان بچائڻ جو فيصلو ڪيو هو. پاڪستان ۾ وارد ٿيڻ کانپوءِ پناهگيرن پنجابين سان وڙهڻ جهڙڻ کان پوءِ آخرڪار ساٽن ناهہ ڪيو هو. ٿوري ٽڪي جهيڙي جهٽي جو عمل تہ پوءِ بہ جاري هو پر ٻنهي جي وچ ۾ اتحاد بنيادي ڳالهہ هئي. اتحاد ان ڳالهہ تي هو تہ، "ڪائو ۽ ڪائڻ ڏيو"، اسان جي پناهگير نقلي ترقي پسندن بہ ان ڳالهہ "پناهگير ـ پنجابي ڳٺ جوڙ" خلاف ڪجهہ بہ نہ ڇوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان مقصد خاطر دنيا جي هر مسئلي جو فوري، اصلي ۽ آخري سبب طبقاتي جدوجهد کي قرار ڏنو. مٿي مسئلو هو ۽ هيٺ طبقاتي جدوجهد انهن ٻنهي جي وچ ۾ ٻئي ڪنهن سوال ڪنهن تڪليف، ڪنهن عارضي جهڳڙي جو ڪوبہ وجود نہ هو.

سيد جي حوالي هو. تنهن ڪري اهو تہ ٿي ويو جاگيردارن جو مسئلو ۽ انهن جي عوام جي خلاف سازش. ڳالهہ صاف ٿي وئي. هاڻي اڳتي هلو طبقاتي سوال تي بحث ڪريو ۽ اسٽڊي سرڪل ٿيو ختم. ان کان پوءِ ڪارڪنن جو اسڪول ڪبو تہ ان ۾ سامراج تي مختلف پاسن کان جيتريون لعنتون وجهڻ ممڪن هونديون، اوتريون گڏجي وجهبيون جيترو تبرو ڪري سگهبو ڪبو پر قومي سوال تي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪبي. ڇو تہ اها عوام سان ويڙهائڻ جي ڳالهہ ٿيندي. پهريائين تہ اصل مسئلو طبقاتي آهي ۽ نہ قومي، پر جيڪڏهن ڪو قوميتي مسئلو آهي بہ (پنجابي تہ آخر ۾ بدمعاشي ڪن ٿا.) تہ ان جو پناهگيرن سان ڪهڙو واسطو هي تہ ويچارا مڊل ڪلاس جا ماڻهو آهن. هي ڪنهن کي ڪيئن تڪليف پهچائيندا، پر اجا بہ اوهان کي جيڪڏهن ڪو قومي مسئلو نظر اچي ٿو تہ ڪامريڊ ان جو حل تہ صرف سوشلزم کان پوءِ ئي ٿي سگهي ٿو. سرمائيداري، جاگيرداري نظام ۾ تہ ان جو ڪو حل آهي ئي ڪونہ. اوهان سوشلزم آڻيو تہ اهو مسئلو خود بہ حل ٿي ويندو.

Gul Hayat Institute

هتي اسان وٽ پنجاب ۾ بہ اهڙا همراهہ موجود هئا. پر اهي اهڙا چترڪار، اهڙا چڪرباز ۽ ڪاري ڪانوَ کي سُٽ جي سفيد ڏيري ثابت ڪرڻ جي اهليت رکڻ وارا نہ هئا. انهن جي چڪربازي سندن نرڙ تي لکيل هوندي هئي. اهي صاف صاف چوندا هئا تہ قومي مسئلو ڪوبہ وجود نٿو رکي. اصل شيءِ صرف طبقاتي مسئلو ۽ سامراج جي مخالفت آهي.

سنڌ ۾ موجوده نقلي ترقي پسند پاڻ سان هڪ طرف تہ يو پي جي درٻارن مان سازش ۽ هيراڦيريءَ جو وسيع تجربو ۽ ترقي يافتہ ٽيڪنالاجي کڻي آيا هئا. مٿان وري ڪين بين الاقوامي سرٽيفڪيٽ بہ حاصل يعني هو انقلاب جا لائسنس هولڊر هئا. ان ڪري هنن جي نظرياتي بي ايمانيءَ تان پردو کڻڻ مشڪل ڪم هو. اهو ڪم جيڪو رسول بخش پليجي سرانجام ڏنو هڪ تاريخ ساز ڪارنامو آهي. ان وقت هنن يارن جو وڏو دٻدٻو هو ۽ رسول بخش پليجي جي ڳالهہ مڃڻ وارا گهٽ ماڻهو هئا. پر اهي ماڻهو جن ان وقت هنن يارن سان گڏ ٻيهي رسول بخش پليجي جي مخالفت تي ڪئي، سي اڄ خود پليجي واري ڳالهہ ڪري رهيا آهن. سائنسي فڪر رکندڙ ماڻهو پري کان ئي ڪڏ جي نشاندهي ڪندو آهي، جڏهن تہ عام رواجي سوچ وارو ماڻهو ڪڏ ۾ ڪرڻ کان پوءِ ئي ان بابت سوچيندو آهي.

نقلي ترقي پسندي چاهي نقوي سازشي ٽولي جي هجي يا ان جو ڪو پنجابي ۽ پختون براند، اها وڏي عرصي تائين پاڪستان جي ترقي پسند ۽ جمهوري تحريڪ جي راهہ ۾ هڪ وڏو روڙو بڻيل رهي آهي. ان پنجابي پناهگير شاؤنزم کي نظرياتي بنياد فراهم ڪيو. ان کي ڦهلايو ۽ اهڙيءَ طرح مظلوم قوميتن ۾ حقيقي ترقي پسندن کي ڪمزور ڪري جاگيردار قوم پرستيءَ کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

نقلي ترقي پسنديءَ جو باب اڄ ختم ٿي رهيو آهي. پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ ۾ قومي سوال کي هڪ اهم ترين سوال طور تسليم ڪيو ويو آهي، پر هاڻي ترقي پسند تحريڪ کي پنڙيءَ تان لاهڻ جو فرض ٽراٽسڪي پسند ماڻهن پنهنجي ذمي کنيو آهي. قومي سوال بابت هنن جو رويو پنجابي چوڻي ”ماءُ کان وڌيڪ پيار ڪرڻ واري ڦڦي“ جهڙو آهي. مقصد هيءُ تہ حقيقتن کي اصل کان وڌيڪ وڌائي چاڙهي پيش ڪيو وڃي. ماڻهن جي ذهنن ۾ غير حقيقت پسندانہ اُميدون اُڀاريون وڃن تہ جيئن تحريڪ کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پوي ۽ تنظيم تان عوام جو اعتماد ختم ٿي وڃي. بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن کي سندن اصل معنيٰ ۽ مطلب کان هٽائي سڄي ڪميونسٽ تحريڪ تي الزام هڻڻ بہ ٽراٽسڪائي سوچ جو هڪ اظهار آهي. رسول بخش پليجي پاران ٽراٽسڪائي فڪر جي خلاف جدوجهد بہ پاڪستان جي انقلابي تحريڪ ۾ قابلِ قدر واڌارو آهي.

Gul Hayat Institute

رسول بخش پليجي چومکي جنگ لڙي آهي. هڪ ئي وقت ۾ جاگيردارانہ سوچ جي نمائندن سنڌو ديشين سان، نقلي ترقي پسندن سان ۽ ٽراٽسڪائن سان. تنهن ڪري هو انهن سڀني پاران واجب القتل ٺهرايو ويو آهي. کيس هڪ طرف پنجابين جو ايجنٽ قرار ڏنو ويو آهي تہ ٻئي طرف نسل پرست.

پنجابين جي ايجنٽ هجڻ واري ڳالهہ بہ عجيب ڪِل جهڙي ڳالهہ آهي. پليجي صاحب سنڌي عوام کي متحد ڪرڻ جون زبردست ڪوششون ڪيون آهن. ان سلسلي ۾ هن انهن ماڻهن کي بہ اتحاد جي دعوت ڏني، جن جي باري ۾ هر ڪنهن ايئن ئي چيو تہ اهي پليجي سان اتحاد ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندا. پر جيئن تہ پليجي سنڌي عوام جي اتحاد کي سنڌي عوام جي حقن ۽ ڇوٽڪاري لاءِ انتهائي ضروري ٿي سمجهيو. تنهن ڪري هو اهڙن ماڻهن جي در تي بہ ويو. پنجابيءَ جي چوڻيءَ وانگر تہ، ”ٻُري جي گهر تائين ويو“. حالتن پڻ ان ڳالهہ جي تقاضا ٿي ڪئي. سنڌي عوام انتشار ۽ گروهہ بنديءَ جو شڪار آهي. تنهن ڪري سنڌي عوام جو اتحاد هڪ ضروري امر ٿي پيو. هڪ پاسي تبليغي جماعت، جماعت اسلامي، پ پ، جي.ايم.سيد ٽولو ۽ هر چڙهندڙ سج جا پوڄاري وڏيرا سنڌي عوام جي ٽنگن ۾ خوني جيوڙن وانگر چهٽيل آهن تہ ٻئي پاسي سنڌ ۾ آباديءَ جو تناسب تيزيءَ سان سنڌين جي خلاف ٿي رهيو آهي. سنڌ ڏانهن ٻاهرين لڏپلاڻ جي اها صورتحال برقرار رهي تہ اهو ڏينهن اچڻ ۾ دير نہ ٿيندي، جڏهن ”خدا نہ ڪري“ سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. انهن حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پليجي سنڌي قوم کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان ڀرپور ڪوششون ڪيون. ان سلسلي ۾ هن پنهنجن سنڌ کان ٻاهر ڪن اتحادين جي تنقيد جي بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ هن سنڌي عوام جي اتحاد جي مشن کي جاري رکيو. هاڻي اهي ماڻهو جيڪي ڀهرين رسول بخش پليجي جي اتحاد جي واڌ جا سخت مخالف هئا ۽ پوءِ سنڌي عوام جي سخت دٻاءَ سبب رسول بخش پليجي جي جوڙيل اتحاد ۾ شريڪ ٿيا، سي هاڻي وري کيس پنجاب جو ايجنٽ قرار ڏئي رهيا آهن. حالانڪ انهن ئي قوتن اج تائين سنڌي ماڻهن جي ٻڌيءَ ۾ رڪاوٽون وڌيون آهن ۽ اهڙيءَ ريت پنجابي، پناهگير حڪمران طبقي جي خدمت گذاريءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. سوال اهو آهي تہ پنجاب جو ايجنٽ اهو آهي، جيڪو سنڌي عوام کي متحد ٿو ڪري ۽ سنڌي اتحاد لاءِ مخالفن سان بہ ڳالهين جا دروازا کُليل ٿو رکي يا اهو آهي جيڪو پنجاب جي حڪمران طبقن جي شان جا گيت ٿو ڳائي ۽ سنڌي اتحاد ۾ روڙا ٿو اٽڪائي؟ پنجاب جي ايجنٽ هجڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ڇا ڪنهن ملڪ گير پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ سان ڪو سنڌي شودر ۽ پليت ٻڻجي ٿو وڃي ۽ پنجاب جو ايجنٽ ٿي ٿو وڃي؟ اسان جا اهي پاڪدامن سنڌي

Gul Hayat Institute

بزرگ جيڪي اڄ پليجي کي پنجاب جو ايجنٽ ان لاءِ قرار ڏين ٿا ته هو عوامي نيشنل پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل آهي. ته ڇا اهي خود سالها سال پاڪستان ليول جي پارٽين مسلم ليگ وغيره ۾ شامل نه رهيا آهن؟ ۽ اڄ به انهن ۾ شامل ناهن؟ ڇا جڏهن ڀُٽي کي پنجابي جنرلن ۽ ججن جي ملي ڀڳت سان ڦاسي ڏني وئي ته اُن وقت انهن جي ان ظالمانه بي هودي ۽ خطرناڪ فعل جي تعريف ۾ اهي بزرگ سڀ ڪان اڳيان نه هئا؟ ان ڪانپوءِ جڏهن پنجاب جي بدترين ٽولي جي نمائندگي ڪندڙ جنرل ضياءَ اقتدار تي قابض ٿيو ته سنڌين سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويو. 1983ع جي جمهوري تحريڪ دوران سنڌين سان اهو ڪهڙو ظلم هو جيڪو نه ڪيو ويو. ڳوٺاٽي سنڌي آباديءَ تي فوجي ايڪشن ٿيو. هزارين سنڌين کي گرفتار ڪيو ويو. بي گناهه قتل ٿيڻ وارن ۽ ٽارچر سيلن ۾ اذيت ناڪ موت مرڻ وارن جي تعداد ۾ نوان رڪارڊ قائم ٿيا. پنجاب جي ظالم، عوام دشمن ۽ بدترين گروهه جي نمائندگي ڪندڙ ظالم ترين شخص (ضياءَ) جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪنهن ڪيو؟ ڪنهن ان جي نام نهاد شرافت جون تعريفون ڪيون؟ مارشل لا جي هن ڪهري دؤر ۾ ڪير عتاب هيٺ رهيو ۽ ڪنهن تي ابر رحمت جي بارش ٿيندي رهي؟

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته پيپلز پارٽي به پنجاب جي نمائنده هئي ۽ آهي، پر ڀُٽي جي دؤر ۾ به رسول بخش پليجو زيرِ عتاب هو ۽ اڄ به آهي. جڏهن ته اسان جا جي.ايم.سيد جا نوان ۽ پراڻا هم پيالا ۽ هم نوالا پاڪباز وڏيرا پ پ جي ڀُٽو دؤر ۾ به سرڪار ۽ اسيمبلين ۾ جاوا ڪندا رهيا ته پ پ جي بينظير دؤر ۾ به موجون پيا ماڻين. جي.ايم.سيد جي مداح ۽ پوئلڳ وڏيرن اقتدار جي ڪهڙي چائنٽ تي سجدو نه ڪيو آهي؟ ان لحاظ کان اهي پنجابي جاگيردارن کان ڪنهن به طرح گهٽ ناهن.

دراصل ڪنهن ملڪ گير پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ اصل سوال ناهي. اهو گناهه ڪنهن نه ڪيو آ؟ اصل سوال اهو آهي ته اوهان ڪهڙي پروگرام واري پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ان سان هلو ٿا. ڇا پليجي جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ سان اتحاد ڪيو آهي؟ عوامي نيشنل پارٽي جنهن جو هو جنرل سيڪريٽري آهي، هڪ اهڙي ترقي پسند جماعت آهي، جنهن ۾ مظلوم قوميتن جا مڃيل مڃايل اڳواڻ اهم عهدن تي موجود آهن. جنهن جو پروگرام قومي جبر ۽ اڻ برابريءَ جي شدت سان مخالفت ڪندي اهڙا اقدام تجويز ڪري ٿو جنهن سان قومي جبر جو خاتمو اچي سگهجي.

عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ پنجابي به موجود آهن، پر هر صوبي جي برادريءَ جي سطح تي نمائندگيءَ جي ڪري اهي ان ۾ مجموعي طرح اقليت ۾ آهن. اي اين پي ۾ شامل پنجابين خود پنهنجي صوبي جي سرائيڪي ۽ پنجابي بنياد تي تقسيم کي رضاڪارانه طور تي نه رڳو تسليم ڪيو آهي، پر پهرين ڏينهن کان وٺي مظلوم سرائيڪي قوميت جي نقطه نظر جي ترجماني ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

رسول بخش پليجي کي پنجاب جو ايجنٽ قرار ڏيڻ وارن پاڪباز بزرگن کي پنجابي جنرل ۽ جاگيردار تہ قبول آهن. پر ڪين پنجابي پورهيت اهڙيءَ ريت ناقابلِ قبول آهن جيئن سنڌي پورهيت ۽ هاري.

جيڪڏهن پنجاب اندر هڪ گروپ سنڌين جي حقن جي حمايت ٿو ڪري تہ سنڌي ليڊرن کي تہ اها حمايت وٺڻ کپندي هئي ۽ جنهن شخص اها حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان جو ساٿ ڏيڻ کپندو هو ۽ سندس دانشمنديءَ جي تعريف ڪرڻ کپندي هئي، پر سنڌي وڏيراشاهيءَ لاءِ اهو انا جو مسئلو آهي تہ ڪو وچولي ۽ پورهيت طبقي جي قيادت اُڀري ۽ سڄي ملڪ ۾ ان جي ساک ٺهي ۽ سنڌي وڏيراشاهي پنهنجي پراڻي هڪ هٽيءَ ۽ گاديءَ کان محروم ٿي وڃي.

خود پنجاب ۾ بہ اهي ماڻهو جيڪي رسول بخش پليجي جي نقطہ نظر جي حمايت ڪن ٿا ۽ سنڌين خلاف ٿيندڙ جبر ۽ ظلم جي مخالفت ۽ مذمت ڪن ٿا ۽ پنجاب ۾ سنڌ خلاف ٿيندڙ پروپيگنڊا جو جواب ڏين ٿا، تن کي جي.ايم.سيد جا (پنجابي) طبقاتي پائي بند سنڌ جو ايجنٽ قرار ڏين ٿا. ٻنهي طرفن جي وڏيرن کي ساڳي تڪليف آهي. تنهن ڪري اهي دانهون بہ ساڳئي قسم جون ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

سراج

# سائي سامين روءِ

هڪ ڏينهن مينهن واچ ڪري رسول بخش پليجو منهنجي آفيس ۾ داخل ٿيو ته عليڪ نه سليڪ، چي: "مائوزي تنگ" تي ڪتاب لک مهينو ڏيانءِ ٿو. ساڳي تاريخ مٿئين مهيني ۾ توکان کڻي ويندس. چڱو ڀلان ٿو. هيٺ گاڏيءَ ۾ يار ويٺا آهن!

"يلا جي نه لکي سگهان ته پوءِ؟" مون ڊڄندي سوال ڪيو.

"ته پوءِ آئون لکندس!" اهو هو الٽيميٽم جيڪو هن مون کي ڏنو.

مهينو گذريو. هن تقاضا ڪئي. مون پنج صفحا ڪيس ڏيکاريا جيڪو منهنجي پنهنجي ليکي مائوزي تنگ جي زندگي جو پهريون باب هو. ڏٺائين، پڙهيائين، واپس ڪيائين. "مهيني ۾ هي پنج پنا لکيا اٿئي؟"

"توهين دانشور هام هڻي ڇاڻو. اوهين مدي خارج، وقت کان پوئتي، هيٺان، پاڻ نه وهيٺا، بنهه چٽ آهيو! آئون تنهنجي چانهه به ڪونه پيئندس!"

هو اٿي ويو آئون شرمسار ڪنڌ هيٺ هن کي ويندو ڏسندو رهيس. سوچيم چريو آهي، وري ملي ته جٽ ڪندو سانس. مائو جي زندگي ڪا مهيني ۾ لکڻ جي شيءِ آهي. مائوزي تنگ اهو عظيم انسان آهي. جنهن نه رڳو چين جي "ماکوڙين" کي دنيا جا عظيم ترين محنت ڪش پورهيت انسان بنائي ڇڏيو. پر دنيا جي هر ڪنڊ ۾ سڏ ڪندڙ انسانيت لاءِ ولوڙ ۾ جاکوڙ جو جذبو جاڳائي ڇڏيو. جنهن جي زندگي ايتري وسيع، ايتري ڳوڙهي، ايتري رنگا رنگ، ايتري هر سيج سنئين آهي، جنهن جي هڪڙي هڪڙي تقرير قومن جون تقديرون بدلائڻ جو سبب بنجي سگهي ٿي، جنهن دنيا کي هڪ نه پر سوين سبق ڏنا آهن. جنهن جي هڪ جذبي جبل ڏاري ڇڏيا، وقت کي مات ڏئي ڇڏي. مائوزي تنگ کي انسان سڏڻ ئي غلط آهي. هو ته ديو مالائن جو ڪو خدا آهي، جيڪو زندگي جي هر پهلوءَ تي نظر رکي،

Gul Hayat Institute

نہ رڳو چين جي ماڻهن، بلڪ دنيا جي سمورن انسانن کي نت نوان آدرش ڏيندو ٿو رهي. ان ماڻهوءَ جي زندگي کي هڪ مهيني اندر قلمبند ڪرڻ لاءِ وري بہ ڪو ”مني مائوزي تنگ“ هجي. باقي منهنجي جاءِ نہ آهي. پڇي نہ سگهيس. ان ڪري وريام سڏائڻ ۾ ڪو اهم نہ سمجهيم.

وري بہ هڪ ڏينهن، رسول بخش پليجو واچوڙي وانگر هلال پاڪستان جي آفيس ۾ آيو. ڪتاب آڏو رکي چيائين ”ڪتاب ڇپجي ويو آهي. مهاڳ لکي ڏينم! صبح جو ماڻهو موڪليندو سانءِ ڪٽي ويندا.“

اهو هو نادري حڪم! اخبار جو ڳاٽي ڀڳو ڪم، اوجاڳي ۾ ٻيا بهانا سڀ بيڪار، لاچار ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. ڪتاب منهنجو سڄو ڪم خراب ڪري ڇڏيو. ايڊيٽوريل لکڻ جو وقت هو پر دل ئي نہ پئي چوي تہ ڪتاب کي اڌ ۾ ڇڏي ڪو ٻيو ڪم ڪريان. پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪم هٿ ۾ ڪنيم. فقط ايترو ئي چوندس تہ رسول بخش پليجو واقعي ”مني- مائوزي تنگ“ آهي. هي جبل جيڏو ڪم هن جنهن خوش اسلوبي ۾ سهڻي نموني ڪيو آهي. ان لاءِ سڄي سنڌ سندس شڪر گذار رهندي، سنڌ کي بہ مائوزي تنگن جي ضرورت آهي. هيءَ بہ بيمار قوم آهي. هيءَ بہ ڪنهن آفيم جي نشي ۾ چور قوم آهي. هن تي بہ اهي ئي ڏاڍ ٿيا آهن، جيڪي چينين تي صدين کان ٿيندا رهيا. هتي بہ اهي ئي طور طريقا آهن، اهي لاٽون آهن، اهي ئي ڇڳهہ آهن. مائو جي زندگي هنن لاءِ مشعل راهہ ٿي سگهي ٿي. ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جهيڙو رسول بخش پليجي ٻڌايو آهي. ٻولي بہ نهايت دل پذير ۽ مٺي لکي اٿس. جنهن جو هو اڳي ئي بادشاهہ آهي. شال اسان جا سنڌي جوان، هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪڙهڻ ۾ هنڊائين. پوءِ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن عنڌ جو ڳاٽ بہ اوچو هوندو. ماڻهن جي منهن تي مرڪ بہ موٽي ايندي اهو ئي هن ڪتاب جي اهميت جو اهڃاڻ آهي. اهو ئي رسول بخش پليجي جو مقصد آهي. ان گناهہ ۾ آئون بہ هن سان ڀائيوار آهيان. (26 جولاءِ 1972)

Gul Hayat Institute

آئون رسول بخش پليجي سان جڏهن بہ ملندو آهيان، تڏهن لطيف جو هيءُ بيت منهنجي دل تي هري ايندو آهي:

سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامين روءَ!

مون هن کان اڳي ڪڏهن ان ڳالهہ تي ايڏو اونهو ڪونہ سوچيو هو تہ اهو بيت، هن جي حوالي سان، منهنجي ذهن تي ڇو ٿو وارد ٿئي، هاڻ جڏهن ان جو تجزيو ٿو ڪريان تہ فقط ايترو چئي ٿو سگهان تہ مون جهڙا ماڻهو جيڪي ماضيءَ ۾ حال انهيءَ ڏٻڻ کي، هڪڙي ئي چال سان اورانگهڻ جي سعيو ۾ قائل آهن ۽ ان مان ملي جڏهن ڪنهن ڏاهي کان ماضي ۾ حال جي ڪندي ڏسن تہ پوءِ هنن کي آٿت اچڻ

لڳندو آهي، ساهس ٿيڻ لڳندو آهي تہ ٻيلي، جي هھڙا ماڻهو سونهان ٿين تہ شايد اسين بہ ان ڏيڻ مان نڪري پار پئون تہ ڪو عجب ڪونهي!

آئون رسول بخش پليجي کي تہ-پاسو سياڻان (جيتوڻيڪ هو گهڻ پاسائون ماڻهو آهي): هڪ اديب، قلمڪار ۽ لکندڙ طور، هڪ مفڪر ۽ ڏاهي طور، ۽ هڪ سياستدان (يا سياسي ڪارڪن؟) طور درجيوار، انهي ئي ترتيب سان، هن کي سنڌ جي پسمنظر ۽ پيش منظر ۾ پرکي سگهجي ٿو. ضروري نہ آهي تہ هن جي ڪنهن بہ ڪردار، سندس شخصيت ۾ ڪنهن پاسي يا هن جي فڪر ۾ ڪنهن نڪتي سان اختلاف رکڻ سان، ڪا هن جي اهميت گهٽجي ويندي يا هن جي شخصيت جي ڪل کي سمجهڻ ۾ ڪا دشواري سامهون ايندي، انسان ٻاروتڻ کان پوڙهپڻ تائين ڪابہ غلطي، ڪابہ ڏنگائي، ڪابہ ڪميڻپ نہ ڪري، سا ٿيڻي نہ آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ انسان جو انهن غلطين، انهن ڏنگاين ۽ انهيءَ ڪميڻپ واري ڪردار ڏانهن پنهنجو ڪهڙو رويو، ڪهڙو ورتاءُ آهي. وڏو انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي غلطين کي مڃي، انهن کي سڌارڻ، بلڪ انهن جو ازالو ڪرڻ جو جتن ڪري: رڳو ذاتي سطح تي نہ، پر اجتماعي طرح ڪل جي حيثيت ۾ رسول بخش ان حوالي سان وڏو قداور شخص آهي. ذاتي حيثيت ۾ هو ڪجھ بہ هجي پر اجتماعي سطح تي هن ارتقا ۽ اوسر جون اهي سرحدون اورانگهيون آهن، جتي ذاتي طرح نقصان برداشت ڪري، هن اجتماعي نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. هن جو ادبي سفر، ڏاهپ جو سفر يا سياسي سفر ان ڪسوٽي تان سچو سون ثابت ٿئي ٿو. راءِ جو اختلاف رکندي بہ، هر ڪو منصف مزاج پارکو اهوئي چوندو تہ ڇا بہ هجي پر رسول بخش پليجو چوي سچ ٿو! ويهين صدي جي تائين ڏهاڪي ۾ اها وڏي ڳالھ آهي تہ ڪنهن اديب، مفڪر يا سياستدان ۾ رياڪاري ايتري گهٽ هجي!

مون کي ياد آهي تہ ڀُٽي مرحوم جي زماني ۾ پليجو هن کي بنھ ويجهو بہ هيو، پر هن سان اجتماعي سطح تي اهڙو اختلاف ڪيائين جو ترنگ جو منهن ڏسڻو پيس. وري جڏهن پي-اين- اي (پاڪستان قومي اتحاد) سندس خلاف محاذ کڙو ڪيو، تڏهن مون چيومانس تہ سنڌ ۾ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين سان گڏ، پليجي سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. منهنجي ڳالھ مڃيائين ۽ مرحوم ڪيس چيف منسٽر هائوس دعوت ڏيئي گهرائي ورتو. سنڌ جي شاگردن جي وفدن سان ملڻ کانپوءِ، سندن ملاقات ٿي، ۽ ڪافي ڊگهي ملاقات ٿي. هنن پاڻ ۾ الائي ڇا ڳالهايو. پر ان کانپوءِ مرحوم جيڪي لفظ چيا، سي مون کي اج تائين ياد آهن:

”سراج آئي وش آءِ هئڊ لسنڊ تو هم ارليئر، ائنڊ آءِ هوپ، اٽ از ناٽ الريڊي ٽو لئٽ ٽو ايڪٽ آن واٽ هي سيز!“

(ڪاش آئون هن ڪان اڳ سندس ڳالهه ڏيان سان ٻڌان ها ۽ خدا ڪري جيڪي هوچوي ٿو تنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هاڻ حد ڪان وڌيڪ دير نہ ٿي ويئي هجي.)

پر ان وقت واقعي صورتحال اٽموٽ ٿي چڪي هئي! هن جا ”پنهنجا“، اندر ئي اندر، هن جي دشمنن سان چاندين ۽ مگسين واري ڪردار کي نڀائي رهيا هئا، ۽ هن جا صحيح سڄڻ، بند ٿيندڙ راهن مان ڪو گس پيدا ڪرڻ لاءِ، حالتن جو سچو بي ريا ڇيد ڪري رهيا هئا!

حالتن جو صحيح ڇيد ڪرڻ جي اها ڏات رسول بخش پليجي کي ان وقت کان آهي، جڏهن هن پنهنجي گس ناهڻ، فڪري ۽ سياسي راهہ متعين ڪرڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو هو. مون کي ياد آهي تہ 1950ع ۾ آئون ميٽرڪ پاس ڪري، ڪراچي پڙهڻ آيو هوس ۽ انهن ئي ڏينهن پليجي سان پهريون ملاقاتون ٿينديون هيون. چيني انقلاب جو چوٻول هو ۽ رسول بخش جا هي لفظ منهنجي ذهن تي اڪريل آهن. ”انقلاب اسان جي چائنٺ تي بيٺو آهي، ۽ سياڻي ڪان دنيا، روايتي ڏڍي جي هڪڙي سڱ تان منجي، ٻئي سڱ تي اچي بيهندي، ۽ ان جي لوڏي سان گهڻائي بت ڌهي اچي پٽ پوندا.“ حالتن جو اهو حيرت انگيز ڇيد، ايڏي ننڍي عمر ۾، هڪ طرف هن جي بنيادي ذهانت ۽ سندس وسيع مطالعي ڏانهن اشارو ٿو ڪري تہ ٻئي طرف ان مطالعي مان صحيح نتيجا ڪڍڻ جي سندس ڏات جي نشاندهي ٿي ٿئي! آئون کيس چيڙائڻ لاءِ، پوڳ ڪندي چوندو آهيانس تہ ”يلا، وري تہ ڪا اڳڪٿي ڪر تہ اهو ڍڳو وري ڪڏهن ٿو سڱ مٽائي.“ پر پوڳ پوڳ ۾، منهنجي ذهن ۾ اها آرزو پڻ هوندي آهي تہ من هو وري حالتن جو اهڙو ئي تز ۽ هٺيڪو ڇيد ڪري ٻڌائي جو شايد سنڌ جي چائنٺ تي ڪنهن انقلاب جي ڪا بشارت ملي!

رسول بخش پليجو منهنجي راءِ ۾، بنيادي طرح هڪ اديب قلمڪار ۽ لکندڙ آهي، اهڙو اديب، جيڪو پنهنجي وطن ۾ پنهنجي هم وطنن ڏانهن سچائي ۽ ايمانداريءَ سان جوابدار ۽ جانبدار آهي. هن جي اها جوابداري (ڪميٽمينٽ) ايتري مڪمل ۽ همگير آهي جو ان ۾ ڪنهن لشڪريءَ جي سختي ۽ اڳرائي اچڻ سياويڪ آهي. ان جوابداري ۾ ٻين کي شامل ڪرڻ ۽ پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جي آرزو هن کي تحرڪ ۽ تحريڪ ڏانهن وٺي آئي آهي. هن جي اها جوابداري، اڳرائي ۽ اجتماعيت هن کي لکڻ کان، فڪري رهنمائي ڪرڻ ڏانهن، ۽ فڪري رهنمائي ڪرڻ کان عملي سياست ۾ گهلي آئي آهي.

اهو سفر ڏاڍو اٽانگو ۽ ڪٺن آهي، ۽ ان سفر ۾ هن پنهنجي ملڪيت، وڪالت، صحت ۽ سڪون جهڙيون نعمتون قربان ڪيون آهن، پر ان جي بدلي لکين مسڪين مارو ماڻهن جون محبتون ۽ قربتون حاصل ڪيون اٿس!

Gul Hayat Institute

ان سفر جو هڪڙو باب جيل جون يادگيريون پڙهندي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تہ ان ۾ هو اسان کي شامل ڪرڻ، پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جا جتن پيو ڪري. "جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پِريان" واري ڳالهہ ڪري، هن سچائي ۽ جوابداريءَ جو ننگ نڀايو آهي. رسول بخش پليجو جنهن "بختاور" ۽ "انڌا اونڌا ويچ" ۾ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي اصل روح سان چاڻ ساڻ ڪرائي، ان جي اها ٻولي هت نظر نٿي اچي، پر ان جي بدران سنڌ جي هڪ سڄاڻ ۽ ڏاهي سياسي ڪارڪن جي گفتگو ڪچهري ۽ رهاڻ پلئہ پوي ٿي. جيڪا هن جي روح جي واردات آهي، ان ڪري من کي جهوريو وجهي.

مون جيئن مٿي چيو آهي تہ ضروري نہ آهي تہ رسول بخش پليجي جي فڪر ۽ ڏاهپ سان هر ماڻهو متفق هجي، پر ڇا بہ ٿي پوي هن جي سچائيءَ ۽ سنڌ ۽ سنڌ جي عام مسڪين مارو ماڻهن ڏانهن سندس "ڪمٽمينٽ" جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نٿو سگهجي. هن جو سفر اڃان اڳاهون آهي. مون جهڙا ماڻهو رڳو سفر جي منزل بابت فڪرمند هجڻ جي عياشيءَ ۾ مبتلا آهن، ۽ ڀِٽائيءَ جي هن بيت جو پاراتو ٻڌيل آهن تہ:

متان ٿيئي اونداهہ، پير نہ لهين پِريئن جو!

شل رسول بخش کي سندس سمورا پِرين ڪمهلي سمي کان اڳ نصيب ٿين، ۽ هو سپاٽي جي سج جي آجيان ۾ سڀ کان اڳتي ۽ اڳاهون هجي!

**25 نومبر 1989ع**
**(مهاڳ ڪوٽ لکپت جو قيدي)**

Gul Hayat Institute

**ماهتاب محبوب**

# پليجو: قوم جو مسيحا

سنڌ جي سياسي تقدير جو منفرد تصور رکندڙ عظيم انقلابي دانشور، ماهر قانون دان رسول بخش پليجي جي اڻ ٿڪ ۽ جدوجهد واري زندگي ڏسي، شاهه سائينءَ جي سٽن ’تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي‘ سان گڏ ياد ايندا اٿم بمبئيءَ جي ’سنڌو درشن‘ ۾ چيل پروفيسر رام پنجواڻيءَ جهڙي سُچيت انسان جا لفظ ته، ”جيڪو ماڻهو زندگيءَ جي جدوجهد ۾ بيهي ٿو رهي سو مئل مثل آهي، انهيءَ جي جيئڻ جي يا نه جيئڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي، تنهن ڪري محدود زندگيءَ کيس ڪارائتو بڻائڻ لاءِ جيترو ٿي سگهي پاڻ کي هلائڻ گهرجي.“

مانائتو ليکڪ، خوددار سياسي اڳواڻ رسول بخش پليجو عملي طور مون کي انهن جملن جي فريم ۾ بنهه فٽ نظر ايندو آهي، ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي ذات جي دائري ۾ قيد رهڻ بدران زندگيءَ جو هر پل سجايو ڪندي، سدائين گڏيل عظيم مقصدن لاءِ جاکوڙ پئي ڪئي آهي، جن جي حاصلات چاهي پُڙي هجي يا ضرب پوءِ به سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي.

اسان وٽ قوم جي حقيقي سڄڻ ۽ خيرخواهه سياستدان هئڻ جي ڪٿ ’جيل سينيارٽي‘ جي حساب سان ڪئي ويندي آهي. پوءِ پل ته ڪو سؤ ورهيه جيل ۾ ڇمار ڳاري، قوم کي خالي نعرن، ڪوڙن دلاسن ۽ ڏٽن کان سواءِ ڪجهه به نه ڏيئي سگهيو هجي، سڏبو وري به ’اصلي تي وڏا‘ سياستدان، جڏهن ته قابلِ قدر اهو سياستدان جيڪو سچي حڪمت عمليءَ تي هلندي پنهنجي قوم آڏو هر سچ سچائيءَ سان بيان ڪري سگهڻ جي جرئت ۽ حوصلو رکندو هجي. باقي ٺلها دم دلاسا ڏيڻ ته ’سنڌي قوم جو ڪير وار به ونگو نٿو ڪري سگهي يا حقن تي ڪير به ڏاڙو نٿو هڻي سگهي‘ جهڙا بي عمليءَ وارا بيان، هڪ طرح سان پنهنجي بهادر ۽

جرئت مند نوجوانن جا قومي جوش ۽ جذبا ٿڌا ڪرڻ مثل آهن. جنهن ڪري هو طلسمي نعرن ۽ رُڃ جهڙن خوابن کي سچ سمجهي ڪجهه ڪرڻ کان بيوس بڻجي، خوش فهمين جي آڏار تي چڙهي مينٽلي ريٽارڊيڊ بڻجيو وڃن. انهن ئي افعالن ڪري اڄ بہ سنڌ ۾ جنهن پاسي ٿي نهار ڪجي اُتي مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن. حد نگاهہ تائين پکڙيل رُڃ ۾ ان ۾ ٿڙندا ٿاٻڙندا ڇيڇلائيندڙ پاڇا... چؤطرف آدرشن جا خالي کوهہ، امرت کان وانجهيل چشما.... دلاسن جا جلسا ۽ اُميدن جا ڦاها، سنڌ جو مقدر بڻيل آهن. رسول بخش پليجي ست سال جيل ڪاٽيا آهن، سياستدانن جي 'ڪٽ' واري حساب ۾ ڪيس ڪهڙو درجو ڏجي، انهن بحثن کي منهن ڏيڻ وارا گهٽا ئي وينا آهن. مان تہ رڳو اهو چوندس تہ هن جيل اندر توڙي ٻاهر، ٻنهي حالتن ۾ اسان کي ايندڙ وقت جي تلخ حقيقتن کان باخبر رهڻ جا ڇتاءَ پئي ڏنا آهن. خوش فهمين ۾ مبتلا رهندڙ سُتل ذهنن کي بيدار ڪرڻ جا وس پڄندي جتن ڪيا آهن ۽ ريشمي خواب ڏيکارڻ بدران ڪڙو سچ ٻُڌايو آهي. سندس قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙائي جاچڻ لاءِ ماضيءَ کان وٺندي حال تائين هن جي تحريرن، تقريرن، عملن ۽ بيانن تي نگاهہ وجهبي تہ هو اُصولن تي قائم رهڻ وارو انسان لڳندو نہ تہ اسان وٽ پنهنجي مفادن کي اوليت ڏيڻ وارن سياست بازن جي ڪمي ناهي، جيڪي چار ڏينهن اڳ چيل ڳالهہ تان ايئن ڦري ويندا جڻ سندن چئن پيڙهين مان بہ ڪنهن اها ڳالهہ نہ چوري هجي. جڏهن تہ پليجو پانيان ٿي ستر جي ڏهاڪي يا ان کان بہ اڳ کان سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيارڻ ۽ وڏيراشاهيءَ خلاف جنگ جوٽڻ جي ڳالهہ ڪندو اچي. اڄ سنڌ جي ڪروڙين ايڪڙ زمين ۽ شهرن تي اسان جي اکين آڏو ڌاڙا لڳي چڪا آهن ۽ حقن تي ڌاڙن جو سلسلو اڃان تائين جاري آهي، پر هن اکيون ٻوٽي عام سياستدانن جيان فرض جو قرض لاهڻ لاءِ ايئن ڪڏهن بہ نہ چيو تہ، "سنڌ تي ڪير بہ قابض ٿئو تي سگهي، ان جو انچ انچ اسان جو آهي."

ان جي برعڪس هن هر دؤر ۾ هڪ حقيقت پسند سياستدان هئڻ جو ثبوت ڏيندي، حق ۽ واسطا وڃائڻ جي ڇتاءَ سان گڏ ڏاڍ خلاف ويڙهہ جاري رکڻ ۽ سجاڳ رهڻ جو احساس ڏنو آهي.

سنڌيءَ ۾ هيستائين جيتريون بہ جيل ڊائريون ڇپجي ظاهر ٿيون آهن، انهن مان شيخ اياز، طارق اشرف ۽ اختر بلوچ جون ڊائريون ادب ۾ خاص مقام رکن ٿيون ۽ هاڻ ان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ لکيل رسول بخش پليجي جي نفيس جذبن ۽ اونهي احساسن سان سينگاريل ڊائري بہ انهن ۾ اچي شامل ٿي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي دل جي ترجماني ڪندڙ خيالن کي پوري سچائيءَ سان ظاهر ڪيو آهي تہ

Gul Hayat Institute

سنگتين ساٿين کان ويندي ڪامورن ڪڙن، مٽن مائٽن، شريڪن شانين کان علاوه سائنس، مذهب، ڪازمولوجي، علم ۽ انقلابن جا برجستا احوال ڏنا آهن ته ڪٿي ڪٿي پنهنجي ترنگ ۾ ايندڙ طبيعت جي جولانين جا جلوا پسائڻ سان گڏ، انسان جي اندر جي عڪاسي ڪندڙ ننڍي وڏي حقيقت پويان هر واقعي کي ابديت بخشي اٿس.

رسول بخش پليجي جي شخصيت جا ڳئين رخ آهن، ڪي اُپ ا ڪئين پيا ڏسبا ته ڪي وري من جي نهان خانن ۾ لڪل... جيڪي سندس ڊائري پڙهڻ کان پوءِ هاڻي نئين سج جيان اُڀري آڏو آيا آهن. هن جڻ پنهنجو اندر کولي رکيو آهي، جنهن مان ايئن لڳندو ته جيل جون اڪيلائيون ۽ اونداهيون هن جي روح جي احساسن کي ريٽي نٿيون سگهن – هو وقت کي منهن ڏيڻ جي سگهه ۽ طوفان تي غالب پوڻ جي طاقت رکي ٿو.

هن جي ادبي ۽ سياسي ڪمن ڏي نظر ڪرڻ سان هو مون کي نه رڳو سنڌ ليول تي پر ملڪي ليول تي به واحد اهڙو سياستدان لڳندو آهي، جنهن وٽ نهايت ئي حساس دل، وسيع ذهن ۽ قوم جي مقدر کي بدلائڻ لاءِ اڻ کُٽ حوصلو هجي... گهٽ ۾ گهٽ اهڙين دانشوراڻين خوبين وارو ڪو ٻيو سياستدان اڃان تائين ته منهنجي نظر مان ناهي گذريو.

مون جنهن به سياستدان جا ادب جي باري ۾ خيال ٻُڌا يا پڙهيا آهن ته ان مان اهو تاثر پيو ملندو ته سندن نظر ۾ اديب ئي معاشري جي سڀ کان واندي ۽ بيگر ۾ وهائڻ واري مخلوق آهي، يلا قلم رهڙي ڪاغذ ڪارا ڪرڻ به ڪو ڪارنامو چئبو؟ هونئن به غريب عوام جي ڳٽتين ۾ ’ڳرندڙ جهرندڙ‘ سياست بازن وٽ ايترو وقت ڪٿي جو ڪتابن ۾ منهن وجهي ويهن. احساسن ۽ جذبن کان وانجهيل اهڙا موڏڪا سياستدان، اديب يا دانشور جي اهميت رڳو ان ويل ئي سمجهندا آهن جڏهن پنهنجوءِ پنهنجي حڪومت جو ٻيڙو سير تي اچي پُڄندو اٿن... تڏهن خلق کي ’پائيچاري‘ وارو چارو چارائڻ لاءِ سرڪار پاران ذميدارين جو ڪوپ اچي ڪپندو ويچاري اديب تي... ته ’ٻيلي عالمن جا ابا اُٿي ڪا واهر ڪر، ملڪ جون واڳون ٿيون وڃن هٿن مان...‘

اها سنڌ جي خوشبختي چئبي جو اسان کي ڪيترن ئي گڻن وارو دانشور، اديب ڪم سياستدان ملي پيو آهي، جنهن جي نظر ۾ معاشري جو هر فرد برابريءَ جو حقدار آهي. جُنگشاهيءَ جي ننڍڙي گهر ۾ رهندڙ هيءُ مارو ماڻهو جنهن جي ذات هر قسم جون تلخيون پوڳيون آهن، سختيون سٺيون آهن، عزت، شهرت ۽ مان مرتبي جي بلندين تي رسندي به هو ماڻهن جهڙو ماڻهو ئي آهي. پوءِ به هن ۾ اڃان به

Gul Hayat Institute

ڪا اهڙي ڳالهہ ضرور آهي جا رکي رکي اهو پئي محسوس ڪرائيندي تہ هو رڳو هڏ ماس مان جُڙيل رواجي ماڻهو نہ پر هڪ مڪمل ڪمپيوٽرائزڊ انسان هجي! سندس زندگيءَ تي نظر وجهبي تہ اها پڻ مشيني لڳندي. ٺاهوڪن ڪپڙن لٽن، اپ ٽو ڊيٽ نظر اچڻ جي تمنا ۽ عمده کاڌ خوراڪ جي شوق کان بي نياز پليجي کي مون سدائين ’ناني نوري سڀ ڪم ۾ پوري‘ جيان هر ڪم ۾ پڳرو ڏٺو آهي. هو جيڪا ذميداري کڻندو ان سان سچا هڏ هئڻ جي حيثيت ۾ توڙ تائين ڳن ڏيندو. ٻارهوئي پنڌ ۾، جنهن لاءِ چئبو تہ پير ۾ ڪو چنچر هجيس، جيڪو سک سان ويهڻ ئي نہ ڏيندس. هر وقت طوفان ميل جهڙي تکڙ... هل هلان پيچ پيچان... ليڪچر، صدارتون، پريس ڪانفرنسون ۽ جلسا جلوس تہ کڏهن وري ماڳهين جيلن جي بلي... قيد و بند جون مصيبتون سهڻ کان پوءِ بہ ويچاري سان ظلم اهو جو ڇٽي ڇهہ ماهي پرڙا ساهڻ لاءِ پرڏيهہ اُسرندو ئي مس تہ پويان خلق ۾ گهوڙا گهوڙا پئجي ويندي تہ ’اجهو ويو منيلا!‘ پر پليجي جو سنڌ سان سِر لڳي، هن سنڌ کي ڪڏهن بہ پاڻ کان سواءِ نہ ڏٺو آهي... هو سنڌ کي ڪڏهن بہ پاڻ کي سواءِ ڏسي نہ سگهندو.

سنڌي قوم کي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙيل ڏسڻ جو خواهشمند ۽ هر ڏکيءَ ويل ۾ قوم سان پٺ رهندڙ رسول بخش پليجي کي ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ هو ملڪي ماڻهن جي جدوجهد ۾ ساڻن شامل رهندو اچي. ماڻهو هن جي ذهانت، علمي وسعت ۽ جادو بيانيءَ جا دل سان قائل آهن، ڇاڪاڻ جو هو جدوجهد جي ڪورن ۾ پڪل ۽ آزمايل انسان آهي.

حالتن هن جو سڳ سياپو سياست سان ڳنڍي تہ ڇڏيو آهي پر اڄ بہ سندس روح ادب ڏي ريلا ٽو ڏي. هو اڪثر چوندو آهي تہ، ”مون کي لکڻ لاءِ همٿائيندا رهجو“... ان ڏس ۾ طارق اشرف ٻڌايو تہ ڪنهن وقت ۾ پليجو ڪتابن جو ايڏو تہ فدائي هو جو جيڪو بہ نئون ۽ سُٺو ڪتاب اک چڙهندو هئس اهو پاڻ پڙهي، ڪيس بہ ان تاڪيد سان آڇي ڏيندو هو تہ، ”اهو ضرور پڙهجانءِ“ ۽ اهڙي شاهدي تہ مان بہ ڏيندس تہ جو هو مون کي پڻ چوندو رهيو آهي تہ جڏهن بہ ڪو سُٺو ڪتاب پڙهان تہ کيس ضررو ٻڌايان.

جيل جي ڊائري پڙهندي ڪيترا پيرا اهڙا ورق نظر مان گذريا آهن، جن ۾ هن ادب جي باري ۾ ڀرپور طرح سان خيالن جو اظهار ڪيو آهي ۽ جيڪي تخليقي ڪم هن کان ٿيڻ رهجي ويا آهن تہ شدت سان پڇتاءُ محسوس ڪندي فورن تلافي ڪرڻ جا عزم ۽ ارادا ظاهر ڪيا اٿس. سندس تحريرون عام توڙي خاص ٻنهي طبقن ۾ نہ صرف قبول پيون آهن پر انهن ۾ ذهني بيداري پيدا ڪرڻ جو سبب بہ بڻيون آهن. اها ڪاميابي ۽ قبوليت شايد ان ڪري بہ آهي جو هن جي



Gul Hayat Institute

ذهن ۾ نہ ڪوريئڙي جا چار آهن نہ ئي ڳالهين ۾ مونجهارا. هو وڏيون وڏيون ڊاڙائي گشائي ڳالهيون ڪري عوام لاءِ فينٽيسيز نٿو ڪريئيٽ ڪري پر جيڪو گس ڏيکاري ٿو ان تي پهريائين پاڻ هلي ٻين کي بہ هلڻ جا حوصلا ٿو بخشي.

مون هن جا تقريبن سيئي ڪتاب پڙهيا آهن. سندس نظرين ۽ خيالن سان ڪنهن حد تائين متفق بہ آهيان تہ ڪيترن هنڌن تي هن جا خيال مون کي پنهنجي ئي خيالن جو عڪس پيا لڳندا آهن. سندس تحريرن توڙي نظرين جي حوالي سان ساڻس خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ڪڏهن ڪو اختلاف ٿيو بہ هوندو تہ هو ان کي سهڻن دليلن سان پڙ وڪيل جيان Cover ڪري ويندو.

ليکڪ يا فنڪار قوم لاءِ اهڙو سرمايو هوندا آهن، جن کي دنيا امن جي پيامبر جو درجو ڏئي ٿي. ادب جي ناتي رسول بخش پليجي جون خدمتون اسان لاءِ ان ڪري بہ اهميت جوڳيون آهن جو هن هڪ سجاڳ ذهن اديب ۽ دانشور هئڻ جي حيثيت ۾ عملن پويان نيتن جا رخ سڃاڻڻ واري پنهنجي اثرائتي تحريرن ۽ تعميري تنقيدن سان سامراجي ايجنٽن ۽ نام نهاد ترقي پسند اديبن وٽان سنڌي ادب جي ساک کي ڇيهو رسڻ کان بروقت بچائڻ جا جتن ڪيا. هن سنڌ واسين کي پنهنجي تحرير توڙي تقرير وسيلي سدائين نئون شعور ڏيئي، نيون واٽون ڏيکاريون ۽ ڏاڍ اڳيان هيٺ ٿي ويهي رهڻ بدران حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو ڏانءُ ڏيکاريو آهي.

’ڪوٺ لکپت جو قيدي‘ جي شروعات ’راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نہ وجهي‘ وارين حالتن هيٺ خيرپور سينٽرل جيل ۾ گهاريل رسول بخش پليجي جي انهن بي وسيءَ وارين اُداس ۽ ڇيڇلائيندڙ ڏينهن سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن جون ذهني، جسماني خواه تخليقي، سموريون قوتون ڄڻ صلب ٿي ويون هجن. هو مڪمل طور پاڻ کي نستو بي پهچ، هيٺو ۽ بي روح ٿو سمجهي. هن جي اهڙين سوچن مون کي حيرتن جي سمنڊ ۾ هڪ طويل ٽٻي ڏياري ڇڏي... سوچيم، ڪيئن ٿو بي روح ۽ غائب دماغ هئڻ جي دعويٰ ڪري اهو شخص جنهن حاضر دماغيءَ سان پنهنجي هر مايوس ـ ڪُن ڪيفيت جو نہ رڳو ڀرپور جائزو ورتو آهي پر ان کي شدتن سان اظهاريو بہ آهي. اظهار جي اها ئي شدت محسوس ٿي ڪرائي تہ هن جو سمورو وجود پنهنجن احساسن سان زندهہ آهي. احساس ۽ اُدما ئي هن جو روح آهن، هن جي طاقت... هن جو ذهن... نہ تہ جيڪر اهڙي سچائيءَ سان پنهنجو جائزو وٺڻ هن لاءِ ممڪن ئي نہ هو. اهي هن جا اونها احساس ۽ گهرا جذبات ئي هئا، جيڪي ڪيس جيل اندر پيچي پُري پوڻ کان پوءِ نئين سر پنهنجي تعمير ڪرڻ جو حوصلو ڏين ٿا ۽ تڏهن ئي هو وس وارن جي نااهليءَ اڳيان جهُڪڻ بدران سر بلند ٿي چئي ٿو: ”ڇا ملڪ جا نوان مالڪ واقعي سمجهن ٿا تہ انهن اذيتن ۽ پيڙائن جي ڪري يا پنهنجي



Gul Hayat Institute

ساهہ جي ٻڊپ ڪان سپ ماڻهو سندن اڳيان گيسي ڪري پنهنجي وطن ۽ قوم جي عوام کي لڄائيندا؟“

خيرپور سينٽرل جيل جا تيرنهن ڏينهن تي مشتمل احوال رسول بخش پليجي جي اُميديءَ ۽ نااُميديءَ وارين ڪيفيتن جا ترجمان آهن. جنهن ۾ هن گهڻو وقت يادن کي ڏنو آهي. بظاهر رف تف نظر ايندڙ پليجي جهڙي ماڻهوءَ مان اها اميد ئي نٿي ڪري سگهجي تہ پنهنجي لاءِ سوچڻ بہ ڪو سندس زندگيءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ شامل هوندو. پر دانشوراڻي ۽ درويشاڻي انداز ۾ لکيل هيءَ ڊائري پڙهندي جڏهن سندس ذات بابت نت نوان انڪشاف سامهون اچن ٿا تہ اهو سوچڻو ٿو پوي تہ هيءُ مشيني انسان جيڪو مڪمل طرح سان پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين سان جُڙيل آهي، جنهن جو هر ڏينهن ڪا نہ ڪا تعميري سوچ کڻي اُڀري ٿو، تنهن وٽ پنهنجي ذات لاءِ بہ ڪو ايڏا سارا احساس ۽ اُڌما هوندا... تڏهن ايئن ٿو لڳي تہ جيل جي تاريڪين ۽ اڪيلائين صدقي هن پنهنجو پاڻ کي ڳولي ورتو هجي... جيل جون اونداهيون هن لاءِ جڻ يادن جون روشنيون کڻي آيون هجن... اُهي يادون جن جو سهارو نہ هجي تہ دنيا ۾ انسان بنهہ اڪيلو رهجي وڃي. اهڙين ئي يادن ۾ جيئندي، هن اهي ڏينهن، ڳالهيون، دوست عزيز ۽ مٽ مائٽ دل کولي ساريا سنڀاريا آهن، جن کي هو پنهنجي مصروف ترين زندگيءَ ۾ وقت ڏيئي نہ سگهيو. ان حوالي سان هن جيڪي بہ اظهار ڪيا آهن اُهي نہ رڳو پڙهڻ وٽان آهن پر هئين سان هنڊائڻ جهڙا پڻ. سوچيان ٿي تہ ان سموري سِڪَ ۽ سار جو ڪريڊٽ ڪنهن کي ڏجي؟ يادن کي، جيل جي اڪيلائين کي يا خود پليجي کي؟ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي!

خيرپور سينٽرل جيل جي پيٽ ۾ 1982-5-13 کان شروع ٿيندڙ ڪوٽ لکپت جيل جا احوال ڪافي خوشگوار انداز ۾ لکيل آهن. هر ورق پنهنجو پاڻ ۾ هڪ نئون ۽ دلچسپ تاثر رکي ٿو. توڙي جو وقتي مايوسين جا ڪي پاڇا اتي بہ پليجي جي ذات مٿان ڇانيل آهن، پر هن پنهنجي سموري قوت ارادي سان انهن کي مڙس ٿي منهن ڏنو آهي ۽ اهڙين ڪمزورين تي غالب پوڻ لاءِ وِڪ وِڪ تي پنهنجو تنقيدي جائزو ورتو آهي. انسان جو پنهنجي اوڻاين تي نظر وجهي، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ اهڙي عظمتن پري سوپ آهي، جيڪا ماڻڻ لاءِ هو جيل ۾ آخر تائين ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

جيل کي تربيت گاهہ جو درجو ڏيندڙ چڱاين جي ڳولائو پليجي، ان ڳالهہ کي پليءَ پت ڄاڻايو آهي تہ قيد ۾ ڪنهن معمولي شيءِ جي حاصلات لاءِ خطرن کي منهن ڏيندي، ڪيڏي نہ رٿابندي ۽ جدوجهد ٿي ڪرڻي پئي، جڏهن تہ ٻاهر رهندي انهن ڳالهين لاءِ سوچي بہ نٿو سگهجي.

هن جيل ڀوڳيندڙ جي پيڙا ۽ مجبورين جا پڻ ڪيئي مثال ڏنا آهن. جيل ۾ مليل ننڍيون ننڍيون خوشيون، هن جي اندر مان ننڍڙي ٻالڪ جو خواب بڻجي ليئو ٿيون

Gul Hayat Institute

پائين... علاج جي بهاني ڪا دير بند خلاص ٿيڻ جي خوشي... ڪورٽ سڳوريءَ جي مهابي ماڻهن جا منهن ڏسڻ جي خوشي، کُلي فضا ۾ ساهه کڻي گاڏيءَ ۾ گهمڻ جهڙي خوشي ته ڪڏهن وري پوليس واري لاءِ محبوبا جي انتظار جهڙي خوشي...

زيرِ نظر تصنيف، مشاهدي ۾ ايندڙ هر هڪ لمحي ۽ منظر جي اهڙي (Running Commentary) آهي، جنهن ۾ ننڍين وڏين بي شمار ڳالهين، بحثن ۽ واقعن کان علاوه ملڪي ۽ بين الاقوامي سياسي حالتن جا ذڪر پڙهندڙ آڏو جڻ، ٻَڌا ٻانها پيا لڳندا. سياسي ۽ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکندڙ هيءَ ڊائري ان شخص جي وڻندڙ جيون ڪٿا آهي، جنهن سڄي زندگي اوپرائيءَ جي احساس تي سوڀ ماڻڻ لاءِ هر اوپري شيءِ سان 'جنگ' جوٽي اوپرا خيال، ٻوليون، ادب، گس ۽ وسيلا جبر ڪري به پنهنجي لاءِ ڄاتل سڃاتل بڻائي ورتا. ان (Wonder Boy) جا ايڊوينچر رڳو اوپرائپ تي فتح پائڻ جي حد تائين محدود ناهن. هن ڪچيءَ کان ئي پاڻ کي (All in One) بڻائڻ جي هر ممڪن جاکوڙ پئي ڪئي آهي. ڪڏهن هو محمد بن قاسم جهڙو فاتح ٿيڻ جو خواهشمند آهي، ڪڏهن شرلاڪ هومز جهڙو زبردست جاسوس بڻجڻ لاءِ آسائتو ته ڪڏهن وري اقبال جهڙو مومن ۽ شاهين صفت بڻجڻ جو تمنائي هئڻ سان گڏ بهترين وڪيل، نقاد، اديب، پورهيت ۽ انقلابي ٿيڻ جهڙا پروگرام رکي ٿو. سندس اهي خواهشون مومل جو 'ڪاڪ محل' لڳڻ بدران حقيقتن تي مبني آهن.... جن کي پرکڻ لاءِ سندس زندگيءَ تي نظر وجهبي يا خيال ٻُڌبا ته ساري حقيقت پاڻمرادو واضح ٿي ويندي ته هو اڄ تائين مڙني عظيم ماڻهن واريون صلاحيتون عملي طور پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ جا ارمان رکندي، اهو احساس به ٿو ڏياري ته هڪڙو ماڻهو ساڳئي وقت ايترا ڪم ڪري به ڪيئن ٿو سگهي، جو هر ڪم لاءِ الڳ الڳ عمر ڪٿان ايندي.. بهرحال اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته منجهس عظيم ماڻهن واريون ٿوريون ڪي گهڻيون خوبيون، جهلڪين جي صورت ۾ موجود ضرور آهن. پوءِ به بقول سندس ته، "عظيم ماڻهن ۽ فنڪارن جون سڀ ڳالهيون عظيم نٿيون ٿي سگهن'، ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو قيمتي حصو اڻ ڄاڻائي، وهمن ۽ لاحاصل پنڌن ۾ برباد ڪرڻ جو نهايت ڏک رهيو آهي، پر ان ۾ سندس ڏوهه به ڪهڙو، نيٺ به ته هو سينٽ پر سينٽ مٽيءَ مان جڙيل ادنيٰ انسان آهي، ڪو فرشتو ته نه....

جيون ڪهاڻيءَ جي حوالي هن سان لاڳاپيل سمورا ننڍا وڏا ڪردار جهڙوڪ مختيار اعوان، مجيد قريشي، امير بورچي، بابا رفيق ۽ ٻيا مٽ مائٽ توڙي ملڻ جلڻ وارا، ڊائريءَ جا اهم ڪردار آهن. شروعاتي ڏينهن جي يادن کي ذهن ۾ (Re–Play) ڪندي هن پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ننڍپڻ جا احوال ڏيڻ سان گڏ تعليم پرائڻ ۽ ان ڏس



Gul Hayat Institute

۾ پيش ايندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ جا واقعا بنا رکت جي سهڻي نموني قلم بند ڪيا آهن. جڻ ڪيس اندر جون اکيون هجن. جن سان هو ماڻهوءَ جي روح ۾ لهي، ان کي نهن کان چوٽيءَ تائين اندر کان ٻاهر تائين سڃاڻڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ وڏي ڳالهه اها تہ مشاهدي جي باريڪ بينيءَ سان گڏ اظهار بہ ڪري سگهي ٿو. هن تصنيف ۾ هن جي ويجهو رهندڙ اهڙا ڪيئي ڪردار ملندا. جن کي نہ رڳو هن پرکيو آهي پر انهن جي شخصيت تي ننديا ننديا خاڪا لکي عجب ۾ وجهڻ جهڙي سڃاڻپ بہ ڪرائي آهي تہ هنن جو اصلي روپ ڪهڙو آهي ۽ هو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن. پليجي جي بي ترتيب انداز ۾گذاريل زندگيءَ جي طرز عمل ۾ ڪي خاميون هوندي بہ وٽس ادب ۽ احترام، اخلاق ۽ فضيلت کي وڏي اهميت حاصل آهي. هيءَ جنهن ۾ اهي گُڻ ڏسي ٿو ان جو دل سان قدر بہ ڪري ڄاڻي.

ڊائريءَ ۾ هن جون آدرش ڀريون ڳالهيون زندگيءَ ۽ موت بابت بي باڪ رايا، عورتن جي آزاديءَ جا احساس، سياسي اٽڪل بازيون... مطلب تہ زندگيءَ جو ڪهڙو اهم نقطو ڇڏيو جي، جنهن کي هن نظرانداز ڪيو هجي... سندس مشاهدي جي قوت ۽ سوچن جي رواني ڏسندي ايئن پيو لڳندو ڄڻ ڪائنات جي هر رنگ بابت سندس ذهن جي ڊسڪ ۾ معلوماتن جا خزانا قيد ٿيل هجن. سڄي ڊائري وڻندڙ تشبيهن ۽ نهڪندڙ پهاڪن سان سينگاريل ڏسي اهو احساس ٿو ٿئي تہ هن سنڌي ٻوليءَ جي زرخيزيءَ مان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو آهي تہ موقعي مهل سارو شعرن جو استعمال بہ ناهوڪو ڪيو اٿس. عام طرح سان دانشورن جون تحريرون ڪوٽيشنز يا حوالن جي ٽيڪي سان سٽيل هونديون آهن. جيترا ڏگها ۽ گهڻا حوالا اوترو ئي وڏو دانشور هئڻ جي گيرنٽي... هڪ ڳالهہ پويان پڙهندڙن کي ڏهہ حوالا پوڳائڻ تہ ڄڻ دانشور جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل هجي. ادب، انقلاب يا سياست جي باري ۾ سنئين سڌي ڳالهہ پئي هلندي تہ اوچتو ڇتي ڪوريءَ وارو مرحلو اچي مُنهن ۾ لڳندو. فلاڻو ليکڪ، ان جو فلاڻو ڪتاب، تنهن جو فلاڻو باب ان باب جو فلاڻو ڪردار ۽ پوءِ ان ڪردار واتان ڦريل ڪو طويل فلسفي ڀريو دقيق حوالو. جو پڙهندڙ ڇتو ٿي پائيندو تہ حوالن جا ايڏا سارا اسپيڊ بريڪر پوڳائڻ واري ليکڪ جو مٿو ڦاڙي وجهي. پناهگيرن جي لوڏ جيان هڪ ٻئي پيوان ايندڙ اهڙا بي شمار حوالا اصلي ليکڪ جي خيال ۽ سوچن جو ڪنڌو ئي ڪٽائي ڇڏيندا آهن. شڪر آهي جو رسول بخش پليجي جون تحريرون اهڙي هيڪاندي حوالي بازيءَ جي زد ۾ اچڻ کان گهڻي قدر بچيل آهن. ان جو ڪارڻ لاشڪ تہ اهو ئي ڇئبو جو ڪيس پنهنجين سوچن ۽ فڪري صلاحيتن تي مڪمل اعتماد آهي. طويل تہ طويل پر هو مختصر ۾ بہ اهڙيون سياڻپ واريون ڳالهيون ڪري ويندو آهي، جن کي ٻُڌڻ وارو ڪن لائي ٻُڌي تہ هوند مغز جا بند ٿيل طاق کُلي وڃنس.

جيل اندر ماٺ ڪري ويهڻ بدران پليجي هر لحظي تبديل ٿيندڙ معاشرتي، سماجي ۽ سياسي ڪشمڪش جو ڀرپور جائزو پئي ورتو آهي، ان ڏس ۾ ٽي وي ۽ ريڊيو جن سان هن جو عام زندگيءَ ۾ شايد تہ گهٽ واسطو پيو هوندو. اُهي جيل ۾ ڪيس ٻاهرين دنيا سان لنڪ ۾ رکي جيئارڻ جو وڏي ۾ وڏو سهارو ثابت ٿيا آهن ۽ ان ڪري ئي هن ڪيترن هنڌن تي ٽي وي پروگرامن، قلمن ۽ گانن کان ويندي قوالين تائين دل کولي تبصري نگاريءَ جا اهڙا اهڙا جوهر ڏيکاريا آهن، جو ٽي وي مبصر تابنده لاريءَ کي بہ ماٺ ڏئي ويو آهي.

ڊائريءَ ۾ الائي ڇو ڪيترن ئي هنڌن تي نالن جا (Initial) ڏنل آهن، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا. ممڪن آهي تہ ان ۾ ليکڪ جي ڪا مصلحت هجي، پر اِنيشل جي ذريعي شخصيتن جي سڃاڻ جيئن رڳو ڊائري لکندڙ يا ان جي ويڙهي وارن کي هوندي آهي، تنهن ڪري بهتر هو تہ پورا نالا ڏجن ها.

خطرن سان وڙهندڙ علم ۽ ڄاڻ جي عاشق، رسول بخش پليجي کي خودترسيءَ وارين حلتن تي سدائين بچان وني ۽ چڙ لڳي... پوءِ بہ جيل اندر 'ڦاٿو تہ ڦٿڪڻ ڪهڙو' واري حالت تي ان مهل مٿس بي اختيار ڏاڍو ترس ٿو اچي، تڏهن 'ڇني لولهي ڪتڻ ڪٽون، ڪڏڻ لڳنس ٻال' جيان نوبڪليو ۽ هٽيڪو ڏسي ڪڏهن 'ڇٽ پڙهيو الله اڙيو' جهڙي رمضان جا مذهب جي باري ۾ احمقاڻا سوالي سونٽا دل تي جبر ڪري سهڻا ٿا پونس تہ ڳڏ امير بورچيءَ کان زبان خور ٻليءَ جي سڄي ڏينهن جي ڪارڪردگي بہ ٻُڌڻي ٿي پويس تہ ڪڏهن وري ماڳهين رامائڻ جون ڪهاڻيون، لڇمڻ جا قصا، هنومان جا حوالا ۽ ٻُڌل شعر وري وري ٻُڌائڻ واري بابا رفيق جهڙين چرين بلائن کي پوڳڻو ٿو پويس. پوءِ بہ اهي ڳالهيون ڪيس لائوڊ تي مُلي جي لڳاتار ڀڻ ۽ واعظن کان وڏيڪ عالماڻيون، فاضلاڻيون ۽ عاقلاڻيون ٿيون لڳن.

ڊائري ايڏي دلچسپ آهي جو هن جي هر ڏينهن تي پنهنجا ناچيز خيال ظاهر ڪرڻ تي دل پئي ٿي، پر هڪ تہ لکڻ جو وقت بنهہ محدود مليو اٿم، مٿان وري ڊائريءَ جا صفحا بہ برڪت وارا آهن، تنهن ڪري مهاڳ جي صورت ۾ جي هڪ بيو وزني ٿهو ان ۾ شامل ٿي پيو تہ ڊائري ڦري ڪلب سينڊوچ ٿي پوندي. هيءَ جيل ڊائري پڌري ڪرڻ تي مان رسول بخش پليجي کي ڪوڙ ساريون مبارڪون ٿي ڏيان، پر اها دعا هرگز هرگز نہ ڪندس تہ هو اهڙيون بيون ڪيئي بهترين جيل ڊائريون ڏئي سنڌي ادب ۽ قوم جي خدمت ڪندو رهي، ڇو تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم کيس جيل ۾ ڏسڻ بدران پنهنجو پاڻ سان ڳڏ ٿي ڏسڻ چاهي. کين هن جي ضرورت آهي. هو، جيڪو پنهنجي قوم جي ماڻهن جو مسيحا آهي.

**("ڪوٽ لکپت جو قيدي" جو مهاڳ)**

**نورالهديٰ شاهه**

# اسان جو جينيئس

قومن تي هڪڙو دؤر خاموشيءَ، مايوسيءَ ۽ بي حسيءَ جو بہ ايندو آهي. هر فرد الڳ الڳ زهر جو پيالو پي سمهي پوندو آهي. چسڪي چسڪي زهر پي ڦڙو ڦڙو جيئڻ وارو عمل بہ اچي جڻ پڄاڻيءَ تي پهچندو آهي. شهر پنهنجي اندر ۾ جڻ قبرستان بڻجي ويندا آهن ۽ اها آڪسيجن ڇڪيندڙ لاش، مايوسي پيانڪ حقيقت جيان اُگهاڙي تي وچ چوڪ تي اچي ويهندي آهي ۽ اُميد ڪنهن هڪ سوال جو روپ ڌاري سگهندي آهي.

اهڙين حالتن ۾ ادب ان سوال جو جواب ڳولڻ وارو ڪم ڪندو آهي ۽ جواب ڳولڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ نئون سفر آهي نئين صبح ڏانهن – بلڪل ائين جيئن آپگهات ڪري مرندڙ شخص ڪي جيارڻ جي آخري ڪوشش پوريءَ سگهہ سان ڪبي آهي. تاريخ ۾ جيڪڏهن خودڪشي ڪري مرندڙ يا قتل ٿيل قومن پيهر جيئڻ جو ساهس ماڻيو آهي تہ ان جي پويان انهن جي ادب جو وڏو حصو رهيو آهي.

(اها ڳالهہ ان بحث ڪانسواءِ آهي تہ خود ادب جو هڪ قطعي ٻيو ڪردار ۽ استعمال جي نوعيت رهي آهي، جيڪا پڪ تہ Negative آهي) ساڳئي وقت مٿين حالتن ۾ ادب سرجندڙ اديب جو ڪردار بہ بنهہ حساس ۽ ان شخص جهڙو رهيو آهي، جيڪو ڀال آڏي ڀارڻ ڪانسواءِ ياالا ڪٽي ياڪرئين وڙهي ٿو. ڪهڙا ياوَهن ڪي سُک چين تياڳي پنهنجو پاڻ اُپين ڪارن تي گهلڻ تي مجبور ڪن ٿا. ان سوال جو جواب تاريخ ۽ سماج جي پس منظر ۾ ڪيترو بہ پهاڙ جيڏو ليندو هجي، پر بنهہ نازڪ ۽ احساساتي جواب اهو بہ آهي تہ اهو ذات ڏٽي ان سچائيءَ جي هٿن ۾ بي وس ٿيو پوي، جيڪا پنهنجي اظهار لاءِ ڪيس چونڊي ٿي. هر دؤر جي هر سچ ڪي پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن شخص جي گهرج هوندي آهي. شخص جنهن جي رڳ

Gul Hayat Institute

رڳ ۾ دل ڌڙڪندي هجي. سچ ان شخص کي ڳولي لهي ٿو ۽ ان ڪانپوءِ شخص ان سچ جي پويان سُک چين تياڳي ان اننت ويڙهہ ۾ وڙهندو ليندو جيڪا تاريخ جي ڦهلاءَ ۾ اجا پڇاڙيءَ کي ناهي پهتي.

انهيءَ پس منظر ۾ مون شاعريءَ جا هي ترجما پڙهيا آهن. سوال جيڪو ترجما پڙهندي هر هر منهنجي ذهن ۾ اُڀري ٿو تہ اهي ڪهڙا ڪارڻ آهن، جيڪي هڪ حساس اديب کي سياست جي اسٽيج تي آڻي بيهارين ٿا ۽ اهي ڪهڙا ڪارڻ آهن جيڪي سياست جي اسٽيج تي بيٺل شخص کي هر هر ادب سان ڳنڍيو رکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.

اهي اسان جا سماجي، سياسي ۽ ادبي تضاد آهن، جيڪو بہ جينئيس شخص انهن تضادن جي وچ ۾ ٻوڙي ٿو. وڙهي ٿو ۽ اڌ پنڌ ۾ مارجي ٿو وڃي اڪثر. اڌ پنڌ ۾ مارجي وڃڻ ايڏو چرڪائيندڙ ڪونهي، نہ ئي ايذائيندڙ آهي، جيڏو جينئيس شخص جو اهو احساس تہ قوم کي اجا هو بي حسيءَ ۽ مايوسيءَ جي موت جهڙي ننڊ مان جاڳائي نہ سگهيو آهي، يا قوم اک کولڻ لاءِ تيار ئي ناهي.

اهي ڏاڍيون پيڙا ڏيندڙ حالتون آهن. بنهہ گهڻو ٿڪائيندڙ. تڏهن بہ سنڌ جي مٽيءَ منجهہ ڪجهہ اهڙي سگهہ سمايل آهي، جو سنڌ جو جينئيس ايترو جلد ٿڪجي نٿو. اڌ پنڌ ۾ آڻ مڃي نٿو. پوريءَ سگهہ سان سچ جو اظهار ڪري ٿو. جيترو ان جي سگهہ کي ٽوڙڻ جا جتن ڪيا ٿا وڃن، اوتري شدت سان هو نوان رستا ڳولي ٿو نيون راهون سرجي ٿو پراڻن بند رستن تان ڪنڊا ۽ ڪاوا ميڙي ٿو سختيءَ سان بيڪڙيل در ۽ دريون کولڻ لاءِ ۽ ٻاهرين تازي هوا کي اندر آڻڻ لاءِ ۽ نئين سگهہ سان نئون ساهہ کڻڻ لاءِ ۽ ”اجا اسين زندهہ آهيون“ جو اعلان ڪرڻ لاءِ.

پليجي صاحب کي مون انهيءَ پس منظر ۾ پڙهيو ڏٺو ۽ ٻُڌو آهي. آئون جڏهن ترجمن کان پهرين پليجي صاحب جي شاعري پڙهان ٿي تہ سچ پچ مون کي حيرت ٿئي ٿي. شاعريءَ تي نہ اظهار جو وسيلو چونڊڻ تي. سگهہ تي نہ، سگهہ جي جمالياتي اظهار تي. احتجاج تي نہ احتجاج جي نفاست تي. اها نواڻ ۽ سونهن سنڌ جي جينئيس لطيف کان ٿيندي اچي تڏهن بہ نئين ۽ چرڪائيندڙ آهي.

گورنمينٽ ڪاليج لاهور جي اسٽيج تي جڏهن مزاحمتي سنڌي ادب تي ليڪچر ڏئي لٿي هئس، تڏهن هال مان هڪڙي اسٽوڊنٽ اُٿي بيهي مون کان پڇيو هو تہ، ”مزاحمتي ادب ڏانهن سنڌي اديبن جي لاڙي ڪري انهن مان جمالياتي حس ختم ڪانہ ٿي ويندي؟“

چيومانس، ”ڇوڪري! تون جيڪڏهن سنڌي شاعري پڙهي سگهين تہ توتي اهو حيرت انگيز انڪشاف ٿيندو تہ اسان جي مزاحمت ۾ بہ جماليات آهي.“

Gul Hayat Institute

ساڳيو احساس مون کي پليجي صاحب جو نظم ”اوهان جي پڇاڻان“ به پڙهندي ٿئي ٿو. ان کان هڪدم پوءِ جڏهن آئون ”چلڪٽا لانگ بوٽ“ پڙهان ٿي ته اهو احساس نه رڳي حيرت مان پر وڏي سگهه سان ماٺيان ٿي ته سچ هر سطح تي ڳالهائي سگهجي ٿو.

”هي اهي ڪاريگر زبانون آهن،
جيڪي ڪالهه تو مون سان گڏ
جلسن ۽ جلوسن ۾ ٿاڻن ۾ بند واردن ۾،
قوم ۽ ڌرتي، دين ۽ مذهب
۽ جمهوريت ۽ سوشلزم جا
اُپ ڌاريندڙ نعرا هڻي
اقتدار جي ايوان کي ڌڪائيندڙيون هيون
۽ جيڪي سپاٽي وري به
اهي نعرا هڻي
پاڻ ۾ گهربل تاثير پيدا ڪري
پريئن وري اڇي
رات پيٽ ۾
يا ڏينهن ڏني جو
هنن لانگ بوٽن کي چَٽي
ههڙو صاف ۽ چلڪندڙ رکڻ جي ڪاريگريءَ جي
ڪرت ۾ جنبي ويندڙيون.“

انهيءَ نظم جو حوالو ڪنهن حوالي طور مون نه ڪنيو آهي. ان جي اهميت نه رڳو خيال جي اظهار ڪارڻ ۽ فني لحاظ کان آهي پر اهميت ان شخصي ڪمٽمينٽ جي ڪري وڏي وڃي ٿي، جيڪا شاعر جي هڪ ليڊر جي حيثيت سان، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين سان آهي. اها ڪمٽمينٽ حيران ڪندڙ ان لاءِ آهي ته اسين سڪڻن نعرن ۽ تقريرن تي پلجڻ واري قوم واعدا وچن ٻُڌي ٻُڌي نستا ٿي پيل سچ پنهنجي ڪنهن ليڊر جي واتان ٻُڌندي جڻ آڪسيجن جي بوند ساهه جي نليءَ ۾ لهندي محسوس ڪندا آهيون.

مون مٿي جن تضادن جي ڳالهه ڪئي آهي، جن کي ڪو جينيئس شخص پار ڪري سگهي ٿو. ساڳين تضادن ۾ اها قوم اُلجهي اٽڪي بي يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ ڦاسي پوندي آهي. ان ڪيفيت جي آخري نقطي تي قوم کي سچ پچ ته اٿي، لٿي

Gul Hayat Institute

۽ اَجهي ڪان وڏيڪ سچائيءَ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪا انفرادي طرح قوم جي هر فرد جي زبان ڪي ڇُهي سگهي، جڻ فرد پاڻ ڳالهايو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ لطيف کان هيل تائين وِڪ وِڪ تي ان جا مثال لڀن ٿا، پر سنڌي سياست ۾ نہ —

ان ڪانپوءِ هن مجموعي ۾ شامل ترجما آهن. بظاهر ادب ۾ ترجمي جو ڪارڻ ان ٻوليءَ ۾ سوچ ۽ فڪر جو واڌارو ۽ نَون لاڙن ڏانهن ان ٻوليءَ جو رخ موڙڻ هوندو آهي، جنهن ۾ ترجمو آندو پيو وڃي.

پر ان جا، ان کان بہ وڏيڪ گهرا ۽ احساساتي ڪارڻ هوندا آهن. ٻولي جنهن ۾ ترجمو آندو پيو وڃي، ان ۾ ايڏو ڦهلاءُ هجي، جنهن ۾ ٻاهرئين ادب جا لفظ سمائجي سگهن. ان ڌرتيءَ جو سياسي، سماجي ۽ احساساتي مزاج اهڙو هجي، جيڪو نہ رڳو ان ترجمي کي قبول ڪري پر ان کي پنهنجو اظهار سمجهي. نہ تہ ترجمو محض ترجمو آهي، جن سان بُڪ اسٽال ۽ لائبريريون ڀريون پيون آهن.

هتي پليجي صاحب حافظ جا جيڪي شعر ترجما ڪيا آهن، انهن جي انتخاب ۾ مون کي اها ڳالهہ خاص ڪري محسوس ٿي. اهو احساس تہ حافظ جي اظهار ۽ احساس کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرائيندي پليجو صاحب نہ رڳو سنڌي ادب ۾ واڌارو آڻي ٿو پر اها سوچ، سگهہ ۽ آواز ڏئي ٿو جنهن کي هو پاڻ پنهنجي اندر مان اظهار ڏيڻ ٿو چاهي. مزاج جي هڪ جهڙائي نہ رڳو آواز ۽ سوچ کي پر پيڙا محسوس ڪرڻ واري وارتا کي ٻن مختلف ٻولين سان لاڳاپو رکندڙن جي اندر مٿي ۽ پاڻيءَ جيان جذب ٿي ڪري.

"شمع وانگر تنهنجي وصل جو پروانو ان کي ملندو،
جيڪو تنهنجي تلوار جي هينان،
هر گهڙيءَ نئون نئون سر رکندو."
يا
"جيڪو مايوسيءَ جي غم کان ڊڄي ٿو،
ان جو عشق حلال نہ آهي."
يا
جيتوڻيڪ ڪولي ٻُڌايل ڳالهيون،
دل ۽ دماغ کي روشني بخشين ٿيون—
پر جيڪا روشني بي زبان عشق ۾ آهي
سا دنيا جي بي ڪنهن ڳالهہ ۾ نہ آهي."

Gul Hayat Institute

مون کي پليجي صاحب جي لفظن ۾ حافظ جو خيال ۽ لهجو بنهه اوپرو نٿو لڳي،جڏهن آئون لطيف کي پڙهان ٿي. ان لاءِ آئون سُر ڪلياڻ کان ڪيڏارو تائين سفر ڪريان ٿـ شاهـ جو رسالو سمورو عشق جي فلاسافيءَ جا حيرت ۾ ٻوڙيندڙ انڪشاف ڪندي ملندو. پر مزاج جي اها هڪجهڙائي پليجو صاحب ئي ڳولهي سگهي ٿو. پنهنجي ٻولي ۽ ادب جون گهُرجون محسوس ڪرڻ وري کولي ان کي ٻاهرين هوا ۾ ساهـ کڻڻ جو ساهس ڏيڻ جو عمل اهڙو ئي شخص ڪري سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي قوم کي ڪنهن بيلٽ باڪس تي تڳڻ لاءِ محدود ڪرڻ بدران ان کي ذهني طرح سان جيئرو ۽ سگهارو رکڻ چاهيندو هجي.

ان ڪانپوءِ ساڳي نوع ۾ جڏهن ويتنامي نظم پڙهجن ٿا تـ پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي پنهنجا پير محسوس ٿين ٿا. شعوري طرح سان انهن نظمن جو انتخاب بـ سنڌي قوم جي ذهني ارتقا لاءِ ڪيل ٿو ڏسجي. ان ۾ بـ مزاحمت ۽ جماليات جو احساس ايئن ٿو ملي جيئن سنڌ جي مٽيءَ ۽ شاعريءَ ۾ اڳهين سمايل آهي. اسان جا خواب اسان جون پيڙائون اسان جا آدرش ۽ احساس پنهنجي اندر ۾ ڪيڏي آفاقيت رکن ٿا. ڪيئن اهي باقي دنيا جي مظلوم قومن انهن جي ويڙهـ انهن جي پيڙا جي سفر ۾ همسفر بڻجي پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ قوم جي بچاءُ ۽ بقا لاءِ انهن سان ڳنڍيل آهن. اهو احساس اهي ترجما پڙهندي وڏيڪ پختو ٿئي ٿو.

اهو بلڪل ايئن آهي جيئن پنهنجي قوم کي دريءَ کان ٻاهر جو منظر ڏيکاريندي ڏونڏاڙيو وجي — اُٿو — اُٿو — ڏسو — اوهان بـ وڙهو — اوهين بـ وڙهو — وڙهو — وڙهو — وڙهو —

مجموعي ۾ شامل انگريزي ۽ روسي نظمن جا ترجما بـ ساڳئي پس منظر ۾ ورتل آهن ۽ والٽ وِٽمئن جي نظم ”ڏسيو منهن ڦيرايو چڏيان“ جي آخري سٽن جهڙي ڪيفيت جي شديد رد ايڪشن ڪانپوءِ چونڊيا ويا آهن.

”آئون، اکڙباز ماٺهن جون،

مزدورون، غريبن، ڪاريءَ چمڙيءَ وارن شيدين ۽ ٻين هيٺن سان

بيعزتيون ۽ عقوبتون ڏسان پيو.

اها سڀ ڪجهه

آئون وينو ڏسان،

۽ ماٺ ڪريو وينو آهيان.“

طوفان کان پهرين واري اها ماٺار ئي ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي ان بي پناهـ اظهار جو. جيڪو هن مجموعي ۾ پليجي صاحب جي لفظن ۾ وِڪ وِڪ تي ملي ٿي. ماٺ سان هڪ جينيئس شخص جو سهمت نـ ٿي سگهڻ. آوازن کي جاڳائڻ....



Gul Hayat Institute

آوازن کي هِتان هُتان ميڙي ڪنو ڪرڻ، انهيءَ آس تي تہ اُڏامڻ جو پهريون پڙڪو ڪائيندڙ آواز منهنجي قوم کي اگهور ننڊ مان جاڳائي سگهي.

هن مجموعي ۾ ان ڪانسواءِ عربي ۽ پشتو شاعريءَ جا ترجما پڻ شامل آهن، پر ان سموري ڦهلاءُ کي مهاڳ جي نالي تي لکيل محدود لفظن ۾ سمائڻ ايئن ئي آهي جيئن سمنڊ کي ٻُڪن ۾ پيرڻ.

ان سموري مجموعي ۾ پليجي صاحب جو سچ سان ساٿاري ٿيڻ جو احساس ملي ٿو. اسان سان ٽريجڊي اها رهي آهي تہ اسان جا جذباتي تضاد اسان کي ذهني ويڙهہ ۾ اڪثر پوئتي ڌِڪين ٿا.

انهيءَ جو وڏو ڪارڻ اسان جو سوچ ۽ فڪر ڪان الڳ ٿلڳ رهڻ آهي. اسان جو سمورو انقلاب سموري سجاڳي (ڇا اها سجاڳي آهي بہ!؟) جلسن ۽ جلسون تائين محدود آهي. اسين ڪهڙي اوڙاهہ ۾ ڪِرون پيا، ان جو احساس بہ بي حس ٿي چڪو آهي. سچ آهي تہ جيڪا قوم ذهني طرح سان مزاحمت نہ ٿي ڪري، جنهن جي احساسن مان رت جي بوءِ سونگهي سونهن ۽ سوڀيا کي محسوس ڪرڻ جو خيال بہ مرڻ لڳو هجي، جنهن کي ڪنهن ٻوليءَ جو نعرو وات ۾ ڏئي هٿ ۾ ڪورو ڪاڳر ڏنو ويو هجي۔ ۽ ڪڙهڻ جو ساهس جنهن جي رڳن ۾ زنده باد ۽ مرده باد جي نعرن سان هوريان هوريان سمهاريو ويندو هجي، انهيءَ قوم جي هٿن ۾ هٿيار ڪنهن خودڪشيءَ لاءِ ڏئي سگهجي ٿو، پنهنجي بقا ۽ بچاءُ لاءِ نہ.

انهيءَ پس منظر ۾ پليجي صاحب جا هي ترجما سندس پنهنجا نظم ذهن جي سوڪهڙي تي برسات جي شروعاتي بوندن جيان ڪِرن ٿا. جڻ مٽيءَ جي خوشبوءِ اچي ٿي ۽ آئون گهرو ۽ تازو توانو ساهہ کڻان ٿي. اسان جي ذهني ارتقا لاءِ اهو رستو صحيح ڏس ڏانهن وڃي ٿو. اهو ئي اسان جي مزاج ۾ آهي ۽ اهو اسان لاءِ بيحد اهم آهي تہ اسان جو ڪوبہ جينئس اسان جي مزاج کي سمجهندي اسان جي مٽي بيهر ڳوهڻ جو ڏوهہ ڪري.

**(مهاڳ: اوهانجي پچاٽان)**

Gul Hayat Institute

**طارق اشرف**

# رسول بخش پليجو

رسول بخش پليجي صاحب سان منهنجي ملاقات ڪافي پراڻي آهي. پهريون دفعو ملاقات 1964ع ۾ ٿي هئي. مان سندن عزت به ڪندو آهيان ۽ بي تڪلف به آهيان. ماهوار ’سهڻي‘ ۽ سهڻي پريس تي پابندي پئي ته پليجي صاحب منهنجي وڪالت ڪئي ۽ جڏهن مون تي ڪيس ٿيا ته بہ ڪيسن ۾ منهنجي ضمانت بہ ڪرايائين. حالانڪ ڪجهه وقت اڳ اسان ٻنهي ۾ اختلاف هو پر جڏهن مون تي ڏکيو وقت آيو ۽ گهڻي ياڳي سيڻي اديب مون کان پاسو ڪري ويا ته پليجي صاحب منهنجي پوريءَ طرح مدد ڪئي. پليجو صاحب جيستائين پاڻ گرفتار نہ ٿيو هو، منهنجي شنواين تي بہ ايندو هو جيڪڏهن پاڻ نہ آيو ته پنهنجو ماڻهو موڪليندو هو.

مون کي ڪراچي جيل ۾ آئي ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا هئا، جو اخبارن ۾ خبر پڙهيم ته: رسول بخش پليجو گرفتار ٿي ويو. پر اها خبر نہ پئي ته آهي ڪهڙي جيل ۾. 16 ڊسمبر تي صبح جو علڻ ٿيبو عادت موجب چڪرتي ويو ۽ موٽي اچي ٻڌايائين ته: ”رسول بخش پليجو بہ پهچي ويو آهي، 20 نمبر وارڊ ۾ آهي.“ مان ۽ ابوبڪر ساٽس ملڻ وياسين. وارڊ جي در کي تالو ڏنل هو لوهي پٽين جي هڪ پاسي پليجو صاحب ۽ ٻئي پاسي اسين بيٺا هئاسين. پليجي صاحب کي چيوسين ته: ”اوهان پوليس واري کي بيماريءَ جو چئي تالو کولايو ته اسپتال هلي نويڪلائيءَ ۾ ڪچهري ڪريون.“ پليجي صاحب اوڏي مهل ئي رڙ ڪري پوليس واري کي چيو ”يائي تالو کول. مون کي اسپتال وڃڻو آهي.“ هن پڇيو ”اوهان جي طبيعت خراب آهي ڇا؟“ پليجي صاحب چيو ”تمام سخت خراب آهي، تون جلدي تالو کول.“ هن تالو کوليو اسان نفيس صديقيءَ کي اطلاع ڏيئي اسپتال هليا وياسين. ڪجهه دير ڪانپوءِ نفيس بہ پهچي ويو ۽ ڪافي دير مختلف موضوعن تي

Gul Hayat Institute

ڳالهيون ٽيندئيون رهيون. پليجي صاحب ٻڌايو تہ ڪيس ڪجھ ڏينهن نارا جيل ۾ رکيو هئائون. مون پليجي کي ٻڌايو تہ اسان وٽ 23 بئرڪ خالي پئي آهي. جيل وارن کان اجازت وٺي هتي اچي رهو اتي وڌيڪ آرام ۾ رهندا.

ٻئي يا ٽئي ڏينهن پليجو صاحب 23 بئرڪ ۾ هليو آيو. ٻڌايائين تہ سندس ڪاغذ ۽ ڪتاب ماڙيءَ تي روڪي ورتا اٿن. اسان چيس تہ سپرنٽينڊنٽ کي لکي موڪل، ملي ويندا. چو تہ اڳ ئي نفيس سان ڦڏو ڪري ڦاٿا آهن، سو توهان سان نہ ڪندا. پليجي صاحب لکي موڪليو ۽ کيس سيئي ڪتاب ۽ ڪاغذ موٽائي ڏنائون.

پليجي صاحب کي جيڪا کٽ مليل هئي، بند ٿيڻ وقت تنهن لاءِ پوليس وارو آيو. چيائين: اها کٽ چوڌري صاحب جي آهي، واپس ڪريو. جوڻيجي صاحب پوليس واري کان پڇيو: چوڌري هن کٽ تي سمهندو آهي ڇا؟ هن جواب ڏنو: ٻي بہ اٿس. پليجي چيو: تہ پوءِ نہ ڏبي. علڻ ٿيبو چوڌريءَ وٽ ويو ۽ اچي چيائي، "چوڌري صاحب چوي ٿو تہ في الحال پلي رکو. وجو تہ مون کي موٽائي ڏجو." جوڻيجي صاحب کِلي چيو "هن ڀائيءَ کي شايد سدائين هتي رهڻو آهي." پليجي صاحب تحريڪ جو نئون پرچو آندو هو سو اسان کي پڙهڻ لاءِ ڏنائين. مون ۽ جوڻيجي صاحب ايڊيٽوريل پڙهيو- ٻڌيءَ تي لکيل هو. ٻئي ڏينهن پليجي صاحب مون کان پڇيو "اوهان ايڊيٽوريل پڙهيو آهي؟" چيم، "ها." پڇيائين، "اوهان جو رايو ڪهڙو آهي." چيم، "ڳالھ تہ سُني آهي، پر ٻڌي ڪنهن سان ڪريون ۽ ڪيئن ڪجي، ڇا ڪجي؟ منهنجو مقصد آهي ڪهڙين ڳالهين تي، ڪهڙن اُصولن تي ۽ ڪير ٻڌي ڪرائيندو؟" پليجي صاحب چيو "پاڻ ڪرائينداسين." مون چيو "اوهان جي ڳالھ درست. اوهان ٻڌيءَ تي زور ڏيو ٿا، پر ٻئي پاسي انهيءَ پرچي ۾ ڄام ساقيءَ جي خلاف مضمون آهي. اهو بهتر ڪونهي تہ هن وقت اوهان اختلاف وساري ڄام سان ٻڌي ڪريو." چيائين، "ڄام ڪوڙو آهي. اهڙا ڪم ڪري رهيو آهي جنهن مان نقصان رسيو آهي." چيم، "هوندو، پر جيڪڏهن ٻڌي ڪبي، اتحاد ٿيو تہ ڄام بہ ساٿ ڏيندو." ڪجھ دير خاموش رهي، پوءِ پليجي صاحب چيو "اوهان هن پرچي ۾ حورالنساءِ پليجي جي ڪهاڻي پڙهي آهي؟" چيم، "نہ." چيائين، "مهرباني ڪري پڙهو ۽ رايو ڏيو." مون ڪهاڻي پڙهي، چڱي تعميري ڪهاڻي هئي. مون پليجي صحب کي رايو ڏنو. پليجي صاحب ٻڌايو تہ: حورالنساءِ سندن ڀيڻ آهي. پليجي اهو بہ چيو تہ: اوهان پنهنجو رايو جيڪڏهن تحريڪ کي لکي موڪليو تہ مهرباني ٿيندي. مون رايو لکي تحريڪ وارن کي موڪليو. پر شايد ڪين اهو خط نہ مليو.

پليجو صاحب جڏهن کان آيو هو. تڏهن کان اسان وٽ ڳالهين جو موضوع هاڻ گهڻو ڪري سياست هوندي هئي. پليجي صاحب جو چوڻ هو تہ، اصل عوام، سنڌ جو



Gul Hayat Institute

اصل عوام هاري آهي. اسان کي هارين ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. شهرن ۾ هوٽلن جي سياست مان نڪري ڳوٺن ۾ وڃجي. اصل عوام کي ٻڌائجي ته انهن جا حق ڪهڙا آهن. ساڻن ڪهڙيون زيادتيون پيون ٿين. انهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ اسان کان وڌيڪ، شهر وارن کان وڌيڪ انهن ۾ جذبو آهي. هو ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، پر انهن کي ڪم ڪرڻ جو طريقو ڪونه ٿو اچي. اسين کين طريقو سمجهائي سگهون ٿا. اسان جي اصلي ۽ وڏي طاقت هاري آهن، جيستائين اهي ساٿ نه ڏيندا، انهن جو ساٿ اسان سان نه هوندو، اسين ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهنداسين.

پليجي صاحب جو زور نيشنلزم کان وڌيڪ سوشلزم تي هو. سندس خيال مطابق سوشلزم جي اڳ ۾ ضرورت آهي. تنهن ڪري مائوزي تنگ، لينن، مارڪس، هوچي من ۽ ويٽنامي لٽريچر کي پڙهجي.

مان اڳ ۾ به چئي چڪو آهيان ته مان پليجي صاحب کي ورهين کان سڃاڻان، منهنجا ساڻس نظرياتي اختلاف به رهيا آهن ۽ ذاتي به. پر انهيءَ ڳالهه ۾ ايمان اٿم ته پليجي جهڙو ذهين ماڻهو سنڌ ۾ پيو مشڪل ملندو. مان انهيءَ سان به متفق نه آهيان ته پليجو سنڌ جو دشمن آهي. اسان وٽ شروع کان اها مصيبت آهي ته ذاتي اختلاف کي به اجتماعي حيثيت ڏيو ڇڏجي. پليجي صاحب کان غلطيون ضرور ٿيون آهن، پر ڪانئس به اهي ساڳيون غلطيون ٿيون آهن، جيڪي ٻين کيون آهن.

پليجي صاحب کي ويسر جي اصل پِٽ آهي، پر عجيب ڳالهه آهي ته وقت ڏنل هوندس ته وقت تي پهچي ويندو. ڪيس ڪنيل هوندو ته ڪورٽ باقاعدگيءَ سان ايندو. ڪيس جي مڪمل اسٽڊي ڪندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪورٽ روم مان نڪرندي وقت فائل ڪمري جي اندر ميز تي ئي وساري ايندو. منهنجي ڪيس ۾ به اڪثر ايئن ٿيندو هو. ڪورٽ ۾ ڪارو ڪوٽ ۽ ٽاءِ پائي ويٺي هوندي هئي، پر اڪثر ڪيس اهو وسري ويندو هو. هڪ دفعي سهڻيءَ جي ڪيس جي سلسلي ۾ ڪراچي ويٺو هو. ڪراچيءَ مان ايندي، رستي ۾ مون کي چيائين، ”مهرباني ڪري مون کي ياد ڏيارجو منهنجي پينٽ جا بٽڻ کُليل آهن، اهي هٽائي ڇڏيان.“ ۽ پوءِ منهنجي به ٿي دفعا ياد ڏيارڻ تي بٽڻ لڳا. هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌائين: هاءِ ڪورٽ ۾ خون جو ڪيس هو. پليجي کي بحث ڪرڻو هو. هاءِ ڪورٽ ۾ پهتو ته دوست وڪيلن پڇيو: ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ٻڌايائين: خون جي ڪيس ۾ بحث ڪرڻو اٿم. سڀني حيران ٿي پڇيو: پر اوهين ته سُٿڻ، خميس ۽ چمپل پائي آيا آهيو. پليجي صاحب کان رڙ نڪري وئي. ”مري ويس.“ هن کي ياد ئي نه رهيو حيدرآباد مان انهن ئي ڪپڙن ۾ هليو آيو هو. پر حاضر دماغ هو. جج وٽ چيمبر ۾ هليو ويو. چيائين: منهنجي بيگ چوري ٿي وئي آهي. ايترو وقت ڪونهي جو ڪپڙا هٽ

Gul Hayat Institute

ڪري سگهان. تنهن ڪري مهرباني ڪري اجازت ڏيو تہ چيمبر ۾ ئي بحث ڪري وٺان. جج اجازت ڏيئي ڇڏيس.

جيل ۾ بہ اها ئي حالت هئس. ڪنهن بہ شيءِ جو خيال نہ رهندو هوس. هڪ ڏينهن مون چيومانس: ”اوهان دل ۾ نہ ڪريو تہ مان هڪ ڳالهہ چوان.“ چيائين، ”ضرور چئو بلڪل چوڻ گهرجي.“ مون چيو ”اوهان سياستدان آهيو سياستدان جي شخصيت اهڙي هئڻ گهرجي جو ڏسڻ وارو متاثر ٿئي. منهنجو مقصد اهو ڪونهي تہ هر وقت ٽري پيس سوٽ پائي وينو هجي، پر ڄام ساقيءَ وانگر هر وقت ميرو گندو بہ نہ رهي. ڪپڙا سادا ئي هجن، پر صاف سٿرا هجن. اوهان انهيءَ پاسي ڌيان گهٽ ٿا ڏيو.“ چيائين: ”اوهان مهرباني ڪري مون تي سختيءَ سان تنقيد ڪندا ڪريو. مان انهن معاملن ۾ ڏاڍو لاپرواهہ آهيان، ۽ ويسر بہ ڏاڍي اٿم. اوهين ٽوڪيندا ڪريو.“ وري چيائين، ”مون کي ڪم جي ڳالهہ ڪونہ وسرندي آهي. ڪنهن ميٽنگ ۾ ويٺو هجي، يا ڪنهن ڪيس تي، يا تنظيم جو ڪم هوندو تہ اصل نہ وسرندو. اهو ڪم اصل نہ وسرندو، پر مان ڪپڙن، بوٽن يا اهڙين شين کان، ملڪ جي معاملن کي وڌيڪ اهميت ڏيندو آهيان، تنهن ڪري اهي وسريو وڃن. هميشہ جن ڳالهين کي اهميت نہ ڏبي، اهي وسري ويندڀون.“

مان جڏهن روشن وارن جي اچڻ کان پوءِ 23 بئرڪ ۾ پليجي صاحب وٽ رهڻ آيس ٿي تہ اڳ ۾ پڇيومانس، ”مان اوهان سان گڏ رهان، اوهان کي اعتراض تہ نہ ٿيندو.“ مرڪي چيائين، ”اها تہ منهنجي خوشنصيبي آهي.“جڏهن 23 بئرڪ ۾ آيس تہ چيم، ”پليجا صاحب، پنهنجي ٽيرهن سالن کان واقفيت آهي، بلڪ سُٺو رستو آهي، پر زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اوهان سان رات رهان پيو.“ پليجي صاحب چيو ”منهنجي لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.“

پليجو صاحب سدائين مون کي چوندو هو ”اوهين مون تي تنقيد ڪندا رهو. منهنجي هر خامي ٻُڌايو.“ مون هڪ ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ پليجو صاحب ڇڙ جو تمام تيز آهي، پر پاڻ تي ڪافي ضابطو اٿس. پاڻ تي تنقيد ٻُڌندو آهي، ۽ برداشت ڪندو آهي. البت جڏهن ڪاوڙيو تہ پوءِ صفا هوش مان نڪري ويندو آهي ۽ انهيءَ وقت دوستي ناتن جو بلڪل خيال نہ رکندو، پر جلدي انهيءَ سان پرچي ويندو آهي ۽ اهڙو رويو اختيار ڪندو جڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونهي. اڳي کان وڌيڪ چڱي نموني ملندو ۽ اڳلو پاڻ ڦڪو پيو ٿيندو.

شام جو مان ۽ پليجو صاحب اڪثر ميدان ۾ گڏ چڪر هڻندا هئاسين. پليجو هميشہ چوندو هو: ”اوهين مون کي چيڪ ڪندا ڪريو. مان اڪثر غلط حرڪتون ڪندو آهيان.“ مون چيو ”اوهين بي فڪر رهو مان هر وقت اوهان تي نظر رکندس.“

Gul Hayat Institute

نفيس صديقي پڙهيل ڳڙهيل ۽ هوشيار ماڻهو هو. پر پليجي صاحب جي سامهون اسان کي احساس ٿيندو هو ته نفيس ڪجهه به نٿو ڄاڻي. خود نفيس کي به انهيءَ ڳالهه جو اعتراف هو. جڏهن به نفيس ايندو هو ته پليجو صاحب گهڻي دير ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي آيو. ڳالهيون نڪتيون. پليجي چيو. ”اوهان مهاجرن اسان سنڌين تي وڏا ظلم ڪيا آهن. اسان جي حقن تي ڌاڙا هنيا اٿوَ. اسان جي ٻولي، اسان جي ثقافت کي نقصان رسايو اٿوَ. اسان جي نوڪرين ۽ زمين تي قبضو ڪيو اٿوَ. اوهين ٻُٽي جا دشمن رڳو انهيءَ ڪري آهيو جو هو سنڌي آهي. جيڪڏهن هو مهاجر يا پنجابي هجي ها ته اوهين اکين ۾ جايون ڏيو ها. ڇاڪاڻ ته ٻُٽي رڳو پنجابين ۽ مهاجرن کي فائدا رسايا آهن.“ نفيس ڪن ڳالهين جو اقرار ڪندو هو ۽ ڪن کان انڪار. پر جڏهن به اڙدو ٻوليءَ ۽ ڪوٽا سسٽم جو ذڪر ايندو هو ته نفيس صفا مهاجر ٿي پوندو هو. نفيس سان پليجو صاحب انٽرنيشنل پاليٽڪس ۽ پرابلمز ٻُٽي ۽ گهڻي ڀاڱي ويٽنامي انقلاب جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو هو. ڪيئن انقلاب آيو. انقلاب ڪيئن ايندا آهن. ڪيئن وڙهجي، ڪيئن اڳتي وڌجي، ڪٿي پوئتي هٽجي، ڪيئن حملو ڪجي. ڳالهه ۾ ڪجهه به نه هجي، پر پمفليٽ ڪيڏي دشمن کي هراسان ڪجي. نفيس جو مطالعو پليجي صاحب جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه هو. ڏاڍو حيران ٿي اهي ڳالهيون ٻُڌندو هو ۽ پليجي صاحب کان ڏاڍو متاثر ٿيندو هو. هڪ دفعي جڏهن نفيس سان پليجي صاحب به ڪلاڪ ڳالهايو ۽ نفيس موٽي پنهنجي وارڊ ۾ ويو ته پليجي صاحب مون کان پڇيو. ”مون صحيح ڳالهايو. ڪٿي ٽڙيس ٽاپڙيس ته ڪونه.“ چيم. ”نه، اوهان تمام سُٺو ڳالهايو.“

پليجي صاحب جي ذهن ۾ رڳو هاري، انقلاب، تنظيم، ٻڌي، تحريڪ جهڙيون ڳالهيون سمايل هونديون هيون. بوٽ تي مٽيءَ جا تهه ڄمي ويندا هئا. ننهن وڌي مير ۾ ڪارا ٿي ويندا هئا. چمپل ڪونه هوندو هو. سڄو ڏينهن بوٽ پائي پيو هلندو هو. ڪپڙا ميرا ٿي ويندا هئا. پر اهي ميرا ڪپڙا پائي شنوائيءَ تي ويندو هو. جڏهن به شنوائيءَ تي ويندو هو. مان کيس ڪاغذ تي لکي ڏيندو هئس. ”اوهين پنهنجي لاءِ چمپل وٺيو اڇجو. پالش آڻجو. بوٽ خراب ٿي ويا آهن. بوٽن لاءِ ڪشا آڻجو. بنا ڪشن جي بوٽ پائي پيا هلو. صابڻ وٺيو اڇجو. اوهان جا سيئي ڪپڙا ميرا ٿي ويا آهن. رومال وٺيو اڇجو. اوهان اڪثر نڪ خميس سان اُگهندا آهيو.“ ۽ پوءِ سندس بوٽ پالش ڪرائي رکندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به سندس بوٽ پالش ڪري ڇڏيندو هئس. ڪپڙا ڌڪاري رکندو هئس، ۽ شنوائيءَ تي وڃڻ وقت ياد ڏياريندو هئس ته ڌوتل ڪپڙا پائي وڃو. ايندو هو ته چوندو هئس ته ڌوتل ڪپڙا مٽائي، ٻيا پائي وٺو. جيئن ننڊڙي ٻار کي پالبو آهي، مان ۽ ابوبڪر زرداري ايئن پليجي

صاحب جو خيال رکندا هئاسين. ۽ پليجو صاحب بہ هڪ سُني ٻار وانگر اسان جو چيو مڃيندو هو. هڪ دفعي مون پليجي صاحب کي چيو، "مان جهڙو اوهان جو پرسنل سيڪريٽري" کِلي چيائين، "پرسنل سيڪريٽري نہ، پرسنل انچارج." پليجي جي ويسر جي اها حالت هئي، جو اڪثر ماني کائڻ وقت هٿ ڏوئڻ وسري ويندا هئس. مان ياد ڏياريندو هئس: "پليجا صاحب اوهان هٿ نہ ڌوتا آهن." ۽ پليجو انهيءَ وقت اُٿي هٿ ڌوئي ايندو هو. چوندو هو: "اوهين حڪم ڪندا ڪريو مان ڊسيپلين ۾ رهندس. اسين ڊسيپلين وارا ماڻهو آهيون." ننهن ڪٽڻ ياد ڪونہ رهندا هئا. ننهن وڌي، گند ۾ ڪارا ٿي ويندا هئس. هڪ ڏينهن سيئي بيٺا هئا، مون ڏٺو تہ پليجي صاحب جا ننهن تمام گندا ٿي ويا آهن. ڪن جي نظر گهڙي گهڙي ننهن تي پِي پئي. مان نيل ڪٽر کڻي آيس، لڪائي پليجي صحب جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيم. هوشيار ماڻهو، سمجهي ويو ۽ ٿوريءَ دير ۾ ننهن ڪٽي موٽي آيو. خبر نہ ڪهڙي تڪليف هئي جو گيهہ واري ماني نہ کائيندو هو. ۽ هاف فراءِ بہ گيهہ بدران پاڻيءَ ۾ ڪرائيندو هو. پر ويسر جي ڪري اڪثر اٽيي ماني ۽ پاڻيءَ ۾ رڌل بيدو ڇڏي گيهہ واري ماني ۽ بيدو کائي وٺندو هو. هڪ دفعي جوڻيجي صاحب صلاح ڏني تہ صبح جو نيرن تي مکڻ کائيندا ڪريو. روز نيرن تي جوڻيجي صاحب جو مکڻ ايندو هو، پليجو صاحب روز مکڻ کڻي پنهنجي پليٽ ۾ رکندو هو پر کائڻ ياد نہ رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو بہ ياد نہ رهندو هوس تہ ماني کاڌي اٿس يا نہ. اسين ياد ڏياريندا هئاسين تہ چوندو: ڇا! ماني نہ کاڌي اٿم! مون سمجهيو کائي ورتي اٿم. هڪ دفعي شنوائيءَ تان موٽيو. خميس جي کيسي ۾ ڪجهہ ريزگاري پئي هئي. خميس لاٿئين تہ ريزگاري ڪِري پئي. ڳولهي ڪري وري ٻي خميس جي کيسي ۾ وڌائين ۽ جڏهن انهيءَ مان ريزگاري ڪِري تہ وري جيڪا خميس پاتئين، انهيءَ جي کيسي ۾ وڌائين. اهڙيءَ طرح ڪيترا ڏينهن روز پئي ريزگاري ڪِرندي هئي، ۽ ميڙي ٻيءَ خميس ۾ وجهندو هو. هڪ دفعي مون چيومانس: اوهان کيسي ۾ هرويرو ريزگاري وجهي ڇڏي آهي، جيڪا روز پئي ڪري. اوهان کي هتي جيل ۾ ڪم تہ نٿي اچي، اها بيگ ۾ ڇو نٿا وجهي ڇڏيو. چيائين: واهہ جي ڳالهہ ٻُڌايوَ. مان تہ هن ريزگاريءَ مان اچي ڦاٿو هوس، پر سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هن کي ڪيڏانهن ڪريان.

هڪ دفعي پليجو صاحب شنوائيءَ تان موٽيو تہ ٻُڌايائين: اڄ شنوائيءَ تي ابراهيم منشي، آريسر، ساجن ۽ حبيب الله ناريجو بہ هئا. حبيب الله مون کي چيو، "جيئي سنڌو ديش"، مون چيو "جيئي سنڌ." چيائين، "اوهان جيئي سنڌو ديش چوندي هبڪي ويا!" مون بہ چيو "ڇو جيئي سنڌ چوندي هبڪي وئين." پوءِ

Gul Hayat Institute

ڪجهہ تلخ ڪلامي بہ ٿي، پر مودودي جماعت جا ماڻهو وينا هئا، تنهن ڪري جلدي ماٺ ڪري ورتم، تہ ٻين جي سامهون خواري نہ ٿئي.

هڪ شام جوڻيجو صاحب، پليجو صاحب، ابوبڪر، غوث بخش ۽ ظفر (مهاجر ڇوڪرو) وينا هئا. بحث پئي هليو تہ – سنڌي مهاجر اتحاد ڪيئن ٿئي. عادت موجب پليجي صاحب ظفر کي چيو ”آپ لوگ پناهگير...“ مون ظفر ڏانهن ڏٺو هن جو منهن لهي ويو. جيل جو اخلاقي قانون آهي، چاهي ڪير بہ هجي. هڪٻئي جي جذبات جو خيال رکبو آهي. مهاجرن کي پناهگير لفظ تي ڪاوڙ لڳندي آهي، ۽ پليجي گهڙيءَ گهڙي اهو لفظ استعمال ڪيو پئي. مان سيني جي سامهون پليجي صاحب کي چئي نٿي سگهيس، پر ڪيس گهوري نهارڻ لڳس. ڪجهہ دير ڪاپوءِ پليجي صاحب محسوس ڪيو تہ هن ڪا غلط ڳالهہ ڪئي هئي.

پليجي صاحب وٽ وينو هئس، چيم، ”هتي وقت ۽ سڪون بہ آهي، جيڪڏهن ڪا چڱي ڪاپي هجي ها تہ ناوليٽ لکي وٺان ها.“ يڪدم ڪاپي ڏيندي چيائين، ”هي وٺو ۽ جنهن وقت جنهن شيءِ جي ضرورت هجي ۽ اها مون وٽ هجي تہ مهرباني ڪري بنا اجازت کڻي وٺندا ڪريو.“ چيم، ”بنا اجازت کڻڻ تہ مناسب ڪونهي.“ چيائين، ”کڻڻ کانپوءِ ٻڌائي ڇڏيندا ڪريو.“ ”تي سگهي ٿو.“ چيم، ”اُها اوهان جي گهُرج هجي.“ چيائين، ”ٻي گهرائي سگهجي ٿي.“ مون کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هوندي هئي يا ابوبڪر کي تہ، پليجو صاحب جيل ۾ جمع ٿيل سندن پئسن مان اها گهرائي ڏيندو هو. مون تي ۽ ابوبڪر تي زور هوس تہ: لکندا ڪريو. بلڪ تمام گهڻو لکو ڪامريڊ مائوزي تنگ جا ڪتاب پڙهو. مون کان سدائين پڇندو هو ”اوهان ويٽنامي انقلاب پڙهيو آهي؟“ ۽ پوءِ ڪتاب گهرائي ڏنائين، مان بہ ڪيس چوندو هئس، ”اوهين بہ تہ لکو رڳو مون کي چئو ٿا.“ چيائين، ”مون کي بہ لکڻ گهرجي. مان بہ لکندس، پر في الحال پڙهان پيو.“ پليجو صاحب بلوچي سِکي ويو هو، پشتو بہ سِکي هئائين، سرائڪي ۽ پنجابي بہ ايندي هئس، انگريزيءَ جو تہ ماسٽر هو. ادب جي ڳالهہ نڪتي تہ چيائين: ”تعميري ادب تخليق ڪرڻ گهرجي. مايوس ڪندڙ ادب ڏيڻ کان پاسو ڪجي تہ بهتر. فقط اهڙيون ڪهاڻيون نہ هجن، جن ۾ رڳو مسئلا هجن، سماج جو گند هجي. بلڪ مسئلن جو حل بہ ٻڌائجي. اهو گند سماج مان ڪيئن هٽائي سگهجي ٿو انهيءَ جو طريقو بہ ٻڌائجي. همت، بهادري ۽ جدوجهد جو سبق ڏنل هجي. شهري ماحول مان نڪري هارين ۽ ڳوٺن جي مسئلن تي ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. روسي ناول ’پهاڙون ڪي بيٽي‘ جهڙيون ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگي مهاجرن جي پيدا ڪيل مسخري آهي. اها پناهگيري سوچ آهي. اوهين منهنجي نظر ۾ بار آهيو. اجا اوهان کي سوليءَ طرح قلم بہ جهلڻ نٿو اچي. اجان اوهان کي گهڻو ڪجهہ سکڻو آهي.“

Gul Hayat Institute

پليجو صاحب اڪثر سترهين وارڊ ۾ وڃي ويهندو هو جتي جماعت اسلاميءَ وارا رهندا هئا، ۽ چوڌري ظهور الاهي بہ اڪثر اتي ئي ويٺو هوندو هو. پليجو انهن سان سياسي بحث ڪندو هو پر اڪثر مذهب تي ڳالهائيندو هو ۽ چوندو هو ”سياست کي ڇڏيو، اچو تہ مذهب تي ڳالهايون، قرآن شريف ۽ حديث شريف تي.“ پليجي صاحب کي قرآن شريف جون گهڻيون آيتون ياد هيون، ۽ حديث جي بہ چڱي ڄاڻ رکندو هو. بحث ۾ جماعت اسلاميءَ وارن مان ڪوبہ ڪيس پُڄي نہ سگهندو هو. حالانڪ انهن ۾ جسارت جو ايڊيٽر صلاح الدين بہ هو پر پليجي جا دليل ايڏا پختا هوندا هئا ۽ سوال ايڏا اهم جو هو خاموش ٿي ويندا هئا، ۽ ساڻس بحث کان لهرائيندا هئا.

پليجو صاحب پنهنجن ڪيسن جون دلچسپ ڳالهيون بہ اڪثر ٻُڌائيندو هو. هڪ مختيارڪار ’خشڪ‘ جو ذڪر ڪيائين. ٻُڌايائين: سخت ايماندار ماڻهو هو. رشوت جي سخت خلاف. هڪ هندو چاليهہ هزار روپيا رشوت ڏني، ڪيس انهيءَ وقت گرفتار ڪرايائين ۽ سيني جي اڳيان ٻيهي نوٽن تي پيشاب ڪيائين. البت چوڪرن جو شوقين هو. سو ماڻهو اڪثر سهڻن چوڪرن کي پئسا ڏئي وٽس موڪليندا هئا، ۽ اهي هن وٽان ڪم ڪيرائي ايندا هئا. هڪ ’خواجہ‘ جج جي ڳالهہ ٻُڌايائين: خون جو ڪيس هو. مون بحث پئي ڪيو. تمام گهڻي اسٽڊي ڪئي هئم، ۽ بلڪل تيار ٿي آيو هئس. ڪيس هلندي جج پڇيو: ”تون ڪچي آهين؟“ مان بلڪل سيريس هوس. سڄو ڪيس دماغ مان نڪري ويو. جواب ڏنومانس: ”مان ڪچي نہ آهيان. پليجو ذات جو آهيان.“ حالانڪ ڪجهہ دير اڳ پنهنجو نالو ۽ ذات لکرائي هئم. مان وري سنجيدگيءَ سان دلائل ڏيڻ لڳس. وري اوچتو سوال ڪيائين: ”تون ڪچي چو نہ آهين؟“ مان مُنجهي پيس، پلا انهيءَ سوال جو ڪهڙو جواب ڏيئي سگهيس ٿي. ڏاڍي ادب سان چيم، ”نہ سائين، مان ڪچي نہ پليجو ذات جو آهيان.“ وري دليل ڏيڻ لڳس تہ پڇيائين: ”تون ڪٿي جو آهين؟“ چيم، ”ٺٽي جو آهيان.“ چيائين، ”تون ٺٽي جو وينل آهين، پر ڪچي نہ آهين.“ چيومانس، ”مان ٺٽي جو وينل آهيان، پر ڪچي ڪونہ آهيان.“ ڪجهہ دير تائين چٽ کي ڏسندو رهيو. پوءِ پڇيائين، ”ٺٽي جا وڪيل ججن جي خلاف رپورٽون چو ڪندا آهن؟“ مُنجهي پيس. مان غير حاضر دماغ ماڻهو. مون کي ياد ئي ڪونہ هو تہ ڪهڙن وڪيلن، ججن جي خلاف رپورٽون ڪيون آهن. سو چيم، ”سائين مون رپورٽ نہ ڪئي آهي.“ چيائين، ”معنيٰ تون شريف ماڻهو آهين.“ جواب ڏنم، ”ها.“ وري اوچتو پڇيائين، ”سمنڊ جو ڪنارو تنهنجي ڳوٺ کان ڪيترو پري آهي؟“ مون ڪڏهن اها ڳالهہ سوچي بہ ڪونہ هئي تہ خون جي ڪيس ۾ ههڙا سوال بہ پڇبا. چيم، ”سائين مون کي خبر ڪانهي.“ چيائين، ”تون ڪهڙو وڪيل آهين، ڪنهن توکي وڪيل ڪيو آهي.“



Gul Hayat Institute

چيم، ”هاءِ ڪورٽ.“ مون کي ڏاڍا خار هئا، مون هيڏي جاڙي هنئي، پر هن ته منهنجي هڪ به نه ٻڌي، پر انهيءَ وقت ڏاڍو تعجب ٿيم جڏهن هن منهنجي اصيل کي چڏي ڏنو. وڏيڪ عجب انهيءَ تي به هوم ته ججمينٽ ۾ منهنجون اُٺاريل پوائنٽون به هنيون.“

ڪڏهن ڪڏهن پليجي صاحب جي غيرحاضر دماغي عروج تي پهچي ويندي هئي، هڪ ڏينهن سيئي 23 بئرڪ ۾ پليجي صاحب وٽ ويٺا هئاسين. پيلجو صاحب ڪرسيءَ تي ويٺو هو اسان جي بئرڪ ۾ به ڪرسيون هونديون هيون. باقي روشن وارن وٽ. جڏهن بند ٿيڻ جو وقت ٿيو ۽ روشن وارا وڃڻ لڳا ته پنهنجون ڪرسيون به کڻي وڃڻ لڳا. پليجي صاحب ڏاڍيءَ معصوميت سان چيو، ”هڪڙي ڪرسي منهنجي لاءِ ڇڏي ويندا. مان ويهي ڪم ڪندو آهيان.“ مون کي کِل اچي وئي، چيم، ”سائين! هڪ ڪرسيءَ تي اوهان پاڻ ويٺا آهيو ۽ ٻي ڪرسي به پرسان پئي اٿوَ.“ ڏسي پاڻ به کِلڻ لڳو. چيائين، ”مون کي خبر نه هئي ته مان ڪو ڪرسيءَ تي ويٺو هئس. فڪر هو ته روشن وارا سيئي ڪرسيون کڻي ويا ته ويهندس ڇا تي.“ پليجي صاحب جي ويسر اسان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن وڏو آزار ٿي پوندي هئي. رات جو پليجو صاحب پيشاب لاءِ اُٿندو هو هر دفعي لوٽو ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي رکي ايندو هو ۽ پوءِ وسري ويندس. ۽ جيڪو رات جو اُٿي ان کي ڪلاڪ لوٽي کي ڳولهڻ ۾ لڳندا هئا.

هڪ دفعي ٻڌائين ته: ”مان سياري ۾ هميشه بيمار رهندو آهيان، جيل ۾ اهو ڊپ رهندو اٿم ته هتي بيمار نه ٿيان.“ انهيءَ ڪري هر وقت سوئيٽر پيو هوندو هوس، مٿي تي گرم ٽوپي، سمهڻ وقت به اها پيل هوندي هئس. ٿلهي سوڙ مٿان وجهندو ۽ انهيءَ جي مٿان پنهنجو اوورڪوٽ به وجهندو هو ۽ هر ڏهن منٽن کان پوءِ ڪانه ڪا دوا پيو کائيندو هو ٻڌائيندو هو ته ”پهرين ڪنگهه لاءِ هئي، پر اها مصيبت پويس قبضي ڪري ڇڏيندي آهي، تنهن لاءِ ٻي گوري کاڌم پر وري ٻي زڪام ڪريو ڇڏي، تنهن ڪري زڪام روڪڻ لاءِ ٽين گوري کاڌم ۽ اڪثر گوريون بنا پاڻيءَ جي، نڙيءَ ۾ وڃهي ڳڙڪائي ويندو هو. هڪ دفعي قبض ٿي پييس، سندس ڪا دوا نه لڳي. حالانڪ پليجي صاحب وٽ ميڊيڪل ڊڪشنري به هئي، پر دوائن اثر نه ڪيو. نيٺ جيل جي اسپتال جي ڊاڪٽرن کان گوريون وٺي آيو پر قبضي پاڻ وڌي وئي، انهن گورين جو نالو ڪمپائونڊر کان پڇي ميڊيڪل ڊڪشنريءَ ۾ ڏٺائين، ۽ رڙ ڪيائين، ”مار پويس.“ مون پڇيو ”ڪنهن تي؟“ چيائين، ”ڊاڪٽر تي. مون ڪيس چيو. مون کي قبضي ٽوڙڻ جون گوريون ڏي. هن مار پويس، ماڳهين قبض جون گوريون گهرايون. جن ماڳهين جلاب ڪري وڌو.“ ڏاٽ ۾ سور پوندڙ هوس. هڪ دفعي ڏاڍو سور پييس. مون چيو ”ڏاٽ جي سور جون ٽڪيون مون وٽ آهن. اهي ڏيانوَ؟“ چيائين، ”مصيبت اها آهي ته ڏاٽ جي سور جي گوري وري قبضي ڪريو وجهي.“ مون ڪيس هڪ

ٽڪيءَ جو نالو ڦاڙي ڏيندي چيو "اوهان منهنجو نالو وٺي، اها ٽِڪي ڪائي ڇڏيو. سور لهي ويندو." چيائين، "نالو ڇا اٿس؟" چيم، "نالو نہ ٻُڌائيندس، نالو ٻُڌايم تہ اوهان ڪي وري قبضي ٿي پوندي." پليجي صاحب چيو "ڊسيپلين ۾ ڪائبي، پر قبضي ضرور ڪندي." صبح جو ٻُڌائين تہ: ڪيس ڏاٺ مان سور بلڪل لهي ويو آهي ۽ حيرت اها آهي تہ قبضي بہ ڪانهي. اها ڏاٺ جي پهرين گوري آهي، جنهن قبضي نہ ڪئي آهي. وري نالو پڇيائين. چيم: نالو نہ ٻُڌائبو نہ تہ هينئر جو هينئر اوهان کي قبض ٿي پوندي. پليجي صاحب کي هر وقت جوراب پيل هوندا هئا، سمهندو هو تڏهن بہ جوراب پيل هوندا هئا. هڪ دفعي جوراب لٿل هئا ۽ پاڻ کٽ تي سُتل هو. روشن پرسان ويٺل هو. هن جي نظر گهڙي پليجي صاحب جي پيرن تي وڃي پئي، جن تي مر جا ڍير چڙهيل هئا. روشن جي گهڙي ڏسڻ کي پليجي صاحب بہ محسوس ڪيو ۽ جڏهن روشن اُٿي ويو تہ پليجي صاحب اُٿي ڪرڙي پير صاف ڪيا. ايئن پليجي صاحب جي پاٽيءَ سان گهٽ پوندي هئي، جڏهن ڪان آيو هو ڪڏهن بہ وهنتو ڪونہ هو. روشن وارا روز وهنجندا هئا. اڪثر ڏينهن ۾ بہ دفعا. روشن روز پليجي صاحب کي چوندو هو "استاد اوهان کي زوري وبهنجاربو." (روشن پليجي صاحب وٽ انگريزي پڙهندو هو. تنهن ڪري استاد چوندو هو.) پليجو چوندو هو "مان وهنجڻ کان ڪونہ لهرائيندو آهيان، پر وهنجڻ سان بيمار ٿي پوندو آهيان، خاص ڪري سياري ۾." پر روشن روز دڙڪا ڏيندو هو تہ ضرور وهنجاربو. جوڻيجو صاحب روشن کي جهليندو هو، متان وهنجاريو. متان بيمار ٿي پوي، پر هڪ ڏينهن ابوبڪر پاٽي گرم ڪرائي، زوري پليجي صاحب کي وهنجاريو. سيني پليجي صاحب کي مبارڪون ڏنيون. بہ ٽي ڏينهن تہ پليجو صاحب بيماريءَ جو انتظار ڪندو رهيو پر بيمار ڪونہ ٿيو. پوءِ چيائين، "هيءَ تہ معجزو ٿيو آهي تہ سياري ۾ وهنتو آهيان، پر بيمار ڪونہ ٿيس."

پليجي صاحب سان ادب ۽ سياست تي اڪثر ڳالهيون ٿينديون هيون. هڪ دفعي مون چيو "اهو بهتر نہ ٿيندو تہ اوهان جو ۽ جيئي سنڌ وارن جو اتحاد ٿئي. اتحاد سان قوت وڌندي." چيائين، "اوهين بلڪل درست ٿا چئو، مان هر وقت انهن سان اتحاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون انهن سان ڪئين دفعا ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪئين دفعو شاهہ محمد شاهہ وقت ڏئي نہ آيو. هڪ دفعي تہ مون پنهنجي پارٽيءَ جا ماڻهو ٻاهران بہ گهرائي ورتا هئا. ڏاڍو انتظار ڪيم پر شاهہ محمد شاهہ نہ ڪو پهتو ۽ نہ وري پيغام موڪليائون تہ اڄ نہ ايندا سين، ڪنهن ٻئي ڏينهن اچبو. البت ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ مدد علي سنڌي فون ڪري معذرت گهري، پر هن بہ اهو ڪونہ چيو تہ ٻي تاريخ تي ملبو. شاهہ محمد شاهہ جي ڪيسن لاءِ بہ مون چيو هو تہ مان وڪيل ٿو ٿيان، پر سندس دوست قمر واعدو ڪري نہ آيو. ڪجهہ

Gul Hayat Institute

ڏينهن اڳ جي.ايم. سيد سان ڳالهين لاءِ ماڻهو موڪليوسين. جواب نه آيو. البت الهه بچايو مرٽاس آيو. چيائين، "مان سائين جو نمائندو آهيان. اڳ ۾ اوهان سنڌو ديش جي حمايت ڪريو، پوءِ توهان سان ڳالهائبو." ٻڌايو هاڻ ڪهڙو جواب ڏجي.

پليجي صاحب سان سُٺو وقت گذرندو هو. پليجو صاحب نه فقط سياست جي سُٺي ڄاڻ رکندو آهي، بلڪ ادب جو به وڏو ڄاڻو آهي. مان هميشه پاڻ کي پليجي صاحب جي سامهون ٻار سمجهندو آهيان.

بک هڙتال ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پليجي صاحب جو به جيل بدلي ڪيائون. ايئن به جوڻيجي صاحب گهڻو اڳ چيو هو ته پليجو صاحب هوشيار ماڻهو آهي، ۽ ڊپٽي لالو اعظم به بلا آهي. اهو پليجي صاحب کي هتي گهڻو وقت رهڻ نه ڏيندو ۽ ٿيو به ايئن. جيل وارن کي پڪ هئي ته جيل ۾ بک هڙتال پليجي جي چوڻ تي ٿي آهي. ويندي وقت مان پليجي صاحب سان مليس، ۽ پنهنجي رويي جي معافي گهريم. کِلي چيائين، "پاڻ دوست آهيون. مون کي خبر آهي ته اوهان جي دل صاف آهي." ۽ جڏهن ڪافي مهينن ڪانپوءِ منهنجي بدلي به سکر جيل ٿي، ۽ مان اُتان آزاد ٿيس ته ٻئي وارڊ ۾ پليجي سان ملڻ ويس ته پليجو صاحب نهايت قرب ۽ پنهنجائپ سان مليو.

پليجي صاحب ۾ ڪجهه خاميون آهن، يا رهيون آهن. حقيقت اها آهي ته اڪثر ماڻهن ۾ خاميون هونديون آهن، پر ڄاڪاڻ ته پاڻ وڏو اديب آهي ۽ سياستدان به، تنهن ڪري اڪثر تنقيد جو نشانو بڻبو آهي. باقي پليجي صاحب جهڙو هوشيار، ذهين ۽ سمجهُو ماڻهو مون کي پنهنجي اديبن ۽ سنڌ جي سياستدانن ۾ ٻيو نظر نٿو اچي. پليجي صاحب سان اختلاف رکي سگهجي ٿو پر سندس قابليت کان انڪار نٿو ڪري سگهي. هن جي پارٽي ، ڇاهي في الحال اها ڪيڏي به ننڍي هجي، انهيءَ ۾ مڪمل تنظيم آهي. پليجي صاحب پنهنجن ماڻهن تي چڱي محنت ڪئي آهي. سندن پارٽيءَ جي اڻ پڙهيل ماڻهن سان به ڳالهائبو ته هڪ اڌ ڪانسواءِ ڪنهن مان به مايوسي نه ٿيندي. سنڌ جي اصلي عوام ۾، اصلي سنڌ جيڪا ڳوٺن ۾ آهي، انهيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس ڪارڪن آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي رهيا آهن. پليجو رڳو هر ڪم ۾ تڪڙ نه ڪري، هر ڪنهن کي مهاجرن جو ايجنٽ نه سمجهي. ٻين کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ٻين سان اتحاد جي ڪوشش ڪري ته جلدي منزل تي پهچندو.

Gul Hayat Institute

مان جيل ۾ 22 مهينا رهيس، انهيءَ عرصي ۾ سوين سياسي ڪارڪن ۽ سياسي ليڊر جيل ۾ مون سان رهيا، انهن سان مون سياسي بحث ڪيا ۽ سندن ڳالهيون غور سان ٻُڌم، پر اها حقيقت آهي ته رسول بخش پليجي کان وڌيڪ ذهين ڪنهن کي به نه ڏٺم.

**(جيل گهاريم جن سين)**

ف ـ م لاشاري

# پليجو - اسان جي ملڪيت

آئون رسول بخش پليجي کي سڃاڻان ٿو. توهان حيران ٿيندا تہ آئون ڪيس ڪيئن سڃاڻان؟ هن جي پاليسين ۽ حڪمت عملين سان ماڻهن کي اختلاف آهن. مون کي رسول بخش پليجي سان ڪنهن جي بہ اختلاف ڪرڻ تي ڪوئي اختلاف ڪونهي. مان تہ رڳو ايترو چوان ٿو تہ منهنجي ساڻس واقفيت آهي ۽ آئون ڪيس سڃاڻان ٿو.

خدا کي، پيغمبرن کي ۽ شيطان کي گهڻا ماڻهو سڃاڻن ٿا ۽ سيئي اهڙا ماڻهو انهن جي باري ۾ پنهنجا تصور رکن ٿا. هر ڪنهن جي پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ آهي. عيسيٰ مسيح کي پادري ڪيئن ڏسن ٿا ۽ تاريخ جو شعور رکڻ وارا ماڻهو ڪيئن ڏسن ٿا، سو فرق سمجهڻ ۾ گهڻي ڏکيائي نہ ٿيڻ کپي. اونداهين دؤر جا پوپ، جيڪي اقتدار ۾ شريڪ هئا ۽ جن جي ڳچين ۾ سونيون صليبون ٽنگيل هيون. سي مسيح کي ڪيئن ڏسن ٿا، ۽ ميري ڪوريلي، اناطول فرانس، يا نڪاس ڪازنتنا ڪيس يا اجان بہ وِڪ اڳتي والٽيئر، کي ڪيئن ڏسن ٿا، سا ڪا لڪل ڳالهہ ناهي. ازل ۽ ابد جي وچ وارن عرض ۾ سالن ۽ مهينن کي ڳٽي تسبيح جي داڻن وانگر ڳٽي گذاريو ڪندڙ ماڻهن جو فهم ۽ ادارڪ. انهن ماڻهن کان مختلف ٿئي ٿو جيڪي جڳن ۽ زمانن سان وهنوار رکن ٿا.

اسان ذلتن جا ماريلن ڪنل، سٽيل ۽ ٿڪايل انتهائي باعزت ماڻهوڪي دنيا جي جنهن نظر سان ڏسون ٿا ان ۾ وقت پنهنجي ايڪن ۾ محدود آهي ۽ زندگيون سراسري طرح سٺ ستر سالن جي عمر ۾ پنهنجا مدا گذاري ٿيون وڃن. ڇا تاريخي شعور اسان کي اجازت ڏيندو تہ اسان پنهنجي مختصر عمرين کي محدود رٿابندين ۾

Gul Hayat Institute

اڙائي من جون مرادون اکين سان ڏسون. محدود عمر جو احساس موقعي پرستي جي خطرناڪ وڻ ويڙهي آهي. تاريخي شعور اصولن انسانيت ۽ عقل کي پنهنجا ڦيٿا بنائي ٿو. اسان جي جيئڻ جو انداز ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ هزارين سوال آهن. جيڪي وک وک تي ٽڪرائجن ٿا. ڇا اسان انهن سوالن کي منهن ڏيڻ جو حوصلو رکون ٿا؟ يا ڪٿي ائين ته ناهي ته شعوري طرح تي هڪڙا ماڻهو هجون پر جذباتي ۽ غير شعوري سطح جا پسمنظر مختلف هجن؟ ان ۾ جيڪڏهن ڪو فرق اچي ته اسان کي شرمسار ٿيڻ گهرجي يا نه؟ وري هڪ سوال اچي ويو. ڇا اسان کي انهن سڀني هنڌن تي شرمسار ٿيڻ گهرجي جتي شرم سامهون اچي؟ وري سوال اسان جي ڪڍ ئي ڪونه ٿا ڇڏين. آهي ڪو چارو سوالن مان جند ڇڏائڻ جو؟ اتي به سوال ڪيڏانهن وڃجي؟ اهو به سوال.

رسول بخش پليجو به اسان جي اڳيان سوال آهي. جيڪو پنهنجو جواب گهري ٿو ۽ مان سمجهان ٿو. هو اهڙو سوال ناهي جنهن کي لنوائي سگهجي. رسول بخش پليجي جو ترت حوالو اهو دور آهي. جنهن ۾ هو گذاري ٿو. اسان سڀني جو اهو ساڳيو ئي ترت حوالو آهي. گهڻي ويجهڙائي ۾ ان حوالي جون پاڙون سنڌ ڌرتيءَ جي گهراين ۾ آهن. جنهن جا وڻ اسان کي ڇانو بخشين ٿا. جنهن جو پاڻي حياتي بخشي ٿو ۽ جنهن جو اناج ساهه اندر ۽ ٻاهر ڪڍڻ جي سگهه بخشي ٿو. اهو رشتو پوءِ هن سموري ننڍي کنڊ ۾ مهاڀارت، رامائڻ ۽ تُلسيداس جي روح، گرونانڪ، ڀٽائيءَ ۽ اياز جي صورت ۾ اسان جي وجود کي پکيڙي ٿو ۽ پکيڙ جو عمل وڌندو وڌندو ڌرتيءَ جي گولي کي ڀاڪر ۾ وجهي ٿو ڇڏي. اسان ان کي جاگرافي ۽ تاريخ سميت سنڌوءَ جي هڪ وڏيل صورت سمجهون ٿا. ۽ پاڻ کي اتي بس نٿي اچي ۽ اسان جو فڪر، پنهنجي اڏام ۾ هر لمحي ۽ هر گهڙي وڌندڙ ڪائنات جي حدن کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري آمريڪا جو ماڻهو چنڊ تي قدم رکي ٿو ته اسان خوش ٿي ان کي پنهنجو ڪارنامو سمجهون ٿا ۽ جيڪڏهن سوويت روس خلا ۾ پنهنجون اسٽيشنون قائم ڪري ٿو ته به ساڳيو جذبو اڀري ٿو.

ايڏي ديگهه ۽ ويڪر کي اندر ۾ سمائي سگهڻ کان پوءِ ئي اسان پنهنجو پاڻ سان، هڪ ٻئي سان ۽ رسول بخش پليجي سان انصاف ڪري سگهون ٿا. انصاف ڪرڻ جي ان ڪانسواءِ ٻي ڪا صورت ڪانهي. دل کي ننڍين ننڍين خانن، سانچن بادشاهن جي فتح ڪيل، سامراج جي ورڇيل ۽ ورهايل دنيا جي تصورن سان زنده رهڻ کي اسان بنيادي بي انصافي سمجهون ٿا ۽ ان بي انصافي تي بدّل زنده رهڻ کي اسان بنيادي بي انصافي سمجهون ٿا ۽ ان بي انصافي تي بدّل کي اندر ۾ ويهارڻ سان اسان پاڻ کان وٺي دنيا جي انين ڪنڊ جي ماڻهن تائين ڪنهن سان به

انصاف نہ ڪري سگھنداسين ۽ اجان تائين تعصبن هَٽُ ۽ وِٽُ سارو ڏاڍاين ڪان ٻاهر نہ نڪري سگھنداسين. ان لاءِ ضروري آهي تہ دل کي وهندڙ درياءَ جي موافق بڻايون. جيڪڏهن اسان پنهنجين دلين تي ئي ڪي ڪالاباغ ڊيم ۽ تربيلا ڊيم ٺاهي ڇڏيا تہ ڪيٽي بندر ۽ کاري ڇاڻ جي ويرانيءَ وانگر اسين بہ سوين سال پوئتي پئجي ويندا سين. هڪ باعزت زندگي زندهہ رهڻ لاءِ دل جي درياءَ کي وهندو رکڻ سان ئي انساني آزاديون معنيٰ ۾ مفهوم حاصل ڪري سگھنديون.

عام معنيٰ ۾ رسول بخش پليجو هزارين وڪيلن وانگر هڪ وڪيل ۽ ڪروڙين ماڻهن وانگر هڪ ماڻهو آهي ۽ اسان جي بند بڌل دلين جي موجودگيءَ ۾ هن جو ڪو هڪڙو گڻ بہ نظر نہ ايندو پر اسان پنهنجي محدود، ڪلرائيل، سيندوريل ۽ ڏپاريل روين سان منجهس هزارين عيب ڳولي سگھون ٿا يا سندس لکين ساراهون ڪري سگھون ٿا. اهي ٻئي حالتون سندس اصل قدر ۽ قيمت کي نقصان پهچائينديون. اهي ٻئي حالتون اسان تي پنهنجي ئي سمجھہ جا دروازا بند ڪري ڇڏينديون. پوءِ ان جي زد ۾ پليجو صاحب اچي يا ڪير بہ. انتهائي نفرت ۽ محبت جا جنون هڪ ئي سڪي جا بہ پاسا آهن. آمريڪا جي ٻن پارٽين وانگر انهن پابندين کان نڪري، جيڪڏهن پاڻ ماڻهن کي ڏسڻ شروع ڪريون تہ جيڪر اسان جي سنڌ محدود دنيا ۾ واقعي ڪو حقيقي اتحاد بہ قائم ٿي وڃي.

رشتن کي ڳالهين کي ۽ سماجي اڏاوتن کي ڍاهڻ ۽ ٺاهڻ لاءِ زبردست سنجيدگيءَ جي ضرورت آهي. هيءَ سمجھڻ ڪو اوکو ڪم ناهي. مون کي ڪنهن سان بہ ڦٽاڻو هجي تہ ربگو ڪنهن هڪ ئي معاملي تي اک ڇنڀ ۾ روحن جا رشتا بہ ٽوڙي سگھجن ٿا. پر قومي ۽ انساني مفاد اسان کي اجازت نٿا ڏين تہ پاڻ رشتن کي ٽوڙڻ جو ڪم ڪريون. بلڪ انهن طرفان اسان تي ذميواري وڌل آهي. پابند ڪيل آهي تہ اسان جن قوتن سان ٺهڻ جا بنياد تمام گھڻا آهن. رسول بخش پليجي سان ڪهڙن ڪهڙن بنيادن تي پنهنجا رشتا ٽوڙي سگھون ٿا؟ ٺيڪ آهي سياست جي ڪن معاملن تي ساڻس اختلاف ڪيا وڃن، پر جنهن وشال ڪائنات جي حدن کي ڇهندڙ فڪر سان اسان جي وابستگي آهي. اها ان بدتميزي ڪرڻ جي اجازت ڏيندي تہ اسان ساڻس ڳانڍاپا ٽوڙيون. تمام وڏين آزمائشن، مطالعن ۽ مشاهدن جي مرحلن مان گذرندڙ ۽ ڏينهون ڏينهن پنهنجي ذهني زرخيزي ۾ واڌارو ڪندڙ رسول بخش پليجي منجهان هٿ ڪيڻ يا پنهنجي دل جي دنيا ۾ ڪيس داخل ڪرڻ تي پابندي وجھڻ جو نقصان برداشت نٿو ڪري سگھجي. قومي ۽ انساني اثاثن، ملڪيتن ۽ قيمتي وٿن تي پنهنجي مالڪي پختي نہ ڪرڻ کان وڏو نقصان ٻيو ڪهڙو ٿيندو.

سياستدان رسول بخش پليجي سان پلي اختلاف ڪريو پر سندس سياسي اهميت کان انڪار ممڪن ڪونهي. هلو پلا، جيڪڏهن اتي به نٿو بيهجي ته دانشور ۽ نقاد رسول بخش پليجي لاءِ ڇا چئبو؟ پٽائيءَ کي اڄ جي تاريخي حالتن جو حوالو بنائڻ واري پليجي کي ڪيڏانهن ڪبو؟ آئون سمجهان ٿو ته خود سياست ۾ تنظيم ڪاري واري سائنس کي اڳتي وڌائڻ ۾ پليجي صاحب جي استريٽجيءَ ڏاڍي مدد ڏني آهي. البت پليجي صاحب جو هڪ مسئلو نهايت سنگين ۽ شديد آهي. منهنجون ساڍس چار پنج کن ڪچهريون آهن، جن ۾ ڪانئس لڳ ڀڳ هڪ سئو کن نوان آئيڊيا منهنجي سامهون آيا. هو آئيڊيا جو هميشه ڀرجندڙ ڀنڊار آهي ۽ سندس اهو وهڪرو ڏاڍو تکو ۽ ڪک پن لوڙهي ويندڙ آهي. سماجي اڏاوت ۾ اسان وٽ ايترو سامان ڪونهي، جو سندس انهن آئيڊياز کي پنهنجي ڪم آڻيون. ان ڪري سندس ذهانت جو وڏو حصو زيان ٿئي پيو. پر هو ان کان بي خبر ناهي، ان ڪري وسيلن سارو تنظيمي سطح تي يا دوستن ساٿين جي تربيت ڪرڻ، هو اهو ڪانڪلو گڏ به ڪري رهيو آهي. هو ان ۾ يقين نٿو رکي ته ڪجهه به ناهي، تنهن ڪري ڪجهه نه ڪجي. هن جو ويساهه آهي ته ڪجهه به نه هجي تڏهن به ضرور ڪجهه ڪجي! الف ب کان شروعات نه ڪبي ته عالم ڪٿان ٿبو!

مان سمجهان ٿو ته رسول بخش پليجو اسان جي ملڪيت آهي ۽ ان جي سيڙپ اسان لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ٿي سگهي ٿي.

**(ماهوار تحريڪ پليجو نمبر)**

Gul Hayat Institute

**ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي**

# رسول بخش پليجو

سنڌ جي علمي حلقن ۾ ”رسول بخش پليجو“ هڪ مضمون نگار، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾، هڪ معروف اديب طور اڳيئي سڃاتل هو. ليڪن ڪافي عرصي کان هو سياست ۾ عملي طور حصو وٺندو رهيو آهي ۽ هڪ مدبر ۽ سياستدان جو نالو به پيدا ڪيو اٿس. حاليه دؤر ۾ هڪ سياسي رهنما جي حيثيت ۾ سياسي پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي، ليڪن جنهن ڳالهه سندس شخصيت کي اڃا به قدآور بڻايو آهي، سا اها آهي ته هن سنڌي ادب ۾ سياسي انڪار ۽ لٽريچر جو قابل قدر اضافو آندو آهي. ماهنامه تحريڪ سندس مڪتبه فڪر جو ترجمان رسالو آهي. هن جو سياسي نظريو افادي عمل جو حامل آهي، جنهن ۾ سنڌي قوم کي انقلابي ۽ قومي جدوجهد جي حڪمت عمليءَ کان واقفيت ڏني وئي آهي. ”صبح ٿيندو“ ۽ ”ڏاڙن جا ڏڪ“ ۽ ٻيا ڪتاب ۽ مضمون ان سلسلي جون ڪڙيون آهن، گوناگون صفتن جي لحاظ کان هن جو نثر سنڌي ادب ۾ مستقل جاءِ والاري ليڪن اسان کي هتي صرف هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ ئي پرک لهڻي آهي!

پليجي به مقامي رنگ جون آئيندار ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي عبدالقادر جوڻيجي جي فن کان زياده چمڪدار آهن، هن ننڍين ڳوٺن جي بظاهر بي رنگ ۽ غيراهم زندگيءَ جي مصوري ڪندي، هڪ وسيع زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي. هن جو اسلوب بي تڪلف سادگي رکندي به قوت جو تاثير رکي ٿو، اهو بيانيه تصويرڪشيءَ جو انداز آهي، جنهن ۾ لساني تخليقي رنگ چڙهيل ناهي، پر ڪهاڻيڪار زندگيءَ جو هوبهو عڪس صرف لفظي تصويرن ذريعي پيش ڪري



Gul Hayat Institute

چڙهي ٿو جنهن ۾ مقامي زندگيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ٿين ٿيون، جن ۾ نه رڳو ڳوٺاڻن جي رهڻي ڪهڻي هوندي آهي، بلڪ سندن فطري ڳالهه ٻولهه جو ڍنگ ۽ لهجو به شامل هوندو آهي، جنهن مان گهرن ۾ رهندڙ مردن، زالن جي هلت چلت، معاشرت آسون، اُميدون، نااُميدون ۽ مونجهارا سيئي ظاهر ٿي پوندا آهن!

رسول بخش پليجي جي پهرين ڪهاڻي، "پسي ڳاڙها گُل" 1966ع ۾ شايع ٿي ۽ ان ڪانپوءِ ٿي ڪهاڻيون، "جتي باهه ٻري"، "وڏيو هنئين ته ويهه" ۽ "اج آڳڙيا آئيا" سلسليوار ڇپيون آهن. ڪهاڻين ۾ راڄ جي ڏاڍائي، فرد جي هيٺائي ۽ عورت جي بيڪسي ۽ مجبوريءَ جي تصوير ڪڍي وئي آهي. اسان جي سماج جا هٿ ٺوڪيا اُصول ۽ آدرش، ڪيئن نه انسان جي جيئڻ جي حق ۽ آزادانه هلت تي اجوڳيون پابنديون وجهن ٿا، تنهن جو حقيقي مثال ڪهاڻين جي زنده روپ ۾ ڏنو ويو آهي. "جتي باهه ٻري" ۾ سونا جي ماءُ آمي ۽ سندس پيءُ خميسو پنهنجي جوان ۽ خوبصورت ڌيءَ جي شاديءَ لاءِ ڪنهن لائق ور ۽ آسودي نيڪ خواهش رکندا هئا، جهڙيءَ طرح هرڪو ماءُ پيءُ اولاد لاءِ نيڪ خواهش رکندو آهي. ليڪن راڄ جي زور بار آڻڻ سبب، خميسي کي نيٺ پنهنجي پاءُ جي بدي جي عيوض ۾ پنهنجي جند جان ڪان منڙي ڌيئڙيءَ جو سڱ ڏيڻ قبول ڪرڻو پيو ۽ هن جو وهانءُ هڪ اهڙي چرئٽ سان رٿيو ويو، جنهن جي نالي ۾ صورت ڪان سونا کي ڪنبڻي وٺي ويندي هئي ۽ جنهن کي ٻيو ڪو به ڳوٺ ۾ پنهنجي نياڻي ڏيڻ واسطي تيار ڪونه هو! "پسي ڳاڙها گل" ۾ به، ڪهاڻيءَ جا ٻه ڪردار، ملوڪان ۽ يارو ٻنهي جي هڪٻئي سان محبت هئي، سندن پيار ۾ مائٽ به رنڊڪ ڪونه هئا، بلڪ اهي به سندن شاديءَ ۾ هر طرح سان راضي هئا. هو اهڙي ڏينهن اچڻ ۾ ڪم راس ٿيڻ لاءِ دعائون ڪندا هئا، پر وري به راڄ کي اها ڳالهه ڪانه وڻي ۽ اهو ٻنهي جي شاديءَ درميان رڪاوٽ بڻجي پيئو. هنن نه مذهب کي اورانگهيو نه قانون کي ٽوڙيو ۽ نه وري ڪنهن غيرانساني يا اخلاقي خواهش جو اظهار ڪيو هئائون، تنهن هوندي به آخرڪار راڄ ڪٿيوءِ سڱاوتي ختم ٿي ۽ ياروءَ کي هليو وڃڻو پيو!

پليجي جي ٻنهي ڪهاڻين ۾ مشاهدي جي زبردست گهرائي آهي ۽ انهن جي پيش ٿيل واقعات ۾ تسلسل آهي. ڳوٺن جي زندگي ۽ گهرن جي معمولي حقيقتن ۾ هن رنگ پرڻ ۾ سچ پچ ڪمال ڪري ڇڏيو آهي! هن جون سڀ ڪهاڻيون ڳوٺن، راڄن، سماج ۽ فردن جي پاڻ ۾ ٽڪر جي بي نظير تصوير پيش ڪن ٿيون! فنڪار پنهنجي ڪردارن جي ذهن تي محبت، خوف ۽ هراس جا ڇانيل احساس ٽوڙي دل ۾ پيدا ٿيندڙ انسنن، انديشن ۽ انومانن جي ڪيفيتن جي ڏاڍي فنڪارانه عڪاسي ڪري ٿو.

ابراهيم جويو، سنڌي ادب جي ڪهنه مشق نقاد، ان ڪهاڻيءَ تي پنهنجي تنقيدي مطالعي جي نتيجي ۾ هيٺينءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي!



Gul Hayat Institute

”’پسي ڳاڙها گل‘... افساني جي صورت ۾، شايد سندس پهرين تخليقي ڪاوش آهي. جنهن ٻه ٻوليءَ ۾ جڏهن ٻه ڪا ههڙي عظيم ڪاوش جنم وٺي، تحقيق ان ٻوليءَ جو ان وقت اهو پاڳ چئبو. ٻوليءَ، پلاٽ، مقصديت ۽ مجموعي تاثر جي خيال کان هيءَ هڪ ڪامل ۽ ڪامياب سنڌي افسانو سڏي سگهجي ٿو. سنڌي افسانو خاص طرح ۽ سنڌي نثري ادب عام طرح، هن افساني جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ اهي ساڳيا نه رهندا، جيئن اهي ان کان اڳ هئا.“ (2)

”اڄ آڳڙيا آيا“ هڪ مقصدي ڪهاڻي آهي، جنهن کي حقيقي پلاٽ جو ويس ڍڪايو ويو آهي. اها ڪهاڻي ٻه سنڌي ماحول ۾ جاگيردارانه تهذيب جي پس منظر ۾ لکي وئي آهي ۽ ان ۾ عوام ۽ پاڻ کان ڏاڍي نظام درميان ڪشمڪش ڏيکاريل آهي ۽ ٻنهي جي سوچ ۽ عمل ۾ تضادن کي نمايان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جو مکيه ڪردار ”ساجن مهاڻو“ آهي، هو شروع ۾ ته وڏيرن جي هٿ جو باز هو، ليڪن آخر ۾ دل جان سان وطن دوست تحريڪ جو ڪارڪن بڻجي پوي ٿو. کيس اها ساڃهه اچي ٿي، ته غريبن جو چوڌڪارو صرف ٻڌي ڪرڻ ۾ آهي ۽ ظالمانه سرشتي کي ڊاهڻ جو اهو ئي هڪ وسيلو آهي. اڳي هو صرف وڏيرن جو آله ڪار هو ۽ هنن جي هُشين تي غريبن جا جهُڳا جهَڻ ڪندو هو، ليڪن ڪارڪن پنهنجي بي مثل قربانيءَ ۽ سچائيءَ سان هن ۾ صحيح جذبو ۽ فهم پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا! ان کان پوءِ هو تحريڪ جو ايتري قدر ته وفادار بڻجي وڃي ٿو، جو ڪنهن ٻه غريب جي خلاف قدم کڻڻ کان، پنهنجي وڏي کان وڏي محسن جو ٻه انڪار ڪري ڇڏي ٿو! هيءَ ڪهاڻي سنڌي ماحول ۽ جاگيردارانه پس منظر ۾ لکي وئي آهي ۽ ان جو هڪ صاف ترين عڪس آهي. ليڪن ان جي پس پرده انقلابي چيني ۽ ويٽنامي ڪهاڻين جو پڙاڏو ٻه ٻُڌڻ ۾ اچي پيو. جيڪي وطني تحريڪن جي رهنمائيءَ طور سندن جدوجهد جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ لکيون ويون هيون. حقيقت ۾ رسول بخش پليجي هن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي وطن دوست نظريي ۽ قومي جدوجهد جي تعليم جو هڪ درس ڏنو آهي. ماهوار تحريڪ ۾ ان سلسلي جون مقصدي ڪهاڻيون مختلف اديبن جون لکيل وقت بوقت شايع ٿينديون رهن ٿيون، جن مان ڪي پنهنجي حقيقت پسندانه طرز ۽ اسلوب جون بهترين عڪاس آهن. پليجو سنڌي ادب ۾ چند شاهڪار ڪهاڻين جو اضافو ڪري، ڍگهي عرصي کان خاموش ٿي ويو آهي، شايد کيس سندس سياسي مصروفيتون ان جي اجازت نٿيون ڏين.

**پي.ايڇ.ڊي لاءِ لکيل مقالي ”آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افساني جي اوسر“ تان کنيل**



Gul Hayat Institute

مسعود نوراني

# رسول بخش پليجو_ ڄاڻ جو پئسفڪ سمنڊ

1966ع وارو سال دم توڙي رهيو هو. مجيب پيرزادو (عبدالحفيظ پيرزادي جو ننڍو ڀاءُ هاڻ ڪورٽ جو برک وڪيل) ۾ آئون سنڌ يونيورسٽي جي انجنيئرنگ ڪاليج جي يونين جا ترتيبوار صدر ۽ جنرل سيڪريٽري چونڊجي آيا هئاسين ۽ ڪاليج جون ساليانيون تقريبون ملهائڻ لاءِ افتتاحي تقريب کان علاوه آل پاڪستان انٽر ڪاليجيئٽ ۾ لطيف ڏي ملهائڻ جو پروگرام رٿيوسين. پر جيئن ته منهنجي مٿي ۾ سدائين تبديليءَ جو سوداءُ سمايل هوندو هو ان ڪري روائتي انداز ۾ لطيف جي ورسي ملهائڻ بجاءِ اهڙو ڪو فنڪشن ڪجي جيڪو مختلف ۽ نيارو هئڻ سان گڏوگڏ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ مفيد ۽ ڪجھ وڌيڪ مقصديت رکندڙ هجي. مون پنهنجي دل جو حال پنهنجي هڪ تمام ويجهي دوست رشيد(مشهور ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل جو ننڍو ڀاءُ، ان وقت يونيورسٽي جو ليڪچرار ۽ هاڻ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جو وڏو آفيسر) سان اوريو. ته هن صلاح ڏني ته ”سنڌي شام ملهايو“ مون هڪ فلڪ شگاف ٽهڪ ڏيندي چيو ته، ”مون کي سنڌي صبح جي لڳي پئي آهي ۽ توهان وري ڳالھ پيا ڪيو سنڌي شام جي.“ رشيد ڪرل چوڻ لڳو ته ”اهو سنڌي صبح ئي آهي، پر جيئن ته فنڪشن شام جو ٿيندو. تنهن ڪري ان کي چئبو ته ”سنڌي شام“ ئي ۽ هون به سنڌي شام، ادبي ۽ شاعراڻو لفظ لڳي ٿو. تنهنڪري اهو نالو وڌيڪ سونهين ٿو.“ امالڪ هو ڪنهن خيال اچڻ تي اداس ٿي ويو ۽ ٿڌو شوڪارو ڀري چوڻ لڳو.“ڪجھ سال اڳ آئون جڏهن سنڌ لا ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري هوس ته مون سنڌي شام ملهائڻ جو

Gul Hayat Institute

فيصلو ڪيو هو. جنهن ۾ شيخ اياز کي صدارت ڪرڻي هئي. پر سردار علي شاهه، ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ علي محمد خالديءَ جي شديد مخالفت جي ڪري. شيخ اياز کي ڪافر، ملحد ۽ پاڪستان دشمن قرار ڏيئي. حيدرآباد جي انتظاميا حيدرآباد بدر ڪري، وين ۾ ويهاري، زوريءَ ڪوٽڙيءَ اماڻي ڇڏيو هو. ان ڪري اسين سنڌي شام ملهائي نه سگهيا هئاسين. ڇا اها سنڌي قوم جي بي عزتي نه هئي؟" هن مون کان تند ۽ تيز لهجي ۾ پڇيو. "جيڪڏهن تون "سنڌي شام" ملهائين ته منهنجي هانءُ تي ڪو ڇنڊو پوي ۽ سنڌي قوم جي به ڪا سرسي ٿئي!" ڪرل مون ڏانهن پراُميد نگاهن سان نهاريندي چيو. رشيد جي اها ڳالهه منهنجي دل ۾ ڪنهن خنجر وانگر لهي وئي. مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي، سندس اکين ۾ اکيون ملائي چيو ته "سنڌي شام ضرور ملهائبي ۽ شيخ اياز به ضرور ايندو. ڏسان ڪير ٿو مائيءَ جو لال مون کي سنڌي شام ملهائڻ کان روڪي!" منهنجي اها ڳالهه ٻڌي رشيد ڪرل ڪنهن گل وانگر ٽڙي پيو. رشيد ڪرل جنهن منسوخ ٿيل "سنڌي شام" جي ڳالهه ڪئي هئي. تنهن بابت شيخ اياز ويجهڙ ۾ پنهنجي ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ پنهنجا تاثر بيان ڪندي صفحي 201 تي لکيو آهي ته "مون ربانيءَ ۽ مولانا گرامي کي چيو ته: اڄ کان سنڌ جي قومي تحريڪ شروع ٿي، اڄوڪي ڪنيل قدم لاءِ ايوب خان جي حڪومت ۽ سنڌ دشمن بيوروڪريسي کي سخت پڇتائڻو پوندو. اڄ تائين مقابلي ۾ عقاب جون اکيون ڪوئي نه ڪڏي سگهيو آهي." بهرحال بعد ۾ مون مجيب پيرزادي سان لطيف ڏينهن جي بجاءِ "سنڌي شام" ملهائڻ جي ڳالهه ڪئي ته هو به ٿوري بحث ۽ تڪرار کانپوءِ "سنڌي شام" ملهائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اتفاق سان يا ته شيخ اياز اسان کي ملي نه سگهيو. يا ٻي ڪنهن ڳالهه جي ڪري جيڪا مون کي ياد نٿي پوي. شيخ اياز ان سنڌي شام جو مهمان خصوصي بنجڻ لاءِ دستياب ٿي نه سگهيو. تنهنڪري مهمان خصوصيءَ جو مسئلو پيدا ٿي پيو! ان زماني ۾ شيخ اياز واري منسوخ ٿيل "سنڌي شام" ۽ سندس حيدرآباد مان نيڪالي جي نتيجي ۾ سنڌي اديبن، دانشورن ۽ معزز ماڻهن ۾ ايڏو ته خوف ڏهڪاءُ ۽ حراس پکڙيل هو جو جنهن به مفڪر يا اهم شخصيت کي اسان مهمان خصوصي بنجڻ لاءِ عرض پي ڪيو. سو اسان کي ڏسي، اسان کان ايئن ٿي پري ڀڳو جڻ اسين ڪي هندستاني ايجنٽ يا جاسوس هئاسين! مون پنهنجو اهو مسئلو جڏهن قاضي خادم (ان وقت "خادم وطن" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد. هڪڙي ننڍڙي پريس جو مالڪ قومپرست ۽ ترقي پسند ڪارڪن ۽ هاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر ۽ اديب) سان بيان ڪيو ته هو مون کي مشهور محقق ۽ ان وقت سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي هيڊ، ڊاڪٽر

نبي بخش خان بلوچ ڏانهن وٺي ويو. جنهن جي آفيس سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ هوندي هئي ۽ سندس گهر به اتي ئي اٽڪل اڌ فرلانگ جي فاصلي تي آفيس جي پٺيان هوندو هو. اسين ڊاڪٽر صاحب جي آفيس تي پهتاسين. پر هو ايڏو ته مصروف هو جو وقت به نه ڏئي سگهيو! پر اسان به مڙڻ وارا ڪونه هئاسين اتي ئي ويٺا رهياسين. جڏهن آفيس جو وقت ختم ٿيو ۽ ڊاڪٽر گهر وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتو ته اسان هن جي پويان هلڻ لڳاسين ڊاڪٽر صاحب هلڻ جو ڪو ايڏو تکو جو هن سان وک ملائي هلڻ لاءِ اسان کي ذري گهٽ ڊوڙڻو پئجي ويو! نتيجي ۾ ٿوري ئي دير ۾ اسان جو ساهه چڙهي ويو. سندس هڪڙي پاسي آئون ۽ ٻئي پاسي قاضي خادم ڊوڙڻ لڳاسين. هن اسان کان جڏهن اسان جو مقصد پڇيو ته مون سهڪندي ڪيس گذارش ڪئي ته جيڪڏهن هو ”سنڌي شام“ جو مهمان خصوصي بڻجڻ قبول ڪري ته اهو اسان پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهنداسين. ان وچ ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهر جي دروازي وٽ پهچي ويو هو. هو در کولي اندر ٿيو ۽ اسان ڏانهن مڙندي چيائين ته ”معاف ڪجو مون وٽ وقت ڪونهي توهان ڪنهن ٻئي صاحب کي ڏسو“ ايئن چئي هن در ٻيڪڙي ڇڏي ته اسان جي اميدن تي اوس وجهي ڇڏي. اتان ناڪام واپس پيا وريا سين ته اوچتو قاضي خادم دانهن ڪئي ته ”اڙي الانا صاحب ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ جو انچارج هو ۽ هن وقت علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر آهي. اسين الانا صاحب وٽ پهتاسين ته هن چيو ته ”وطن لاءِ جان به قربان آهي. نوڪري وئي ته ڇا ٿيو! آئون توهان جي فنڪشن تي ايندس.“

مهمان خصوصيءَ جو مسئلو حل ٿي ويو ته وري مقررن ۽ شاعرن جو مسئلو اچي پيدا ٿيو. صدارت اصول موجب ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر اي- ڪيو- ڪي افغان کي ئي ڪرڻي هئي. سنڌي شام مان اسان جي مراد هيءَ هئي ته سنڌ جي مسئلن تي ڪارائتيون تقريرون ٿين، رزميه ۽ قومي شاعري پڙهي وڃي. قومي گيتن ۽ موسيقيءَ جو پروگرام ٿئي ۽ سنڌ جي مسئلن تي اهم ٺهراءُ منظور ڪرايا وڃن. جڏهن مقالو پڙهندڙن ۽ شاعرن جو مسئلو پيدا ٿيو ته مون وري رشيد ڪرل کي چيو ته ”سنڌي شام“ جي مصيبت ۾ ته مون کي وڏو اٽئي، پر هاڻ مون کي مقرر ۽ شاعر ڳولي ڏي. “ ”رشيد ڪلي چوڻ لڳو ته“ فڪر نه ڪر. رسول بخش پليجو ۽ نياز همايوني ويٺا آهن. اڄ شام جو رسول بخش پليجي ڏانهن هلنداسين.“ شام جو اسين ٻئي ڄڻا گڏجي حيدرآباد جي سنڌ لا ڪاليج جي سامهون گول بلڊنگ ۾ رسول بخش پليجي جي آفيس تي پهتاسين. رشيد ڪرل مون کي ٻڌايو هو ته مسٽر پليجو وڪيل، اديب، نقاد ۽ سياسي ماڻهو آهي، ڪيس سنڌ جي تاريخ تي عبور



Gul Hayat Institute

حاصل آهي ۽ وڏو ڇاڙو ماڻهو آهي. پليجي جي آفيس ۾ گهڙياسون ته ڏٺم ته هارڊ بورڊ يا ڪاٺ جي پارٽيشن سان سندس آفيس ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. اندرين پاسي غالبن هو پاڻ ويٺو هو. جڏهن ته ٻاهرين پاسي سندس منشي ويٺو هو. منشي رشيد ڪرل کي سڃاڻندو هو. رشيد ڪرل پڇيس ته ”پليجو صاحب اندر آهي؟“ منشيءَ جواب ڏنو ته ”ها آهي. پر اندر هڪ اصيل ويٺو آهي، تنهنڪري توهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو.“ مون منشيءَ کان سندس نالو پڇيو ته چوڻ لڳو ته مون کي پناهه جگر سنڌي چوندا آهن.“

جيستائين اصيل ٻاهر نڪري تيستائين مون پليجي جي آفيس جو جائزو ورتو ته چوڌاري ٻي ترتيبي پکڙيل نظر آيم. ڪٻٽن ۾ پيل ڪتابن تي دز جا ٿها چڙهيل هئا. محسوس ڪيم ته پليجي کي صفائي سٿرائي جو مڙئي گهٽ خيال هو. غالبن پناهه جگر سنڌي منهنجي نگاهن جو مطلب سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو ته ”پليجي صاحب کي هاڻ وڪالت جي ڪتابن پڙهڻ جي. ضرورت ڪونهي، ڇو جو ڪيس هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽ جا سيئي اهم فيصلا ازبر صفحن سميت ياد آهن. ڪيس هاڻ ڪتابن کولڻ جي ضرورت محسوس ڪونه ٿيندي آهي. ان ڪري ڪتابن تي دز چڙهي ويئي آهي.“ ٿوري دير ڪانپوءِ اصيل نڪتو ته پناهه جگر پليجي صاحب کي اسان جي باري ۾ اطلاع ڪرڻ لاءِ اندر ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ ٻاهر اچي اسان کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيو. پناه جگر سنڌيءَ جي روش مان محسوس ڪيم ته پليجو صاحب صفائي سٿرائي جو قائل هجي يا نه هجي، پر پروٽوڪول ۽ انتظامي معاملن جو مڙئي ڪجهه خيال رکي ٿو.

اندر گهڙياسون ته رسول بخش پليجي تي نظر پوندي ئي مون کي شديد ذهني جهٽڪو لڳو! رشيد ڪرل جي واتان سندس هيڏي ساري واکاڻ ڪانپوءِ مون سوچيو ته هو ڪو لحيم شحيم ۽ ٿلهو ٿنڀرو شخص هوندو. پر هو ايڏو ته سنهڙو هو جو جنهن ڪرسيءَ تي ويٺل هو. ان تي جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ساٿس گڏجي ويهي رهي ها ته ٻنهي کي سوڙهه محسوس ڪونه ٿئي ها! اسان کي ڏسي هو اٿي بيٺو. ڏٺم ته هو قداور هو سندس چهرو ٻه هن وانگر سنهو ۽ ڊگهو هو. سندس وات ننڍو، چپ سنها هئا. جن تي هڪڙي پُراعتماد مشڪ رقصان هئي. سندس اکيون ننڍيون پر نهايت چمڪيليون هيون، جن مان ذهانت ٽپڪي رهي هئي. هن جي پيشاني ويڪري، نڪ سنهو ۽ سڌو هو. سندس رنگ مهينن جا مهينا اس ۾ رکيل ۽ لهسيل ڪٽڪ جهڙو هو. هو ڪو خوبصورت شخص ڪونه هو. پر اجتماعي طرح هو شڪل جو موچارو هو ۽ سندس چهري ۾ هڪ خاص قسم جي ڪشش هئي. اهائي ڪشش، جيڪا وڏن ليڊرن ۾ هوندي آهي!

Gul Hayat Institute

رشيد ڪرل ڪي هو سجاڳندو هو. هن رشيد ڪي ڪيڪاريو ۽ مصاحفي لاءِ هن ڏانهن هٿ وڌايو. سندس مصاحفي جو انداز ئي نرالو هو! هن پنهنجي پوري ٻانهن ڊگهيري، پنج ئي آڱريون پوري طرح کولي ڇڏيون هيون! ايئن ٿي لڳو تہ جڻ مصاحفي ڪرڻ واري شخص کي هو پنهنجي گهٽو ويجهو اچڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي چنبي جي گرفت ۾ وٺڻ چاهيندو هجي! مصاحفي وقت سندس چپن تي نچندڙ مشڪ جو رقص ڪجهہ وڌيڪ تکو ٿي ويو هو. رشيد سان پنجو ملائي هن مون ڏانهن پنهنجو کليل هٿ وڌايو ۽ رشيد ڏانهن سواليہ نگاهن سان ڏٺو. رشيد سندس نگاهن جو مفهوم سمجهندي منهنجو تعارف ڪرايو. ”مسعود نوراني، انجنيئرنگ ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري“ پليجي ساڳي ئي اسٽائيل سان مون سان هٿ ملايو ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي ڪنڌ کي لوڏيندي چيائين. ”اوهان سان ملي خوشي ٿي.“ سندس آواز صاف چٽو ۽ تکو هئڻ جي باوجود وڻندڙ هو. هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو. ”اها ڏاڍي سٺي ڳالهہ ٿي آهي جو حيدرآباد جي ڪاليج ۾ اج ڪلهہ سنڌي شاگرد يونين جا عهديدار چونڊجي پيا اچن“ سندس ڪنڌ جي لوڏ ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ بہ جاري هئي. هو مون کي توري تکي رهيو هو! هن جون نگاهون جڻ ايڪسريز وانگر منهنجي اسڪريننگ ڪري رهيون هيون! پهرين نظر ۾ مون کي هو اديب وڪيل يا سياستدان کان وڌيڪ ڪو بيحد هوشيار، اڙيڪاپ جاسوس لڳو. منهنجي ذهن ۾ شولاڪ هومز ۽ پيري ميسن جا ڪردار گهمي ويا. اچانڪ سندس ڪنڌ جي لوڏ ختم ٿي وئيءَ هن رشيد ڏانهن نهاريندي پڇيو. ”آئون اوهان جي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان“ هو اجائي ڊيگهہ يا گهل ڪرڻ جي بجاءِ سڌوسنئون ڪم جي ڳالهہ ڪرڻ جو عادي ٿي لڳو. رشيد پنهنجو گلو صاف ڪندي چيو“ اسين ٻن مقصدن لاءِ هتي آيا آهيون. نوراني صاحب پنهنجي ڪاليج ۾ ”سنڌي شام“ ملهائڻ ٿو چاهي. ان لاءِ اسين اوهان کي مکيہ مقرر جي طور تي مدعو ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. اميد آهي تہ مايوس نہ ڪندا. ”سنڌي شام“ جا لفظ ٻڌندي ئي پليجو صاحب ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويهي رهيو. سندس چمڪيلين اکين جي جوت ايئن وڌي وئي هئي جيئن ڪڏهن ڪڏهن وولٽيج وڌڻ جي ڪري بلبن جي روشني تکي ٿي ويندي آهي. ”سنڌي شام“ هن پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيندي ورجايو. هو مون کي هڪ دفعو وري انهن ننڍڙين ننڍڙين جهرمر ڪندڙ اکين سان گهورڻ لڳو. سندس ڪنڌ جي لوڏ بي خبري ۾ هاٺوڪاري ڪندڙ انداز ۾ ٻيهر شروع ٿي وئي هئي. امالڪ ٻانهن جي هڪ ئي سٽ سان سامهون کليل فائيل، پنا پئنون ۽ ڊائريون ٻهار ڪري ميز جي هڪڙي پاسي تي ڍير ڪري ڇڏيون ۽ رشيد ڏانهن نهاريندي پڇئين. ”موضوع ڇا آهي؟“

Gul Hayat Institute

”هوڻ تہ ڪو خاص موضوع ڪونہ رکيو اٿئون پر خيال اٿئون تہ اوهين سنڌي جوڌا “جي موضوع تي تقرير ڪيو” ”سنڌي جوڌا! وه واه! فئنٽاسٽڪ زبردست عاليشان“ هن فرد جذبات کان بي قابو ٿيندي هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي رشيد ڪرل ڏانهن وري پنهنجو ڪليل پنجو پرجوش انداز ۾ وڌايو. پر هن دفعي سندس ننڍڙو وات بہ خوشيءَ ۾ حيرت جي جذبات جي شدت کان پوري طرح کلي ويو. ”ايڏو ننڍڙو وات ايڏو بہ ٿي سگهي ٿو.“ مون عجب مان سوچيو ”سنڌي جوڌن“ جي لفظن الائي ڪهڙي ڪرامت هئي جو پليجي صاحب جي صورت شڪل هئيت لهجو ۾ رويو يڪسر بدلجي ويو هو! هو هاڻ جڻ تہ رس ملائي ۾ چاشني تي پيو. سندس رسمي انداز هاڻ مڪمل گرمجوشي ۾ تبديل ٿي چڪو هو.“سنڌي جوڌن” جا لفظ ٻڌندي ئي پليجو هڪ پختي مرد مان ڦري، اهڙو معصوم ٻالڪ بنجي ويو هو. جنهن کي جڻ ورهين کان پوءِ ڪو من پسند رانديڪو هٿ اچي ويو هجي! پليجي ۾ ”سنڌ يا سنڌي جوڌن“ ۾ضرور ڪو لڪيل سپنڌ، ڳجهو لاڳاپو ۾ واسطو هو. هن اچانڪ پنهنجو هٿ گهنٽيءَ ڏانهن وڌايو. گهنٽيءَ جي آواز تي پناهہ جگر اندر داخل ٿيو. ”ٿڌو يا گرم؟“ هن واري واري سان مون ڏانهن ۾ رشيد ڏانهن نهاريندي پڇيو ”ٿڌو“ اسان ٻنهي بيڪ وقت چيو ”ڪوڪ ٿڌيون يخ“ هن هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي، پناهہ جگر ڏانهن نهاريو. پناهہ جگر بردبانہ انداز ۾ ڪنڌ نمائي هليو ويو ۾ ٿوري دير کان پوءِ ڪوڪ جون ٽي بوتلون اسان جي اڳيان رکي، خاموشيءَ سان ورڻ لڳو تہ پليجي چيس ”ڪنهن کي اندر اچڻ نہ ڏجئين. ”جي سائين“ پناهہ وراڻيو ۾ در بيڪڙي هليو ويو.

يخ ڪوڪ جون ڪجهہ چسڪيون هڻڻ کانپوءِ ماحول ۾ جڏهن ڪجهہ ٿڌاڻ پيدا ٿي تہ مسٽر پليجي مون کان انجنيئرنگ ڪاليج بابت ڪجهہ سوال ڪيا. ان زماني ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پهريون دفعو شهرن ۾ ڳوٺن جي بنيادن تي داخلائن لاءِ ڪوٽا سسٽم رائج ڪيو ويو هو. جنهن جي ردعمل ۾ غير سنڌين جا اخبارن ۾ مخالفانہ ۾ تعصب ڀريا بيان اچڻ لڳا هئا. مسٽر پليجي جو خيال هو تہ اهو سسٽم سنڌين لاءِ ضروري آهي ۾ سنڌي دانشورن کي ان سسٽم جي بچاءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي، ڪوٽا سسٽم تان ڳالهہ اچي سياست جي نڪتي. هن سنڌ خلاف مهاجر پنجابي سامراج جي سازشن تي هڪڙو ننڍڙو ليڪچر ڏنو. پوءِ الائي اوچتو ڪٿان اچي مائوزيتنگ جي ڳالهہ نڪتي! هن کي پختو يقين هو تہ سنڌ جي نجات جو راز مائوءَ جي جنگي حڪمت عملين ۾ تدبيرن ۾ لڪل آهي. جيتوڻيڪ بنيادي طور تي هو مارڪس وادي ئي هو. مون کي ان وقت پليجي جا ٻڌايل مائوءَ جا هيٺيان چار جنگي اصول اجا تائين چٽيءَ طرح ياد آهن، يعني:

Gul Hayat Institute

1 ـ دشمن اڳتي وڌي ته اسان کي پوئتي هٽڻ گهرجي.
2 ـ دشمن ڪٿي قيام ڪري ته اسان کي گهرجي ته ڪيس هراسان ڪيون.
3 ـ دشمن ٿڪجي پوي ته هن تي وار ڪرڻ گهرجي.
4 ـ دشمن ڀاڄ ڪائي ته سندس پيڇو ڪرڻ گهرجي.

پليجي مائوءَ جا ٻيا به ڪيترائي قول ٻڌايا ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ان وقت جي صورتحال جو تجزيو ڪيو. هن نه صرف مائوءَ جي قولن کي، پر پنهنجي سيني دليلن کي شاهه جي شعرن سان ٺيڪ ڏيئي ناقابل ترديد ڪري ٿي ڇڏيو. اسان جي هن سان هڪ اڌ ڪلاڪ ڪن ڪچهري ٿي، جنهن ۾ هن مائوءَ، شاهه، شيخ اياز ۽ علامه اقبال، غالب سنڌيءَ توڙي اردوءَ جي اتڪل ويهارو ڪن شاعرن جا شعر ٻڌايا. دنيا جي اٽڪل ڏهن فلسفين جا قول ٻڌايا. مارڪس ازم ۽ لينن ازم تي ننڍڙو ليڪچر ڏنو. جماعت اسلاميءَ سنڌ جي رجعت پسند اديبن ۽ شاعرن جي چڱي لاڪ لاٿي. هن جو انداز بيان ايڏو ته سحر انگيز هو. جو سندس ڳالهيون ٻڌي اسان ٻئي ڇٽا ڇڙ ته پٽر جا بت بڻجي ويا هياسين مون سوچيو ته "هيءُ ماڻهو آهي يا ڪو جن" بقول پناهه جگر سنڌيءَ جي هن کي سڄو قانون ۽ وڏين ڪورٽن جا اهم فيصلا صفحن سميت ازبر ياد هئا ته وري مون ڏٺو ته هن کي شاهه جو رسالو مائوءَ جا چار ئي واليوم (ان زماني ۾ فقط چارئي واليوم آيا هئا) اقبال غالب اياز ۽ ٻين ويهن ٽيهن شاعرن جا شعر اديبن ۽ فيلسوفن جا قول ياد هئا. سچ پچ ته مون کي اڳ ۾ ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونه ٽڪرايو هو. جيڪو نه صرف ايڏو پڙهيل هجي پر ڪيس ايترو ڪجهه ياد به هجي! هو يقينن ڄاڻ جو ڪوه ڏو پئسفڪ يا ائٽلانٽڪ سمنڊ هو.

پر ايتري معلومات هئڻ جي باوجود، هن ۾ غرور يا تڪبر ڪونه هو! ڳالهيون ڪندي ڪندي، هو هڪدم اٿي کڙو ٿيو ڄڻ ته هن کي ڪا شيءِ ياد اچي ويئي هجي! چوڻ لڳو ته "توهان تقريب جو ڏينهن ۽ وقت پناهه جگر کي نوٽ ڪرائي ڇڏيو. آئون هلان ٿو؟ سندس مزاج جو اهو پلٽو مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيو! رسملائيءَ مان ڦري هاڻ وري هو ٿوهه بڻجي پيو هو! سندس طبيعت جي ان تضاد مان سمجهيم ته هو بلڪل پورالو ۽ پنهنجي مرضيءَ وارو ماڻهو آهي. هن جو پنهنجو ئي ڪوڊ آف ايٿڪس (اخلاقيات جو طور طريقو) هو. وري چوڻ لڳو. "توهان شروع ۾ هڪڙي ٻئي مقصد جي ڳالهه به ڪئي هئي. جنهن لاءِ توهان هتي آيا هئا! اهو ڪهڙو مقصد هو؟! هن رشيد ڏانهن نهاريندي چيو. رشيد ڪيس چيو ته "سنڌي شام" محفل موسيقيءَ جو اهتمام به ڪيو اٿئون. ان ۾ توهان جيڪڏهن مهرباني ڪري ادي زرينه بلوچ کي شرڪت لاءِ چئو ته ڏاڍو سٺو ٿيندو ۽ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي معاوضي ۾ به ڪجهه رعايت ڪري ته مهرباني ٿيندي. پليجي نهايت خشڪ لهجي ۾ چيو ته "توهان پاڻ هن سان ڳالهائجو" مون کي ڏاڍي

اچرج لڳي. ”ڏاڍا عجيب زال مڙس آهن!“ مون سوچيو. پر پوءِ خيال آيم تہ شايد هنن هڪ ٻئي جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو پاڻ ۾ ڪو معاهدو ڪيو هو!

نيٺ ”سنڌي شام“ بہ اچي پهتي سيئي پهچي ويا پر ڏٺم تہ پليجو ۽ زرينہ بلوچ نہ پهتا هئا. سوچيم تہ شايد گوهي ڏئي ويا. مون محسوس ڪيو تہ ”سنڌي شام“ جي نالي جي ڪري حاضرين ۾ عجيب قسم جو جوش خروش موجود هو. منهنجي خيال ۾ اهو جوش خروش حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري، قاضي فيض محمد، محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز ۽ سنڌ جي ٻين اديبن شاعرن ۽ قومي توڙي ترقي پسند اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي اڻٿڪ ڪاوشن ۽ قربانين جو نتيجو هو. جڏهن مون پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ دودي، دولهہ دريا خان، هوشو ۽ هيمون جا نالا ورتا تہ شاگردن ۽ ٻين حاضرين ايڏا تہ نعرا هنيا ۽ پرجوش تاڙيون وڄايون جو آئون بہ ڪجهہ جذباتي ٿي ويس. مون پنهنجي تقرير ۾ ”هوشو“ جي بجاءِ شوشو پڙهيو تہ قومي جذبات سان سرشار حاضرين ”شوشو“ کي بہ ڪو علامتي ڪردار سمجهي بي تحاشا تاڙيون وڄائڻ لڳا. مکيہ مقرر جيئن تہ رسول بخش پليجو هو ۽ جيئن تہ هو اڃا نہ پهتو هو. تنهنڪري آئون هڪڙي ٻئي مقرر کي تقرير ڪرڻ جي دعوت ڏئي، پاڻ سڌ سماءُ لهڻ لاءِ اسٽيج جي پويان هليو ويس.

Gul Hayat Institute

دستگير پيٽي

# پليجو: جيئڻ مون ڏٺو

جنهن زماني ۾ ڪيٽي بندر کان چٽاگانگ تائين ائنٽي ون يونٽ تحريڪ پنهنجي جوڀن تي هئي، سنڌي ادب ۾ هڪ حيات آفرين ڪتاب ”انڌا اونڌا ويج“ آسمان مان وڄ جيان اچي ڪڙڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ نتيجو اهو نڪتو ته ترقي پسند سنڌي اديبن ۽ شاعرن تي هلائون ۽ مٿن ڪُفر جون فتوائون جاري ڪندڙ ٽولو پسپا ٿيڻ لڳو. جناب رسول بخش پليجي سان سنڌ جي نوجوانن جو ڀرپور وسيع تعارف انهيءَ تخليق ذريعي ٿيو. هيءُ فقط ڪتاب نه هو، چڻ جدوجهد ڪندڙ سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن واسطي ٽاپ گيئر هو جنهن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل ۽ ڇڙ وڇڙ ٿيل وطن دوست تخليق ڪارن کي ساڄي ڌر وارن جي حملن کان بچاءَ لاءِ هڪ پليٽ فارم تي ميڙڻ جو بجليءَ جي رفتار سان اهتمام ڪيو ۽ جشن روح رهاڻ کي واقعي روح پرور بڻائي وڌو. هن کان اڳ ۾ فرقيواريت جي آڙ ۾ سياست ڪندڙ ۽ قومپرست سنڌي دانشورن کي بدنام ڪري هيسائڻ وارن ساڄي ڌر جي ليکڪن کي ايڏو وڏو چئلينج ڪنهن به ڪو نه ڏنو هو. نيٺ سنڌي ادبي سنگت ۽ ”بزمِ صوفياءِ سنڌ“ جي ساٿ سان هڪ اهڙو وايو منڊل جُڙي ويو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا Giants شيخ اياز، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، امداد حسيني، نياز همايوني ۽ سرويچ سجاولي مخصوص محفلن بدران عوامي ميڙ ۾ ظاهر ٿي پنهنجي وطن کي شاعريءَ جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ نڪري نروار ٿيا. ماڻهن جي جاڳرتا ۾ ادب ۽ شاعريءَ جو ڪردار ڏٺوسين ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڀرپور پيرو وڏي پيماني تي سنڌي شاگردن، پورهيتن ۽ هارين نارين کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻ ۽ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ واسطي منظم ٿيڻ جو اتساهه مليو ۽ هر ڪنهن جي وات شيخ اياز جي اها وائي هوندي هئي ته:

سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو.
سهندو ڪير ميار او يار

Gul Hayat Institute

سنڌ جو هي ناميارو ماڻهو اديب، شاعر، نقاد ۽ وڪيل هئڻ سان گڏوگڏ برصغير جي سامراج دشمن تحريڪن جو به روح روان سياستدان ٿي رهيو آهي. شروع شروع ۾ جڏهن خان غفار خان، سائين جي ايم سيد ۽ مولانا ڀاشاني واري جماعت هئي ته ان سان سلهاڙيل رهيو. سنڌ جي حقن واري ڳالهه تي جڏهن اختلاف پيدا ٿيا ته نعپ ڇڏي سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد وجهڻ لاءِ نه رڳو سينئر ساٿي گڏ ڪيائين، پر نئون ڪيڊر تيار ڪرڻ خاطر عوامي ڪتاب گهر ذريعي جنهن انقلابي لٽريچر جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلاءُ ڪيائين، تنهن جي موٽ ۾ نئين نسل اندر شعور جي نئين جوت جاڳي پئي. سنڌ جي جاگيرداري سماج ۾ اونها ڏار وجهڻ خاطر سنڌ جي عورتن کي به منظم ڪرڻ لاءِ سنڌياڻي تحريڪ ٺاهيائين. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جي سوال کان وٺي زمينن جا نيلام بند ڪرڻ، انساني حقن ۽ آزادين جي حاصلات، دهشتگردن خلاف بيباڪيءَ سان ويڙهاند، ڪالاباغ ڊيم واري منصوبابنديءَ سان ٽڪراءُ، سنڌ ۾ ڌارين جي يلغار کي ٻنجو ڏيڻ، وڏيرڪي نظام جي جاءِ تي انصاف ڀريو سماج اڏڻ وارا آدرش رکندڙهن طلسماتي شخصيت سڄي ڄمار ادبي، سياسي ۽ سماجي جدوجهد کي ارپي ڇڏي. مون سميت ڪيترائي ليکڪ، صحافي ۽ قومي ڪارڪن پليجي صاحب جهڙي سخي استاد کان حاصل ڪيل علم ۽ سکيا جي روشنائيءَ ۾ ٻه لفظ لکڻ جهڙا ٿيا آهيون .جنگشاهيءَ جي جابلو علائقي ۾ جنم وٺندڙ رسول بخش پليجو جا اهي لفظ ڪڏهن نه وسرندا ته ”هو ڪوهستان ۾ ڇانؤ نپنو جتي نه پاڻي آهي، نه وڻ جي ڇانوَ ۽ نه ئي ان اپائجي ٿو.“ هنن ٿنهي قدرتي نعمتن کان محروم جبل واري علائقي ۾ ماڻهو جڏهن ساماڻجي ٿو ته ڪائنس سک موڪلايو وڃن. ڪيڏي نه اتساهيندڙ حقيقت آهي ته جنگشاهي جي جبلن ۽ سيوهڻ شريف جي برپٽ ۾ ڄاول انسان سنڌ جي شهه رڳ حيدرآباد ۾ ادبي ۽ تعليمي ادارا قائم ڪري، جن مان لکين ماڻهن کي لاڀ مليو.

تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته رسول بخش پليجو وڪالت سان گڏوگڏ صحافت به ڪندو هو. ايوبي آمريت جي آخري دور ۾ جڏهن آئون عبرت ۾ پروف ريڊر طور ملازم ٿيس ته پليجو صاحب کي اتي اڇي ”ڪورٽن جون ڪهاڻيون“ جي عنوان سان روزانو اهم ترين ڪيسن تي ڪالم لکندي ڏٺم. ماڻهن کي انصاف نه ملڻ خلاف تحرير ڪيل اهي سچيون ڪهاڻيون سنڌي صحافت جي رڪارڊ جو حصو آهن. سنڌي ٻوليءَ جا ليکڪ ۽ صحافي ان دور ۾ عربي ۽ فارسي جو جابجا استعمال ڪندا هئا. رسول بخش پليجي ان جي ابتڙ نج سنڌي لفظن، لهجن، تشبيهن ۽ استعارن کي پنهنجين لکڻين ذريعي عام ڪيو. اسان جهڙا ڪاليجي شاگرد جيڪي سڄو ڏينهن محمد رفيع ۽ طلعت محمود جا اردو گانا وڏي شوق سان ڳائيندا هئا، تن کي شاهه لطيف جي بيتن ڏانهن مائل ڪرڻ به سندس ئي



Gul Hayat Institute

ڪارنامو آهي. هو پنهنجي هر مضمون جي هڪ يا ٻن پئراگرافن ڪانپوءِ موضوع سان ٺهڪندڙ پٺائيءَ جو اهڙو بيت ضرور Quote ڪندو هو. جنهن ۾ مارئي جيان وطن جي حب ۽ سسئي وانگر تتيءَ تڏيءَ ڪاهه وارو سنيهو هجي. پنهنجي مئگزين ”ماهوار تحريڪ“ وسيلي ته باقاعدي سنڌي ماڻهن کي شاهه جي شاعريءَ جو درس ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ گڏوگڏ دنيا جي عظيم فلاسافرن ۽ انقلابي اڳواڻن ڪامريڊ لينن، اسٽالن، ڪارل مارڪس، اينجلز، مائوزي تنگ، هوچي منه جا وڏي محنت سان سنڌيءَ ۾ پاڻ ترجما ڪري، ڇپرائي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائڻ جو جيڪو انوکو طريقيڪار هن شخص اختيار ڪيو. تنهن سنڌين منجهه سياسي شعور پختو ڪيو. جهر جهنگ ۾ انقلابي لٽريچر سولي ۽ سليس ٻوليءَ ۾ معمولي قيمت تي مهيا ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. اهي ڪتاب پڙهي جيڪو نئون نسل ايم آر ڊي واري منظم تحريڪ ۾ اڳيرو ٿيو. سو پنهنجي آڌو آهي. فاضل راهوءَ جهڙا ڪئين جوڌا جوان پئدا ٿي پيا. سنڌي ماڻهن ضيائي مارشل لا سان جيڪو ٽڪر کاڌو اهو اسان جي تاريخ جو فخر جوڳو باب آهي ۽ ان دور ۾ پليجي صاحب جي پارٽي عوامي تحريڪ جي هزارين ڪارڪنن جون قربانيون پڻ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. مشاهد حسين سيد ان دور ۾ اسلام آباد مان شايع ٿيندڙ منفرد انگريزي اخبار ”دي مسلم“ جو ايڊيٽر هو. تنهن انهيءَ تحريڪ کان متاثر ٿي سنڌ جو دورو ڪيو ۽ جيڪو اکين ڏٺو احوال قسطوار فرنٽ پيج تي لکيائين، ان جو تت اهو آهي ته ”ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسيءَ تي ناراض ٿيل سنڌ جو ماڻهو بغاوت ڪري وينو آهي. جيڪڏهن مارشل لا حڪومت سنڌي ماڻهن کي سندن بنيادي حق ۽ سياسي آزادين کان محروم رکيو ته هيءُ ملڪ شايد بچي نه سگهندو.“ پنهنجي انهيءَ سيريل ۾ ئي هن عوامي تحريڪ جي منظم جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي لکيو ته ”گرفتار ٿيل پ اڳواڻن جيل مان ضياءُ الحق کي 12 ربيع الاول جي موقعي تي خط لکي، پاڻ ۾ ناهه ڪرڻ جي جيڪا نيند ڏني آهي، ايم آر ڊي جي ٻين سمورين پارٽين ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي . ڪارڪنن جي گرفتارين ڏيڻ جو اڻ کٽ سلسلو فقط عوامي تحريڪ جي دم سان قائم آهي، ورنه هيءَ جدوجهد سنڌ ۾ به دم ٽوڙي ڇڏي ها.“

ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران رسول بخش پليجي کي گرفتار ڪري لاهور جي ڪوٽ لکپت جيل ۾ ستن سالن تائين نظربند رکيو ويو. پنجاب ۾ پليجو صاحب جي نظربنديءَ دوران سندس مخالفن وڏي پيماني تي منفي پروپيگنڊا ڪئي، جڏهن ته حقيقت ۾ مارشل لا اختيارين پاران کيس لاهور ۾ قيد ڪرڻ جو وڏو سبب اهو هو ته پليجو صاحب سنڌ جي جيلن ۾ جڏهن به نظربند ٿيندو آهي ته اتي عام رواجي قيدين



Gul Hayat Institute

ڪي بہ پنهنجن ليڪچرن ذريعي نظرياتي تربيت ڏيئي قومي ڪارڪن بنائي ڇڏيندو آهي ۽ جيلن جو ماحول باغيانہ ٿي پوندو آهي. پيو مڪيہ سبب شهيد فاضل راهو کان ڪيس ڏگهي مفاصلي تي رکڻ هو ڇو تہ هي ٻئي ڄڻا جتي بہ گڏ هوندا هئا، اتي ٻن مان ٻارنهن ٿي پوندا هئا. جيڪو فوجي حڪمرانن لاءِ ۽ جيلن جي انتظاميا ۾ ٽرٿلو وجهي ڇڏيندو هو ڇو تہ سيني جيلن ۾ ”جيئي سنڌ“ جي نعرن جي گونج ٿي ويندي هئي. ضياءُ الحق جي فوجي اسٽيبلشمينٽ توڙي پنجاب جي سياسي اڳواڻن ۽ دانشورن ڪي اهو اندازو ئي نہ هو تہ سنڌ اندر عوامي تحريڪ نالي هڪ ليفٽسٽ پارٽي ايتري منظم آهي، جو سندن ڪارڪنن جي گرفتارين جو سلسلو ختم ئي نٿو ٿئي. پهريون ڀيرو پنجابي صحافين، اديبن ۽ شاعرن سنڌي ماڻهن جي حقن واري جدوجهد جي ڪليل حمايت ڪئي ۽ ڪيترن کي تہ ضيا آمريت روزگار کان بہ محروم ڪري ڇڏيو. اهو 1984ع وارو سال آهي. آئون ”برسات“ مئگزين جو ايڊيٽر هئس پليجي صاحب ۽ سندس ڪارڪنن جي قربانين کان متاثر ٿي مون پليجو نمبر ڪڍيو. جهازي سائيز جي ٽائيٽل تي سندس رنگين تصوير ۽ اندر سرويچ سجاولي جو نظم ”هڪڙو ڏاهو ڏيهي ماڻهو“ شايع ڪيم. جنهن انٽيليجنس وارن کي مچرائي وڌو. بهرحال ايم آر ڊي جي اپاريل عوامي دٻاءَ هيٺ نيٺ جنرل ضياءُ الحق غير جماعتي چونڊن جو اعلان ڪيو. ملڪ جي سمورين مکيہ سياسي پارٽين پاران انهن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ سبب خالي پيل ميدان تي نوان چهرا نمودار ٿيا. چونڊن کانپوءِ جنرل ضياءَ چلو ڪڍيو ۽ اعلان ڪيائين تہ سنڌ مان احساس محرومي گهٽائڻ خاطر هن هڪ سنڌي وزير اعظم جو انتخاب ڪيو آهي، جنهن جو نالو جناب محمد خان جوڻيجو. نئين وزير اعظم مارچ 1985ع ۾ حلف کڻڻ شرط جيڪا پهرين تقرير ڪئي، ان ذريعي نہ رڳو سياسي قيدين جي آزاديءَ جو اعلان ڪيائين، پر پاڻ جنرل ضياءَ کي بہ وارننگ ڏيئي ڇڏيائين تہ مارشل لا کي هاڻ ٽپڙ ويڙهڻ کپن. سندس تاريخي جملو اڄ بہ مون کي ياد آهي: ”Democracy and Martial law can not co-exist“

قصو ڪوتاهہ ڪوٽ لکپت جيل ۾ نظربنديءَ دوران جڏهن رسول بخش پليجو سخت بيمار ٿي پيو هو تہ ڪيس لاهور جي مَيو اسپتال ۾ علاج لاءِ موڪليو ويو. جتان مون کي خط لکيائين تہ خبر ناهي حياتي ڪيترو ساٿ ڏئي، پر منهنجي هڪڙي خواهش آهي، جيڪا ڀٽائيءَ جي لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو:

واجهائي وطن کي جي آئون هِت مُياس،
تہ گور منهنجي سومرا ڳج پنوهارن پاس،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهہ مليرڏي!

**(روزاني ڪاوش 21 فيبروري 2011ع جي ٿورن سان)**



Gul Hayat Institute

**اياز لطيف پليجو**

# شاهہ عالم چوڪ تي ڦاسي

ائن سالن جي طويل اسيريءَ کان پوءِ جون 1986ع ۾ هاءِ ڪورٽ جي اسپيشل ٽريبونل بابا کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. بابا ان وقت جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ زيرِ علاج هو. جتي آئون ساڻس گڏ اٽينڊنٽ هوندو هئس. ان کان ڪجهہ عرصو اڳ ڪيس سروسز اسپتال ۾ رکيو ويو جتي ممتاز علي ڀٽو بہ داخل هو. جناح ۾ وري ٻئي وارڊ ۾ بابا سان گڏ محترم جي.ايم.سيد، محترم جام ساقي ۽ جمال نقوي داخل هئا. مختلف سياسي ڌرين جي قيدين هئڻ ڪري اتي مختلف قسم جا سوين ماڻهو روز ملاقاتن لاءِ ايندا هئا ۽ انهن مان اڪثر ماڻهو موقعي جو فائدو وٺي سڀن سان ملندا ويندا هئا. ڪجهہ وقت کان پوءِ فقير اقبال هيسباڻيءَ کي شهيد ڪرڻ واري ڪارروائيءَ دوران زخمي ٿيندڙ جهانگير پناڻ بہ اتي داخل ٿيو ساڻس عيادت لاءِ محترمہ بينظير ڀٽو آئي ۽ پوءِ پليجي سان بہ ملاقات ڪيائين.

مختلف ماڻهن جي ملاقاتن دوران ڪڏهن ڪڏهن دلچسپ واقعا بہ ٿيندا هئا. هڪ ڀيري وارڊ ٻاهران ڇپر تي ويٺو هئس تہ هڪ واقف ڳل مهٽيندو اچي پرسان ويٺو. خبرون چارون ورتيون مانس تہ ساقي صاحب تي ڪاوڙيل نڪتو ٻڌايائين تہ جي.ايم.سيد جي ملاقات لاءِ آيل هو سو موقعو ڏسي پليجي صاحب ۽ ساقي صاحب سان بہ ملاقات لاءِ ويو پر ساقي صاحب اندر گهڙڻ شرط هٿ ملائڻ بدران ڀاڪر پائي ڳل تي زوردار قسم جي چُمي ڪٽي ڏنس. ٻڌايومانس تہ اها ڪارروائي صرف توسان ڪونہ ٿي آهي پر اهو ساقي صاحب جو پنهنجائپ وارو انداز آهي، ان ڪري دل ۾ نہ ڪري.

ٻئي ڀيري مسلم ليگي سيٺ هارون سان گڏ ايم ڪيو ايم جو الطاف حسين، پليجي صاحب سان ملاقات لاءِ آيو. عجيب و غريب ڳالهيون پئي ڪيائين، جن ۾ تعاون جون اپيلون بہ شامل هيون پر پنهنجا مسئلا ٻڌائيندي ايئن لڳو ڄڻ هو

Gul Hayat Institute

سنڌين کي چتاءُ ڏيندو هجي تہ جيڪڏهن اسان سان ڇڏ ڇوٽ نہ ڪيوَ تہ پنجابين سان وچي گڏباسين.ان تان پليجو صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ سگهري دپ ڪڍيائينس. جنهن ڪانپوءِ هو وري نہ آيو.

اسپتال ۾ پليجي صاحب ۽ جي.ايم.سيد جي ملاقات بہ الاهي مزيدار هوندي هئي. پهريون پيرو جڏهن سالن کان پوءِ پاڻ ۾ گڏيا تہ حالن احوالن کان پوءِ سائين گفتگوءَ جو آغاز آرين ۽ اڻ آرين واري دؤر کان ڪيو. پوءِ يا رات ڪُتي يا ڳالهہ ماٺهو وينا ٻُڌن. هٽي هٽي نيٺ داستان پورو ٿيو ۽ بابا جو وارو آيو پر هي ڇا؟ بابا تہ مرڳو پٿر جي زماني واري آڳاٽي انساني سماج کان ڪٽي بسم الله ڪئي. پوءِ تہ ڳالهہ هُلي وئي تہ جڏهن سيد ۽ پليجو پاڻ ۾ ڪچهريءَ لاءِ ويهن تہ ٻين جي پلاٽي ان ۾ آهي تہ ٻچي جان ڇڏائين.

جي.ايم.سيد سان ملاقات لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڄام ساقي بہ ايندو هو پر هڪ پيرو وٽس ڪو ننڍڙو ٽيپ رڪارڊر کيسي ۾ رهجي ويو ۽ مزي جي ڳالهہ جو رڪارڊنگ وارو بٽڻ بہ اتفاق سان آن هجيس. حبيب الله ناريجو بہ ڪو موجود هجي. نہ ڄاڻ ڪيئن ان جي نظر ٽيپ رڪارڊر تي پئجي وئي. پوءِ تہ اصل وٺ وٺان ٿي وئي ۽ همراهہ مرڳو هٿين پيا هئا. ڄام چوي، ”آمريڪي سامراج نٿو چاهي تہ جي.ايم.سيد ۽ آءُ پاڻ ۾ ملون.“ ناريجو چئي، ”ساقيءَ سائينءَ جي حڪومت خلاف ڳالهہ ٻولهہ رڪارڊ ڪري سرڪار کي ڏيڻ ٿي چاهي.“

وڏي خواري ٿي. اسپتال جو عملو بہ سوچڻ لڳو تہ سنڌي سياسي اڳواڻ هڪٻئي جو رواجي لحاظ بہ نٿا ڪن.

خصوصي ٽريبونل پاران آزاديءَ جي فيصلي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ چاچا فاضل کي سکر مان حاضريءَ تي ڪراچي آندو ويو. اسين سڀ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود هئاسين. اوچتو چاچا اکين ئي اکين ۾ مون کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ پوءِ ڪلهي تي هٿ رکي ان کي ٽورو ڏيندي آهستگيءَ سان چيو. ”همراهہ سان ملبو.“ ڳالهہ سمجهي ها ڪيم. واپسيءَ مهل ٻيا همراهہ پوئين گاڏيءَ ۾ وينا ۽ چاچا فاضل کي ادا گل وارن جي سوزوڪي ڪار ۾ ويهاريم. جيڪا مون پٽي ڊرائيو ڪئي. شاهراهہ فيصل تي راج محل هوٽل وٽان تيزيءَ سان گهُٽ ڏئي گاڏي جناح اسپتال ڏانهن موڙي ڇڏيم. اسپتال پهچي روم نمبر 15 ڏانهن وڌياسين. در تي وينل گارڊ چاچا جو ساڍا ڇهہ فٽ قد ۽ مضبوط جسم ڏسي الائجي ڇا سمجهيو جو يڪدم ڦرتيءَ سان اُٿي سلوٽ ڪيائين. چاچا ڪنڌ جي هلڪي لوڏ سان جواب ڏئي اندر داخل ٿيو بابا بيڊ تي ليٽيل هو ۽ ڪو رسالو پئي پڙهيائين. اوچتو چاچا کي سامهون ڏسي حيرانيءَ مان ست ڏئي اُٿيو ۽ اڳتي وڌي ڪيس ڀاڪر پاتو. پوءِ ٻئي ڪجهہ دير والهانہ انداز سان ڪچهري ڪندا رهيا.

آزاد ٿيڻ کان پوءِ بہ بابا بہ ٽي ڏينهن اسپتال ۾ رهيو ۽ پوءِ ڪيس هڪ ڏگهي ۽ پُرجوش جلوس جي شڪل ۾ ڪراچيءَ کان ٺٽي ۽ پوءِ جُنگشاهي آندو ويو. واٽ ۾ گگهر ڦاٽڪ، گجي گهاري ۽ ٻين هنڌن تي استقبال ٿيا، نعرا لڳا ۽ تقريرون ٿيون. جلوس ۾ بابا سان آءٌ، ظفر، سراج ۽ نورڻ وغيره بہ گڏ هئاسين. ٺٽي پهچي اجا جلسہ عام جي پنڊال کان گهڻو پري هئاسين تہ شاهہ لطيف جي بيت جو آواز ڪنن ۾ پُرڻ لڳو شايد منير پرڳڙي اناؤنسمينٽ ڪري رهيو هو:

”منڊ نہ منجهان تن پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين سا پر سڪي سسئي.

چوڏاري اجرڪ ۽ ڏاٽي وارا هاري تحريڪ جا جهنڊا جهوليا پئي. بابا جڏهن ڳالهائڻ لڳو تہ اهو ئي انداز هو جنهن سان اٺ سال اڳ راهوڪيءَ ۾ هاري ڪانفرنس ۾ ڳالهايو هئائين. مون کي 79ع جو اهو ڏينهن ياد اچي ويو. ويهن هزارن کان وڌيڪ هاري هئا. مارشلا لا جو وقت هو پر تقريرن ۾ ڪيڏي نہ ڪاٽ ۽ تيزي هئي، ۽ پوءِ اهي اُگهاڙيون سچايون آمريت کان برداشت نہ ٿي سگهيون. بابا، چاچا فاضل، ناريجي، ياءُ اسلم، ادا گل، ادريس ميراڻي، گل چانگ ۽ ٻين کي گرفتار ڪري سخت سزائون ڏنيون ويون. بابا کي بدين ۾ وچ بازار ۾ هتڪڙيون هڻي پنڌ هلايو ويو. بلڪ ملٽري ڪورٽ تہ ڪيس ذري گهٽ ڪوڙن جي سزا ڏني هئي، پر عين وقت تي آءٌ حيدرآباد مان بابا جو شناختي ڪارڊ يا شايد پاسپورٽ کڻي پهتو هئس، جنهن مطابق سندس عمر ڪوڙن جي سزا کان وڌيل هئي، تنهن ڪري ٽيهہ هزار ڏنڊ ۽ قيد ڏنائونس.

ٺٽي جي آڌرپائي جلسي ۾ بابا ساڳيءَ ريت خوداعتماديءَ ۽ بيباڪيءَ سان ڳالهائي رهيو هو ۽ شايد طويل قيد سندس لهجي ۾ ڪجهہ ڪاوڙ بہ گڏي ڇڏي هئي، تنهن ڪري سندس جملا اڳي جي ڀيٽ ۾ حڪمرانن خلاف وڌيڪ جارحانہ ۽ سَنڌائتا هئا. جُنگشاهيءَ ۾ بہ وڏو جلسہ عام ٿيو، جنهن جو آغاز وقار ناٿن شاهي هن نظم سان ڪيو.

دوست پليجو يار پليجو موتين جو جڻ هار پليجو
لڪپت کان ٿي آيو آهي سنڌڙيءَ جو سالار پليجو.

پوءِ سرويچ سجاوليءَ نظم ٻڌايو:

هڪڙو ڏاهو ڏيهي پنهنجي ڏوٿيئڙن کان ڏاڍو ڏور.

تاڙين جا ڦهڪا هئا. مون ڪنڌ ورائي بابا ڏانهن ڏٺو سندس اکين ۾ سالن کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي ماڻهن کي ڏسي نرالي جوت ٻهڪڻ لڳي هئي. پوءِ



Gul Hayat Institute

رات جو گھر جي پڌر ۾ ڳوٺ جي سوين ماين سندس هٿن، پيرن ۽ مٿي تي روايتي ميندي رکي ڳيچ ڳايا هئا:

هٿين گل ميندي پيرين گل ميندي
لال لڳن کي لايوڙي
منهنجي اڱڻ ٻاروچو آيوڙي.

نوجوان ڇوڪرين ۽ پوڙهين ڀڪين جهمريون هنيون هيون. بابا ان وقت اٺن سالن کانپوءِ آزادي ماڻيندڙ ۽ کوٽ لکپت جهڙن ڀيانک زندانن ۾ موت کي شڪست ڏيندڙ انقلابي اڳواڻ بدران ڪو بيحد حساس ۽ انتهائي شرميلو نوجوان گهوٽ پئي محسوس ٿيو.

ڪجھ ڏينهن آرام ڪرڻ کانپوءِ بابا واپس ڪراچي پهتو جتان ايم آر ڊي جي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ راولپنڊي روانو ٿيو. ان اجلاس ۾ ڪيس ايم آر ڊيءَ جو ڪنوينر چونڊيو ويو ۽ سندس ئي صدارت ۾ ٿيريون پيرو ڪاٻي توڙي ساڄي ڌر جي تنظيمن گڏجي صوبائي خودمختياريءَ جي قرارداد منظور ڪئي.

جولاءِ ۾ پليجي صاحب کي لاهور ۾ سياسي قيدين جي مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ مهمان خصوصي طور شرڪت لاءِ دعوت ڏني وئي. آءٌ، خليل قاضي، شاهنواز راڄپر، ڀاءُ ظفر ۽ پاڻيجي سسئي بہ لاهور جي ان دوري ۾ بابا سان گڏ رهياسين. مون کي ۽ خليل کي تن ڏينهن بابا جي سيڪريٽريءَ واريون ذميداريون مليل هيون. ياد رهي تہ بابا جي سيڪريٽري ٿيڻ جي معنيٰ رڳو سندس ملاقاتن ۽ مصروفيتن جا ٽائيم مقرر ڪرڻ نہ هئا، پر ان سان گڏوگڏ وقت تي دوائون ڏيڻ، ماني کائڻ مهل سٽيپ ۽ مرچن کان ذري ذري روڪڻ، وڏيل ننهن ڪٽڻ، پيرن ۾ پاتل مختلف رنگن جي بوٽن کي ترتيب ۾ آڻڻ، تقريرن ۽ انٽرويوز لاءِ پوائنٽز نوٽ ڪرڻ، شيوَ جي پاڻيءَ ۽ چانهن ۾ فرق جو احساس ڏيارڻ، چشمو سنڀالڻ ۽ پاڇي مان لڙڪندڙ اڳٺ ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ شامل هو.

آءٌ ان کان اڳ بہ هڪ ڀيرو بابا سان گڏ 1987ع ۾ لاهور اچي چڪو هئس. تڏهن چاچا فاضل، اسماعيل سوهو، ڀاءُ اسلم، يوسف سولنگي، عزيز ڪينجهرائي ۽ محبت ٻرڙو بہ گڏ هئا. ريل ۾ لاهور ايندي خانيوال وٽ بہ ٽي داداگير قسم جا پنجابي ڇوڪرا اسان جي برٿن تي چڙهي ويهي رهيا. يوسف ۽ عزيز کين سمجهايو پر هو بڪ بڪ ڪرڻ لڳا. پوءِ محبت ۽ اسلم ڀارن ورزشي جوانن کين ڳچيءَ کان جهلي ٽڦڙون هٽي زوري دٻي مان ڌڪا ڏئي هيٺ لاٿو هو. تن ڏينهن لاهور ۾ امتياز عالم، پروفيسر اعجاز شير علي باڇا، پروفيسر عزيز علي ياور ۽ ٻين سان ميٽنگون ٿينديون رهيون هيون ۽ پوءِ پاڪستان عوامي تحريڪ نالي اتحاد ٺهيو

Gul Hayat Institute

هو. هن پيري ۾ دوري جو بنيادي مقصد ڪاٻي ڌرجي ملڪ گير تنظيم عوامي نيشنل پارٽيءَ جي قيام لاءِ مختلف ڌرين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ هئي.

لاهور ۾ ڪوڙ سارن سياسي توڙي ادبي ماڻهن آجياڻا ڏنا، جن ۾ اعتزاز حسن، ملڪ قاسم، افضل حيدر، پرويز صالح، مهناز رفيع ۽ ٻيا شامل هئا. امجد اسلام امجد، ڪشور ناهيد، فخر زمان ۽ ٻين سان رهاڻيون ٿيون. مشهور فلمي اداڪار مصطفيٰ قريشيءَ جي آجياڻي ۾ مڪمل فنڪارانه ماحول هو. بابا جي فرمائش تي روبينه قريشي پاڻ باجو وڄائيندي ڪجهه نغما ٻڌايا. اتي ئي مرحوم فيض احمد فيض جي گهر واريءَ ايلس ۽ ڌيءَ سلمه سان ملاقات ٿي. ايلس جي وقار ۽ لهندڙ سج جهڙي خوبصورتيءَ مون کي ڪافي متاثر ڪيو.

۽ تي ڏينهن گڏجاڻيون ۽ استقباليه وغيره نيڪ پئي هليا، پر آخر 6 جولاءِ جو ڏينهن اچي پهتو هو جڏهن سيد افضل حيدر پاران پليجي صاحب کي هڪ مقامي هوٽل ۾ استقباليه ڏنو ويو. ٻن ٽن مقررن جي رسمي تقريرن ڪانپوءِ صدارتي تقرير ڪندي پليجي صاحب چيو، ”اسان کي مفروضن تي ويساھ ۽ عمل ڪرڻ بجاءِ انهن تي بحث ڪري سچاين کي تلاش ڪرڻ گهرجي... ڪنهن ۾ مذهبي نعري يا فتويٰ جي آڙ ۾ ڏنڊي جي حڪمرانيءَ جو دؤر هاڻ ختم ڪرڻو پوندو. ان لاءِ خاص طور تي اهلِ پنجاب کي بنيادي ذميواري نڀائڻي آهي، ڇاڪاڻ ته وٽن طاقتور جي پوڄا ڪرڻ جي رسم پيل آهي. هن ملڪ ۾ اهو قانون ٺاهڻ ئي ڇڏيو ويو آهي ته جيڪو ٻه آمريت ۽ جنرلن آڏو گوڏن ڀر نه جهُڪي، اهو واجب القتل آهي. هي سڀ اهي مجرم آهن، جن بنگال ۽ بلوچستان ۾ قتلِ عام ڪيو. هي اهو سڀ ڪجهه سنڌ ۾ دهرائڻ گهرن ٿا. توهين اڳتي وڌو ۽ وحشي قاتلن بدران بلي شاهه، باهو، فريد ۽ حُسين جي روايتن ۽ محبتن کي زنده ڪريو. اسان سنڌين جيان پنهنجي حقيقي سورمن کي سڃاڻو. راجا ڏاهر ڪنهن وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي بقا جي جنگ لڙيو هو. هن سنڌي نياڻين جي لڄن جي تحفظ لاءِ پنهنجو رت وهايو. ان ڪري سنڌي اڄ هزار فتوائن جي باوجود کيس پنهنجو هيرو ٿا مڃين. اڄو ته اهو اعلان ڪريون ته قائداعظم، علامه اقبال، اسلام ۽ نظريه پاڪستان جي نالن ۽ نعرن کي هاڻ مسڪين ماڻهن کي محڪوم ٺاهڻ جي سَنَد طور استعمال ٿيڻ نه ڏيو... اڄو ته پنهنجن روحن کي خوف ۽ دهشت کان آزاد ڪريون، ڇاڪاڻ ته جسم کان وڌيڪ خطرناڪ روح جو قيد آهي.“

پليجي صاحب اهڙن خيالن جو اظهار ڪو پهريون ڀيرو نه ڪيو هو پر سائين مسعود نوراني ”نئين نياپي“ ۾ لکي ٿو ته جنوري 1966ع ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري ۾ سنڌي شام جي جلسي کي خطاب ڪندي پهريون ڀيرو پليجي

Gul Hayat Institute

صاحب راجا ڏاهر کي سنڌ جو هيرو قرار ڏنو هو. ان شام ۾ ڊاڪٽر افغان، جي الانه، نياز همايوني، مجيب پيرزادو ۽ ٻيا موجود هئا.

استقباليه پورو ٿيو. اسين دستور مطابق ڪار ۾ ان پروگرام تي گڏيل تبصرو ڪندا واپس آياسين. رات جو دير تائين ڊاڪٽر مبشر ۽ احمد بشير ڪچهريءَ لاءِ ويٺا هئا. تنهن ڪري صبح جو دير سان اک کُلي. چانهن جو ڪوپ پيئندي اخبار کي سرسري طور جانچيم ته جنگ لاهور جي هڪ خبر ڇرڪائي ڇڏيو جنهن جي پهرين صفحي تي هيءَ چار ڪالمي سرخي لڳل هئي:

*"محمد بن قاسم اسلام کے نام پر آیااور ہماری لڑکیاں اغوا کیں۔ قائد اعظم غازی نہیں تھا۔ علامہ اقبال کے شعروں سے ہمارے مقاصد پورے نہیں ہوتے"*

بس سائين پوءِ ته سمورو لاهور بلڪ پورو پنجاب ٻري اُٿيو. چوڌاري هاهاڪار مچي وئي. رجعت پسند سامراج نواز حلقن جي ڄڻ ڪير گهر ۾ گهڙي پيو هجي. هيڏي جرئت، آقائن جي علائقي ۾ ويهي آقائن جي آقائن تي به ڪا آڱر ڪڻبي آهي ڇا؟ فتويٰ باز زبانون ۽ قلم حرڪت ۾ اچي ويا.

پليجو دهريو آهي، پليجو ڪافر آهي، ڀارت جو ايجنٽ آهي، روسي ڇاڙتو آهي، قادياني آهي، مملڪت جو غدار آهي، راجا ڏاهر جو پوٽلڳ آهي. مقصد ته جيترا هئا وات اوترين هيون ڳالهيون. جنرل ضياءَ جي هٿ ٺوڪيي صحافي عبدالقادر حسن ته وڻ گهوڙو نٿي ٻَڌڻ ڏنو. لاهور جي مبشر شجاع الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ ڪائونسلرن احتجاجي جلوس ڪڍيو. عبدالستار نيازي ۽ وائين جي بيانن جا ڏوڙيا هجن. انهن سان وري ڪراچيءَ جي خواجه خيرالدين، شاهه فريدالحق، احترام الحق ٿانوي ۽ محمود اعظم فاروقيءَ جهڙا جوڙيوال سُر ملائڻ لڳا. صوبائي وزير ساجده عابديءَ جي اڳواڻيءَ ۾ مسلم ليگي عورتن جلوس ڪڍي مطالبو ڪيو ته، "پليجي کي شاهه عالم چوڪ تي ڦاسي ڏني وڃي."

Gul Hayat Institute

وقتي طرح ايئن لڳو ڄڻ سڄو پنجاب ڦاسيءَ جي سرڪڻ ڪٽي پيو ان ڪاهي پيو آهي، پر ٻيو ڏينهن آيو ۽ اخبارون ڪوليونسين ته مهناز رفيع، سيد افضل حيدر ۽ عاصمه جهانگير پليجي صاحب خلاف الزامن جي سخت مذمت ڪئي هئي، اين ايس ايف جي شاگردن حمايت ۾ بيان ڏنا. ساڳئي ڏينهن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ بار جي مسلم ليگي صدر افراسياب پليجي صاحب خلاف قرارداد پيش ڪئي، جنهن تان بار اندر سخت جهيڙو ٿي پيو ۽ جنگ لکيو:

*"لاہور ہائی کورٹ بار میں پلیجو کے حمایتوں اور مخالفوں میں ہنگامہ آرائی۔ افراسیاب گروپ کی جانب سے پلیجو مردہ باد اور دوسرے وکلا کی جانب سے جنرل ضیامردہ باد کی نعرے بازی۔"*

ان هنگامي دوران وڪيلن راجه افراسياب کي ٽنگاٽولي ڪري ٻاهر اُڇلائي ڇڏيو ۽ ساڳئي وقت صدر ان جي ڪريل حرڪت خلاف ملڪ قسم. سيد افضل حيدر ۽ بيريسٽر اعتزاز احسن بار جي رڪنيت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ٻئي طرف ساڳيو ڊرامو ڊسٽرڪٽ بار ۾ ٿيو. جتي وڪيلن بار جي مسلم ليگي صدر خلاف عدم اعتماد ڪيو. ساڳئي ڏينهن شام جو فليٽيز هوٽل ۾ جڏهن پليجو صاحب تقرير ڪري ويهڻ لڳو ته پنڊال جي اڳئين لائين ۾ ويٺل هڪ عورت اُٿي بيٺي، ”آئون ڪلهه پليجي صاحب خلاف جلوس ۾ شامل هئس، پر اڄ اهو چوندي فخر ٿي محسوس ڪريان ته هن هيئنر جيڪو ڪجهه چيو آهي اهو سچ آهي، اسان پنجابين کي پنهنجي سوچ تبديل ڪرڻي پوندي.“ ٽئين ڏينهن پيپلز اسٽوڊنٽس پاران پليجي صاحب جي حمايت ۾ جلوس ڪڍيو ويو. ملڪ معراج خالد حمايت ۾ بيان ڏنو. رانا عيش بهادر اعلان ڪيو ته پليجي صاحب جي مخالفت ڪندڙ ياد رکن ته جيڪڏهن هاڻ جنرل ضياءَ ڪڏهن بار ۾ قدم رکيو ته گندن بيدن سان سندن استقبال ڪنداسين. پرويز صالح ۽ مصطفيٰ قريشيءَ حمايت ۾ بيان ڏنا. جڏهن ته وزير صاحبه بيگم عابدي چيو ته ڪيس فون تي ڌمڪي ملي آهي ته پليجي جي مخالفت بند نه ڪئي وئي ته ڪيس قتل ڪيو ويندو. احمد بشير ڪالم لکيو ”پليجي پنجاب کي لوڏي ڇڏيو.“ حسين نقي لکيو ”پليجي لاهور فتح ڪري ورتو.“ دستگير ڀٽيءَ لکيو ”پليجو پنجاب ۾ سنڌ جو ڪيس پيو لڙي.“ مليحه لوڌيءَ لکيو ”پليجي عوامي طاقت جا دروازا کولي ڇڏيا.“ مقصد اهو ته لڳو ايئن پئي ڄڻ حاڪمن جي هن صوبي اندر فقط ٻه سوچون ۽ ٻه ڌريون آهن. پليجي جون حامي ڌريون ۽ مخالف ڌريون.

ان سڄي عرصي ۾ هڪ ڳالهه مون شدت سان محسوس ڪئي ته پليجي صاحب کي دٻاءُ ۽ دهشت سان جهُڪائي نٿو سگهجي. هو آخري وقت تائين پنهنجي موقف تي سختيءَ سان اٽل رهيو ۽ هر نئين جلسي ۽ آجياڻي ۾ ساڳي ڳالهه ور ور ڏئي چوندو رهيو.

**(”سارون سپنا آزادي“ تان ورتل)**

Gul Hayat Institute

زاهدا شيخ

# جيئن مون ڏٺو

1979ع جو سال هو. پليجو صاحب قنبر آيو ته اسان جي ڏاڍي خواهش هئي ته جيڪر پليجي صاحب سان ملجي، پر انهن ڏينهن ۾ قنبر جهڙي شهر ۾ ڪنهن مرد سان عورتن يا ڇوڪرين جو ملڻ ناممڪن هو. پر اسان سوچيو ته اگر پليجي صاحب سان ملي نٿو سگهجي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪين ڏسي ته سگهجي ٿو. پوءِ اسين ريحانه شيخ وارن جي گهر ويون سين، جن جي گهٽيءَ مان پليجي صاحب کي گاڏيءَ ۾ چڙهي وڃڻو هو. جڏهن پليجو صاحب گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ گهٽيءَ ۾ آيو ته اسان در جي اوٽ بلڪ سنهڙي ڏار مان پليجي کي ڏٺو. ڪين ان مهل ناسي ڪلر جا ڪپڙا پاتل هئا ۽ ڪنهن بزرگ سان کِلندي پاڪر پائي شايد موڪلائي رهيا هئا. ڪين صرف ايترو ۽ ايئن ڏسڻ جي باوجود آءٌ بيحد خوش هيم، پر مون کي اهو سوچي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو ته پليجي صاحب کي ته اها خبر به ڪانه هوندي ته اسين ساڻن ملڻ لاءِ ڪيڏو پريشان آهيون. جڏهن گهر واپس آيون سين ته اسان کي هڪ ڪيسٽ ملي، اها هلائي سون ته ان ۾ بين ڳالهين سان گڏ هي جملا به هئا ته، ”مون کي ڏاڍو افسوس آهي ته آءٌ اوهان سان روبرو ملي ڪونه سگهيس، پر مون کي توهان جي ڪم جي باري ۾ ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. توهان جيڪا پوک پوکي آهي، ان جي چڱيءَ طرح حفاظت ڪريو، جيئن توهان بهترين فصل لُٽي سگهو.“ اهو پليجي صاحب جو ايس.بي.ٽي جي ڀينرن ڏانهن پيغام هو. ان وقت مون کي اهو سوچي ڏاڍي خوشي ٿي ته اسين به پليجي صاحب کي ياد آهيون.

پوءِ پليجي صاحب کي جلد ئي جيل جو منهن ڏسڻو پيو، پر پليجي صاحب سان جڏهن به لاڙڪاڻي يا قنبر جو ڪوئي ماڻهو ملڻ ويندو هو ته اسان ڀينرن ڏانهن سلام ضرور اُماڻيندو هو. پليجو صاحب قيد جي دوران بيماريءَ سبب جناح

Gul Hayat Institute

اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل هو تہ 7 مارچ 1986ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي ڪانفرنس ۾ آيون سين تہ پليجي صاحب سان ملڻ لاءِ اسپتال بہ ويون سين. اسين تقريباً ڏهہ ٻيڻرون هيون سين. وڃڻ مهل اسان سوچيو پئي تہ سائين الائي جي ڪيئن هوندو. الائي ڇا ڳالهائيندو. الائي ڪهڙا سوال پڇندو؟ پر جڏهن اسين سندس ڪمري ۾ گهڙياسون تہ اسان جا سمورا ڊپ لهي ويا. اُٿي بيهي اسان سڀني سان هٿ ملايائين ۽ اسان سڀني کان نالا پڇيائين ۽ اسان کي ٻُڌي اسان لاءِ چانهہ گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليائين.

ان مهل پليجي صاحب اسان کان سوال ڪيو تہ تنظيم ۾ اچڻ سان توهان کي ڪهڙا فائدا مليا آهن. سڀني پنهنجي پنهنجي طور تي جواب ڏنو. منهنجي ڀائٽي بہ اسان سان گڏ هئي، ان چيو تہ هڪ فائدو تہ اهو مليو آهي تہ اسان کي ڪراچي گهمڻ جو موقعو مليو آهي. مون ڏنو تہ ان جواب تي پليجو صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. اها خوشي مون کي ان مهل سمجهہ ۾ ڪانہ آئي هئي، پر ڪجهہ ڏينهن اڳ پليجي صاحب ٻُڌايو تہ مون کي جواب ان ڪري وڻيو جو ان ۾ سچائي هئي.

هڪ ڏينهن آءٌ حيدرآباد هجان. رات جو دير سان اوچتو سائين ڪراچيءَ مان آيو. طبيعت الاهي خراب هئس. مون کين چيو تہ توهان جي طبيعت ايتري خراب هئي تہ پوءِ توهان سفر ڪري هيڏانهن ڇو آيا. چيائين تہ سياڻي سن وڃي، جي.ايم.سيد سان ملڻو آهي ۽ ساڻس سنڌ قومي اتحاد ۾ سنڌ دشمنن کي آڏو کان روڪڻ واسطي سنڌي قوم جو واسطو ڏئي ڳالهائڻو آهي. اهڙن نازڪ معاملن ۾ پنهنجي طبيعت کي تہ ڪونہ ڏسبو. ٻئي ڏينهن سيد عالم شاهہ، مسعود نوراني، سليمان ڏاهري، ابراهيم جويي ۽ اياز لطيف کي ساڻ وٺي صبح سوير سن روانو ٿي ويو. جڏهن واپس آيو تڏهن اجا بہ وڌيڪ بيمار ۽ پريشان پئي لڳو. ٻُڌايائين تہ جي.ايم.سيد سنڌ دشمنن کي آڏو کان ڪونہ مُڙندو پاڻ هو تہ اسان مان بيزار ويٺو آهي ۽ سندس خواهش آهي تہ ڪنهن بہ نموني هنن کي ايترو تنگ ڪجي جو اسين مجبوراً ايس.اين.اي مان نڪري وڃون.

12 ڊسمبر 1989ع تي اسان جي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي حيدرآباد ۾ رکيل هئي، ان لاءِ اسان حيدرآباد آيل هجون. رات جا تقريباً 12 ٿيا هئا تہ پليجو صاحب ڪٿان ميٽنگون ۽ ٻيا ڪم ڪاريون ڪري آيو هو ۽ الاهي ٿڪل هو، پر اسان سان ڪچهري ڪرڻ ويهي رهيو. ڳالهيون ڪندي چيائين تہ پاڻ کي سنڌي شاگردياڻين کي منظم ڪرڻ لاءِ سنڌي شاگردياڻين جي تنظيم ناهڻ گهرجي. ان لاءِ اسان سڀني کان راءِ ورتائين. اسان بہ ساڻس متفق ٿيون سين. پوءِ تہ ان کان اڳ نہ پاڻ سُتو ۽ نہ اسان کي سمهڻ ڏنائين. جيسين ان جي مرڪزي ڪميٽي، مرڪزي باڊي، پهرين گڏجاڻيءَ جي تاريخ ۽

Gul Hayat Institute

گڏجاڻيءَ جون ايجنڊائون تجويز نہ ٿيون. ايئن ئي هڪ ڏينهن جنگشاهيءَ ۾ ويٺي ويٺي ايس.ايس.بي.ٽي جو پروگرام تجويز ٿيو.

پليجو صاحب قنبر آيل هجي. قنبر جي شهرين پاران ڪيس پريس ڪلب ۾ آجياڻو ڏنو ويو. ان ۾ اسان جي وڃڻ جو ڪوبہ پروگرام ڪونہ هو. ڇو تہ پنهنجي شهر ۾ مردن جي پروگرام ۾ اسان ڪي وڃڻ ڏکيو پئي لڳو. اڳ ڪڏهن بہ ايئن ڪونہ ٿيو هو. پر پليجي صاحب اسان کي چيو تہ توهان جي شرڪت سان پراڻي مُدي خارج روايت ٽُٽندي. توهان جي گهر ۾ عورتن ۽ مردن جي برابريءَ جي نئين روايت پوندي. پوءِ اسين ان پروگرام ۾ ويون سين. نہ رڳو ايترو پر پليجي صاحب اُتي مون کان تقرير بہ ڪرائي. تقرير بہ اتفاقاً سُٺي ٿي وئي. آجياڻو ختم ٿيو. اسين واپس گهر آيون سين تہ ٿوريءَ دير کانپوءِ فون ڪري پنهنجي شهر ۾ چڱي تقرير ڪرڻ تي مبارڪ ڏنائين ۽ گهر وارن ۽ مائٽن جي ردعمل متعلق پڇڻ لڳو. ”دهشتگردي بند ڪريو“ ڪانفرنس پئي ٿي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ آءٌ الائي ڪٿان حيدرآباد شهناز راهو جي گهر آيس. مون مارئي هاسٽل تي ريحانہ ڏانهن فون ڪئي تہ اتي اچي تہ جيئن سياڻي جي پروگرام لاءِ ڪجهہ تياري ڪريون. ٿوريءَ دير کانپوءِ شهناز ڏانهن فون آئي. هن ٿي منٽ ڳالهايو. پوءِ مون کي سڏ ڪري فون ڏئي چيائين، ”چاچا پيو ڳالهائي.“ مون کي فوري طور تي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو تہ ڪير چاچا. مون رسيور وٺي هيلو مس چيو تہ ٻئي پاسي ڏانهن آواز آيو ”مان رسول بخش پيو ڳالهايان. تون ڪهڙي وقت پهتي آهين. هاڻي تون ڪيڏانهن نہ وڃجانءِ. مان ايڏانهن پيو اچان.“ مون پنهنجو پاڻ کي چيو تہ پليجو صاحب ايندو معنيٰ ڪونہ ڪو ڪم ڏئي ڇڏيندو، سو جيڪو ٽڪ لاهڻو هجئي، سو لاهہ. پوءِ مڙيئي خير آ. ٿوريءَ دير کانپوءِ آيو اچا مڙيئي ايئن ئي سيڻ سان حال احوال پئي ڪيائين تہ ريحانہ ۽ زينت چانڊيو بہ اچي پهتيون. پليجي صاحب اسان ٽنهي کي ڪجهہ لکڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو ۽ پاڻ مئگزين ۽ ڪتاب پڙهڻ ويٺو. پڙهندي سندس نظر ڪنهن رسالي ۾ امداد حسينيءَ جي حيدرآباد شهر تي لکيل تازي نظم ”هيءُ منهنجو شهر آ يا دشمن جو شهر آ“ تي پئي. نظم پڙهي سندس ذهن ۾ خيال آيو تہ سياڻي جي ڪانفرنس ۾ ڪجهہ ڇيڻرون اهو نظم پيش ڪن تہ واهہ واهہ ٿي وڃي. هاڻي تہ بس ان تي عمل ڪرڻو هو. ڇئن ڇيڻرن جي ضرورت هجي. ريحانہ ۽ زينت چانڊيو بہ ڄڻيون تہ موجود هيون، باقي بہ. سائين چيو ”تندي الهيار مان زينت ميرجت کي فون ڪري گهرايو.“ چوٿين ڇيڻ جو مسئلو هو. سوچيوسون تہ مارئي هاسٽل مان سعيده يا صفيہ کي گهرائجي، پر اتان جي موربگو فون ملي ئي ڪونہ. هاڻ ڇا ٿئي؟ پليجي صاحب هڪدم چيو ”زاهده تون ڇو نہ ٿي ڪرين؟“ مون دل ۾



Gul Hayat Institute

سوچيو "ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي ٽنڊوالهيار" ۽ ڪين چيو ته. "ڪرڻ لاءِ آءٌ چو نه ڪريان، پر مون کان ٿيندو ئي ڪونه." ان مهل مڙيئي منهنجي دل ٻڏائڻ لاءِ چيائين ته ٿيندو ئي تو ڪان. پوءِ ته فيصلو ٿي ويو. هاڻي وري ٽڪرا ورهائي پورا مس ڪياسين ته لائيٽ بند ٿي وئي. اسان ڪي پريشاني ٿي ته هاڻي ڇا ٿيندو. حيدرآباد ۾ ٻي ڪا جاءِ به ڪونه سُجهي، پر پليجي صاحب تجويز رکي ته پاڻ ڪي ٽنڊوالهيار هلڻ گهرجي. اسين به راضي ٿيون سين ۽ لڏو ٽنڊي الهيار روانو ٿيو. ان مهل رات جا تقريباً ڏهه ٿيا هئا. سائين چيو "اج رڳو هڪ رات توهان جاڳو سڀاڻي هڪ زبردست آئيٽم پيش ٿي ويندو." اسين سڄي رات پريڪٽس ڪنديون رهيون سين.

مٽياريءَ ۾ سائين عالم شاهه جي گهر هجون. سائينءَ جون نندڙيون ڏيئرون ٽي چار ڪرسيون اونڌيون ڪري قطار ۾ رکي مڙيئي ڪيڏڻ لاءِ گاڏي ٺاهي، واڪا ڪرڻ لڳيون ته "هلو ڪراچي هلو ڪراچي" ۽ پليجي صاحب ڪي چوڻ لڳيون ته. "چاچا ڪراچي هلو ٿا." پليجي صاحب به چيو ته. "آءٌ هلان ٿو پر منهنجي جڳهه اڳيان رکجو." نندڙين چيو "ٺيڪ آ. پر اڳيان ويهڻ جا پئسا وڌيڪ وٺنداسون." هاڻي پليجي صاحب ۽ ٻارڙين وچ ۾ ڪراچيءَ جي گهٽ وڌائيءَ لاءِ جهڪ جهڳ شروع ٿي وئي. نيٺ پليجو صاحب مجبوراً وڌيڪ ڪرايي تي راضي ٿي وڃي اڳيان اونڌي ڪرسيءَ تي ويهي ڳٽ ڳٽ جا آواز ڪري غيرموجود تصوراتي گهوڙي کي هڪلڻ لڳو. ٻئي ڏينهن وري ساڳيو مٽياريءَ ۾ انهن نندڙين سان حال احوال پئي ڪيائين ته نندڙين فرمان جاري ڪيو ته. "اسين شعر ٻڌائينديون سين." پليجي صاحب کي به پلا ٻيو ڇا گهرجي.

اک شعر سُنو بڑے غور سے سُنو،
مجھے آتا نہیں کسی اور سے سُنو۔
نہ طوطا نہ طوطی نہ طوطے کے پَر،
اُلو کے پٹھے تو شاعری نہ کر۔
دور سے دیکھا تو انڈے اُبل رہے تھے،
قریب سے دیکھا تو گنجے اُچھل رہے تھے۔

اهڙا مزاحيه شعر ٻارڙين جڏهن وري مزاحيه اسٽائيل ۾ ٻڌايا، تڏهن پليجو صاحب ايترو زور ۽ دل جي گهرائيءَ سان کِليو جو ان کِل کي ٻُڌي سچ پچ مون کي کِلڻ ئي وسري ويو.

بلديه ڪالوني حيدرآباد ۾ سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي گڏجاڻي ٿي. اتي محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جن پليجي صاحب کي ٻُڌايو ته. "ميوزڪ لورز

Gul Hayat Institute

ڪلب“ جنهن جو پاڻ گڏجي بنياد وڌو هوسون. ان طرفان اچ سنڌي راڳ جي راڻي عابده پروين سان پبلڪ اسڪول ۾ شام ملهائي رهيا آهيون. جيڪڏهن توهان ڪي ٽائيم هجي ته ان ۾ ضرور اچجو. شام جو پليجي صاحب اسان کي چيو ته توهان به تيار ٿيو ته هلي عابده پروين جو راڳ ٻُڌي اچون. آءٌ، حضوران، جيجي زرينه، اياز لطيف، ڊاڪٽر اسلم ۽ پليجو صاحب گڏجي وياسين. عابده کي مون اتي پهريون دفعو سامهون ڳائيندي ٻُڌو هو. عابده پروين ڳائڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو.

ان پروگرام تان واپس ورندي پليجي صاحب چيو ته، ”عابده پروين جي بهترين فنڪار بڻجڻ جو سبب سندس اڻاهه محنت آهي. ايئن ئي هر ميدان ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ محنت جي ضرورت آهي. ان ڪم ۾ گم ٿي وڃڻ جي ضرورت آهي. توهان به پنهنجي انقلابي ڪم کي ڏنڌو بڻائي گم ٿي اڻاهه محنت ڪريو، پوءِ توهان به انقلاب جي فن جون عظيم فنڪار بڻجي وينديون.“

آءٌ پليجي صاحب جي اڻاهه محنت، سچي دنيا جي مظلوم قومن لاءِ پاڻ پتوڙڻ، سندن ذهانت، وقتائتن فيصلن ۽ پاڻ وسارڻ ڏسندي آهيان. تڏهن مون کي فخر ٿيڻ لڳندو آهي، ته آءٌ ان تنظيم ۾ شامل آهيان، جنهن جو اڳواڻ سائين رسول بخش پليجو صاحب آهي.

Gul Hayat Institute

**ظفر علي اُجڻ**

# رسول بخش پليجو

هڪ مشهور مفڪر جو قول آهي تہ دنيا ۾ تمام ٿورڙا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي شين کي سندن اصلي شڪل ۾ ڏسن ٿا. رسول بخش پڻ اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي. هو هر شيءِ جي هر پاسي تي نهايت ڳوڙهو ويچار ڪري ٿو. شين جا سڀ پاسا جاچڻ بعد انهن مان نوان نتيجا ڪڍڻ جي جدوجهد ۾ ڪيس سخت مطالعو ڪرڻو پوندو آهي ۽ اها سخت محنت نيٺ ڪيس بيمار ڪريو ڇڏي.

سنڌي اديبن سان بہ سندس جهيڙو انهيءَ بنياد تي هلندو رهندو آهي. هو هميشہ ايئن چوندو رهندو آهي تہ اڄوڪي ادبي دؤر ۾ نئين تخليق پيش ڪرڻ لاءِ بہ ڏينهن جا ڏينهن ڪوجنا ڪريو ۽ مطالعو ڪريو ڇو تہ صحيح ادب اهو آهي جيڪو ارتقا جي اُصولن مطابق هجي. باقي جيڪڏهن اسين اڄ بہ اهڙي شيءِ پيش ڪريون، جيڪا ادبي ميدان ۾ سوين سال اڳ آيل شين جي مقابلي تي هجي تہ اها ادبي تخليق نہ چئبي.

Gul Hayat Institute

رسول بخش ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو چوندو آهي تہ سونپيل ڪم هر حالت ۾ پورو ڪريو. اهو ڪم نہ ڪري پوءِ صرف نلها بهانا ڏيڻ تمام خراب ڳالهہ آهي. هڪ دفعي چيائين تہ جيڪڏهن ويٽنام جا ماڻهو آزاديءَ جي جنگ بند ڪن تہ ڇا ڪين انهيءَ لاءِ موزون بهانا نہ آهن؟ هو بلڪل ايئن چئي سگهن ٿا تہ سامراجي قوتن اسان مٿان رات ڏينهن بمباري پئي ڪئي ۽ اسين سندن گهيري ۾ اچي چڪا هئاسون! پر نہ، هنن قسم کنيو آهي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي پاڪ سرزمين تان ڌارين جا پير اُکوڙي ڇڏينداسين.

رسول بخش جي سياسي سوچ ۽ ڪم ڪرڻ جا طريقا بہ بنهہ سنوان سڌا آهن. هن دنيا ۾ آيل عوامي انقلابن جو گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ پنهنجي ملڪ

جي سياسي، سماجي ۽ معاشي تاريخ کي بہ چڱيءَ طرح پڙهيو اٿس. تنهن ڪري هن جو عقيدو صاف صاف اهو آهي تہ هن ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي براين جو حل صرف اهو آهي تہ هن ملڪ جي لکين ڪروڙين هارين ۽ پورهيتن کي جاگيردارن، رئيسن، سردارن، خانن، نوابن، چوڌرين ۽ سرمائيدارن جي ڦندي مان آزاد ڪرائي کين پنهنجن پيرن تي بيهارجي.

رسول بخش چوندو آهي تہ پنهنجي ملڪ جي حالتن سان گڏوگڏ ٻين ملڪن جي حالتن تي پڻ غور ڪجي، ڇو تہ دنيا ۾ اُڀرندڙ نت نون لاڙن جا اثر اسان جي ملڪ تي پڻ پون ٿا. اسين جهڙيءَ طرح پنهنجي قوم مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ انڌير برداشت ڪري نٿا سگهون، تهڙيءَ طرح اسين دنيا جي ٻين مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جنگ ۾ پڻ ساڻن شريڪ آهيون. ويٽنام، لائوس، ڪمبوڊيا ۽ عربن جي جدوجهد سان بہ اسان جي ڀرپور همدردي ۽ اخلاقي حمايت شامل آهي. انهن سيني حالتن کان واقف ٿيڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ بين الاقوامي صورتحال کي بہ پوريءَ طرح ذهن ۾ رکجي.

رسول بخش پنهنجي سياسي فڪر کي بنا ڪنهن مصلحت جي ماڻهن اڳيان رکندو آيو آهي. سنڌي عوامي تحريڪ جي پهرين ڪنوينشن ۾ هن صاف چيو هو تہ هن ملڪ جي اصل طاقت هاري آهن. هيءُ زرعي ملڪ آهي ۽ هتي جا هاري هن ملڪ جي اڪثريت آهن. انهن تي طرحين طرحين جا ظلم ٿي رهيا آهن. سنڌن جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي. تنهن ڪري جيستائين اهي هاري ٻڌي ڪري سياسي اقتدار پنهنجي هٿ ۾ نہ وٺندا، تيستائين هنن تي سور ۽ سختيون جاري رهنديون. هتي جيڪي سياسي ڌريون هارين جا جائز مسئلا نٿيون کڻن اهي عوام سان دوکو ڪري رهيون آهن. اهڙن خيالن ڪري رسول بخش جو ڪيترين ئي سياسي ڌرين، شاگردن ۽ اديبن سان اختلاف هلندو ايندو آهي، جيڪو مختصر احوال سان هيٺ ڏجي ٿو:

Gul Hayat Institute

## پيپلز پارٽيءَ سان اختلاف

پيپلز پارٽيءَ چونڊن ۾ جيڪي نعرا ڏنا، سي واقعي عوامي هئا ۽ هن پارٽيءَ ماڻهن ۾ جنهن طريقي سان مهم هلائي، اها ٻين پارٽين جي مقابلي ۾ سُٺي هئي، پر پيپلز پارٽيءَ جو جيئڻ تہ بنيادي طرح چونڊن ۾ ايمان آهي ۽ پارٽيءَ جي اڳواڻي وڏيرن جي هٿ ۾ آهي، تنهن ڪري رسول بخش هن پارٽيءَ ۾ شامل نہ ٿيو.

## نيشنل عوامي پارٽي

نيشنل عوامي پارٽي ايوب جي خلاف هلايل جدوجهد ۾ ون يونٽ خلاف آواز نہ اُٿاريو ۽ گول ميز ڪانفرنس ۾ اهو مسئلو گول ڪري وئي. ايوب ڊڪٽيٽرشپ

جي آخري ڏينهن ۾ مخالف جماعتن گڏجي ڊيموڪريٽڪ ايڪشن ڪاميٽي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلايل تحريڪ کي زياده طاقتور بڻائي سگهجي. سنڌ نيشنل عوامي پارٽي انهيءَ ڳالهه تي غور ڪرڻ لاءِ ڪارڪنن جي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن ۾ رسول بخش پليجو ۽ حفيظ قريشي انهيءَ ڳالهه تي تمام گهڻو زور ڏنو ته جيڪڏهن ڊيموڪريٽڪ ايڪشن ڪاميٽي ون يونٽ ٽوڙائڻ جو مسئلو به پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪري ته پوءِ ان جو ساٿ ڏجي ۽ اها ايئن ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿئي ته انهيءَ صورت ۾ ان ۾ شامل ٿيڻ نعپ جي اُصولن جي خلاف ٿيندو. ڇو ته پاڪستان جون سيئي مظلوم قومون ون يونٽ کان نفرت ڪن ٿيون. انهيءَ معاملي تي گوڙ وڏي ويو ۽ نوبت وڃي هاٿا پائيءَ تائين پهتي. بهرحال نعپ ايڏي وڏي مخالفت جي باوجود نه رڳو ڊيموڪريٽڪ ايڪشن ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿي، پر يوسف هارون جي صرف پنجن ڏينهن جي گورنريءَ خلاف به ڪو بيان ڪونه ڏنائين، ڇو ته نعپ جي قيادت اندران ئي اندران ايوب سان سازباز ڪري ڇڪي هئي ۽ سودو پڪو ٿي چڪو هو. نعپ چار قومون چار ٻوليون جو نعرو هنيو پر عبوري آئين ۾ اردوءَ کي قومي ٻولي بنائڻ واري سوال تي اعتراض نه ورتائين. سنڌ ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري زبان بڻائڻ واري فيصلي جي مخالفت ڪيائين. سرمائيدارن سان ناتا جوڙيائين ۽ سردارن ۽ خانن سان اتحاد ڪيائين. تنهن ڪري رسول بخش نيشنل عوامي پارٽيءَ جو مخالف پئي رهيو آهي. محترم پليجي مائوزي تنگ ڪتاب جي صفحي 21 ۽ 22 تي لکيو آهي ته:

”چن توشيو انهيءَ حملي کان پوءِ اعلان ڪيو ته چين جو وچولو ۽ سرمايه دار طبقو چيني زميندارن تي فتح پائي چڪو آهي. تنهن ڪري هاڻي چيني هارين طرفان زميندارن خلاف جدوجهد هلائڻ جي ضرورت ڪانهي. هاڻي مزدورن جو وارو آهي ته سرمايه دارن خلاف جدوجهد هلائين. پر اهي اڃا ٿورڙا آهن. ڇاڪاڻ ته اڃا چين ۾ گهڻا ڪارخانا نه پيا آهن. ان ڪري مزدورن کي تيستائين انتظار ڪرڻ گهرجي، جيستائين سرمائيداري نظام تمام گهڻو ڦهلجي وڃي.“ انهيءَ پاليسيءَ کي چيني انقلاب جي تاريخ ۾ چن توشوءَ واري هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري سياسي لائين سڏبو آهي. پاڪستان ۾ نعپ (نيشنل عوامي پارٽي) جي به اها سياسي لائين آهي.

**جي.ايم.سيد سان اختلاف**

شروع شروع ۾ رسول بخش جي.ايم.سيد سان قومي مسئلي تي اتحاد ڪيو ۽ سنڌ متحده محاذ ۾ شامل ٿيو پر جڏهن هن ڏٺو ته سيد نه رڳو محاذ ۾ شامل سيني وطن دوستن جي جذبن کي مروڙي سنڌ جي ٻن مکيه غدارن محمد ايوب کهڙي ۽ علي محمد راشديءَ کي محاذ ۾ شامل ڪيو پر اڳتي هلي سيد پيپلز پارٽيءَ جي

Gul Hayat Institute

مخالفت ۾ ون يونٽ جي حامي جماعتن سان ناهہ ڪيو. تڏهن محترم پليجو محاذ مان نڪري آيو ۽ سنڌو رسالي ۾ "سيد ۽ پٽو" جي عنوان سان هڪ حيرت انگيز مضمون لکي سيني موقعي پرستن جا منهن بند ڪري ڇڏيائين.

## ترقي پسند شاگردن سان اختلاف

رسول بخش سنڌ جي ترقي پسند شاگردن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي ۽ سندن سياسي تربيت ۾ سُنو پاڻ پتوڙيائين. شاگردن جي هڪ جماعت کي تمام گهڻو اڳتي وڌائي آيو. تانجو اها شاگرد جماعت سنڌ ۾ حد کان وڌيڪ مقبول ٿي. انهيءَ مقبوليت جي نتيجي ۾ ان جماعت جي ڪن اڳواڻن جي ذهن ۾ خود سري ۽ نالو پيدا ڪرڻ جي خواهش اُڀري، جنهن ڪري هو نيٺ خود غرض ٿي پيا ۽ رهنمائي ڪندڙ سياستدانن سان بغاوت ڪيائون. رسول بخش تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ شاگرد انقلابي رستي ۽ عمل تان نہ هٽن، پر شاگرد نہ مُڙيا ۽ سڄي ڪم جي پيڙي پوڙي ڇڏيائون.

## مهاجر ترقي پسندن سان اختلاف

مهاجر ترقي پسند ننڍا ننڍا ٽولا ٺاهي رستن تي انقلاب زنده آباد جا کوکلا نعرا هڻڻ ۾ سيني کان گوءِ کٽي ويا آهن. باقي صحيح انقلابي جدوجهد کي منظم طرح هڪ سهڻي سلسلي موجب هلائڻ کان وٺئن پيا ويندا. نہ ڏسندا مهل نہ موقعو وٺي مزور مزور جي نعرن سان آسمان مٿي تي کڻندا. اهو خيال ئي نہ ڪندا تہ وقت جي حالتن مطابق ڪم ڪرڻ جو جدلي طريقو ڪهڙو هئڻ گهرجي، ۽ هن ملڪ جي مختلف حصن ۾ ڪهڙيون ڏريون عوام دشمن آهن. ان کان علاوه قومي سوال جي باري ۾ صاف موقف اختيار ڪرڻ کان پيا ڪيٻائيندا. ڪيترن موقعن تي هنن اردو ذهنيت جي پنيرائي پئي ڪئي آهي ۽ نظريي پاڪستان جي نالي ۾ قومن جي حقيقي ۽ انصاف واري جدوجهد کان منهن موڙي ويا. انهن سببن ڪري رسول بخش جو ساڻن سخت اختلاف رهيو. ڪيترا دفعا رسول بخش جون ساڻن بحث ۾ سُنيون چڪريون بہ ٿيون.

رسول بخش ساڻن کُليءَ دل سان بحث ڪندي کين چيو تہ اوهان جو قومي مسئلي بابت رويو انقلاب جي باني مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ جي ڏسيل راهہ جي خلاف آهي. مظلوم رڳو فرد نہ ٿيندا آهن، پر قومون بہ مظلوم ٿينديون آهن ۽ اها قوم مظلوم آهي، جنهن جي گذر جي وسيلن تي ڌارين جو قبضو هجي. ظالم قومون هميشہ پنهنجي فالتو آباديءَ کي مظلوم قومن جي مٿان مڙهينديون آهن ۽ پنهنجي ڦرلٽ جي دائري کي وڌائڻ لاءِ پنهنجا خوني چنبا ٻين قومن جي گردن ۾ وجهنديون آهن. ڪامريڊ لينن صاف چيو آهي تہ اهي ڌريون جيڪي قسم قسم جي اٽڪلن ۽ سهڻن نعرن سان مظلوم قومن کي پنهنجي قومي جدوجهد کان هٽائن ٿيون، سي ڪنهن بہ صورت ۾ انقلاب سان وفادار نہ آهن.



Gul Hayat Institute

رسول بخش کين ٻڌايو تہ قومي جدوجهد جي راهہ ۾ اسان کي هتي جي وڏيرن ۽ وچولي طبقي سان اتحاد ڪرڻو پوندو. خود مائوزي تونگ بہ جپانين خلاف ڪو منتانگ سان اتحاد ڪيو هو. پر انهيءَ جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسين طبقاتي جدوجهد تان هٿ کڻي ويندا سين. بلڪل نہ اسان کي خبر آهي تہ سنڌ ۾ مسڪين هارين جي اڪثريت آهي ۽ اسين انهن جي مسئلن کي ضرور کڻنداسين ۽ کين هر طرح سان منظم ڪنداسين ۽ طاقتور بڻائينداسين.

اسان صرف انهيءَ مهاجر کي انقلاب دوست سمجهنداسين, جيڪو سنڌ جي ماڻهن مٿان ڌارين جي ٿيندڙ ظلم ۽ انڌير خلاف سنڌين سان گڏ آواز اُٿاريندو. جيڪو هتي جي پنجابي قبضيدار ۽ ڪوڙي ڪليمينٽ خلاف تحريڪ هلائيندو ۽ جيڪو پنهنجي پٺين سيني غلطين کي قبول ڪندو.

Gul Hayat Institute

**مير حسن آريسر**

# پيڙائي جن پرک

منهنجي ڪنن ٻالجتيءَ ڪان وٺي هڪڙي ئي ڳالهه ٻُڌي هئي ته رسول بخش پليجو پنجاب جو ايجنٽ آهي، فوجي جنرلن جو دوست آهي ۽ سنڌ جو دشمن آهي.

1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ جو اختتام شامِ غريبان بڻجي سنڌ جي آسمان تي لٽڪيل هو. آئون پرائمري پنجون درجو پاس ڪري، پنهنجي شهر واري دڪان تي ڳڙ تورڻ لڳو هوس. تڏهن مسلم ڪمرشل بينڪ ڏورو نارو برانچ جو مئنيجر زوراور خان جروار هو. گهڻو وقت مطالعي ۽ سنڌي نوجوانن سان ڪچهرين ۾ مصروف رهندڙ زوراور صاحب مختلف ماڻهن کي سندن ذهني سطح مطابق پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيڻ جو چڱو ته عادي هو. ان عادت جي ڪري هن مون کي رسول بخش پليجي جو پنهنجي پٽ اياز لطيف ڏي لکيل خط ”وڳ ڪيئن وسرياءِ“ ڏنو، جيڪو هڪ ننڍڙي ڪتابچي جي شڪل ۾ شايع ٿيل هو. منهنجي ٻاراڻي ذهن ۾ پليجي صاحب جون غير معمولي ڳالهيون ۽ مثال گهڻيءَ حد تائين ته محفوظ ٿي نه سگهيا، پر هڪڙي ڳالهه مون چڱيءَ ريت حفظ ڪري ڇڏي ته سنڌين جي اڪيلي اڳواڻ جو نالو رسول بخش پليجو آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ ڊاڪٽر سومار مگڙئي پنهنجي اسپتال ۾ جيئي سنڌ محاذ جو هفتيوار اسٽڊي سرڪل هلائڻ شروع ڪيو هو. آئون ان ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿي خاموشيءَ سان دوستن جون ڳالهيون ۽ ڪتابن جا قصا ٻُڌندو هئس. ڳالهيون بيحد پُرڪشش ۽ وڻندڙ هونديون هيون، جن ۾ سنڌ جا سور، غلاميءَ مان نجات، قومي هيرن جو ذڪر، دنيا جي مختلف غلام قومن جون نظرياتي ۽ عملي جدوجهدون، همتون ۽ شجاعتون بيان ٿينديون هيون. لڳ ڀڳ انهن جهڙيون ڳالهيون مون ”وڳ ڪيئن وسريا“ ۾ پڙهيون هيون. مون انهن ڳالهين

Gul Hayat Institute

ڪان متاثر ٿي، جيئي سنڌ جي پارٽي فرنٽ لطيف سنگت کي جوائن ڪيو. ڪيترن ئي سالن کان پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ اسان جي پارٽيءَ جي نظر ۾ رسول بخش پليجو پنجاب جي پگهار وٺي سنڌ جي قومي تحريڪ کي سخت نقصان پهچائڻ جي پويان آهي.

1994ع ڌاري لاهور ۾ ٿيل (ايچ آر سي پي) جي ڪانفرنس ۾ ايم ڪيو ايم کي وائکو ڪندڙ پليجي صاحب جي تاريخي تقرير کان متاثر ٿي، تڏهوڪي اسان جي اڳواڻ دوست آصف بالاديءَ اخبار ۾ تفصيلي مضمون لکي واضح ڪيو تہ رسول بخش پليجو سنڌ جو واحد وڏو وڪيل، داناءُ ۽ دلير اڳواڻ آهي.

تڏهن آئون جيئي سنڌ محاذ جي اسٽڊي سرڪل جو ذميوار ماڻهو هئڻ جي باوجود گهڙيءَ ڪن لاءِ ”وڳ ڪيئن وسريا“ ڏانهن موٽي ويس. جيڪو ڏهہ سال اڳ پڙهي بہ مون اها ئي ڳالهہ حفظ ڪئي هئي تہ رسول بخش پليجو سنڌين جو اڪيلو اڳواڻ آهي. انهن ڏهن سالن دوران مون پليجي صاحب جا يا سندس حق ۽ مخالفت ۾ لکيل سمورا ڪتاب پڙهي ڇڏيا هئا. اهڙين سيني پڙهيل ۽ ٻُڌل ڳالهين جي باوجود پليجو صاحب منهنجي ذهن ۾ مومل جي سُٽ وانگر منجهيل ڪو سوال هو جنهن کي سُلجهائڻ بهرحال ضروري سمجهندو هئس. منهنجو شاعر دوست مظهر لغاري انهن ڏينهن تائين نہ رڳو جيئي سنڌ محاذ ڇڏي چڪو هو پر هن پليجي صاحب جي نانءُ ڪيل پنهنجو شاهڪار نظم بہ تخليق ڪري ورتو. ان ڪري مظهر سان بہ پليجي صاحب متعلق ڪچهريون هيون. آخري نتيجي ۾ مون کي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ آساني ٿي تہ پليجو صاحب سنڌ جو قيمتي سرمايو آهي. ان فيصلي کانپوءِ آيل جنوريءَ تي مون ڏانهنس نئين سال جو ڪارڊ پوسٽ ڪندي رڳو لطيف جي هڪڙي سِٽ لکي هئي تہ:

جڪـــــرا! جيئـــــين شـــــال،

تنهنجـــو مَـــدو ڳنـــين مَرسُـــٽان.

Gul Hayat Institute

پليجي صاحب ڏانهن لکيل اها سِٽ شال ابد تائين منهنجي جيءَ ۾ جلوه گر رهي، جيڪو پليجي صاحب لاءِ اجوڪو منهنجو سڀ کان اثرائتو اظهار آهي. مون ڪيس لڳ ڀڳ ساڳئي ئي وقت حيدرآباد پريس ڪلب جي هال ۾ پهريون ڀيرو روبرو ڏٺو. هو خاڪي جويي سان ملهائيندڙ شام جي صدارت ڪري رهيو هو. سندس پر ۾ آصف بالادي ۽ ابراهيم جويو ويٺل هئا. تقرير ۾ خاڪي جويي کي شينهن ساز ڪمپني قرار ڏئي پليجو صاحب جڏهن اسٽيج تان هيٺ لٿو تہ آئون سندس چوڌاري بيٺل ماڻهن مان واٽ ٺاهيندو وٽس پهتس ۽ هو پنهنجي ساڄي هٿ جو چنبو کولي گرمجوشيءَ سان مليو. منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيائين، ”اڄ رات ڪٿي آهين؟“

مون وراڻيو، ”آصف بالاديءَ جي گهر.“

منهنجي جواب تي ڌيان نہ ڏيندي چيائين، ”پوءِ ڪڏهن ڪچهري ٿيندي؟“ چيم، ”سائين جلدي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿبو.“

پوءِ جڏهن سندس خدمت ۾ حاضر ٿيس، تڏهن اها ڊسمبر 1997ع جي ڪا سرد شام هئي. ”صوفي صادق تحقيقي بورڊ“ جي پاران ٿيندڙ انٽرنيشنل صوفي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪيس عرض ڪرڻ لاءِ بورڊ جي چيئرمين زيب صوفي ۽ جنرل سيڪريٽري جلال ڪوريءَ سان گڏجي سندس حيدرآباد واري گهر پهتس. پرچيءَ تي نالا ڏانهس موڪلي دل ئي دل ۾ پڇهہ پڇائڻ لڳس تہ چاڻ ٽائيم ڏيندو يا نہ؟ بورڊ جي پري ميٽنگ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ الانا بدران وڙهي جهڙي پليجي صاحب جي خاص خطاب جي منظوري وٺڻ وقت بہ بورڊ جي ڪيترن ميمبرن سندس شرڪت کي مشڪوڪ ڄاڻايو هو پر اسين دل تي هٿ هڻي هتي پهتا هئاسون. هاڻ شال سندس دل ۾ ڪا چڱي پوي، نہ تہ عزت ۾ ٽڪو بہ ڪونہ بچندو...

ان غيريقيني ۽ ٻُڌتر ۾ ئي هئس تہ پاڻ مهمانن واري هال ۾ داخل ٿيو. وڏي اوور ڪوٽ ۽ گرم ٽوپيءَ ۾ ملبوس پليجو صاحب هلڻي ملڻي ۽ تيز و تند گفتگو مان مون کي سورنهن سالن جو نوجوان لڳي رهيو هو. چانهہ پيئڻ ڪانپوءِ حالن احوالن جو آغاز مون ڏاڍيءَ حجت سان ڪيو ۽ آخر ۾ عرض ڪيم تہ، ”بس! اوهان ٽائيم ڏيو.“ ڊائري گهرائي ڏٺائين. جنهن ۾ ڪانفرنس واري ساڳي تاريخ تي ٽنڊي محمد خان ۾ سندس ڪو پروگرام هو. باوجود ان جي پليجي صاحب ٽنڊي محمد خان وارو پروگرام صبح واري ٽائيم رکرائڻ جي ڏاڏا قادر راڻتي کي هدايت ڪئي ۽ مون ڏانهن منهن ڪندي اعتماد سان چيائين، ”شام جو 6 وڳي آئون صوفي فقير پهچندس.“ سندس ان جواب ڪان پوءِ منهنجي پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ مون سنگت کي چيو تہ هاڻ ڪارڊ ڇپرايو. ان ڳالهہ کي شايد اسان جي روانگيءَ واري ڳالهہ سمجهندي، مون کي سخت لهجي ۾ چيائين، ”تون ڪيڏانهن بہ نہ ويندين، اڄ رات ڪچهري ڪنداسين.“ اها ڪچهري اسان جي پهرين ڊگهي ڪچهري هئي.

ان ڪچهريءَ ۾ خيام، رومي، فريد، لطيف ۽ وارث شاهہ سميت ڪيترائي شاعر پنهنجين سمورين شوخين ۽ دلربا ادائن سميت پليجي صاحب جي زباني اسان سان هم ڪلام هئا. دنيا جو اعليٰ ادب، سائنس، سياست، تاريخ ۽ شاعريءَ جي تيز وهُنڙي ۾ اسين ننڍڙن ٻارڙن وانگر پنهنجي جسم ۽ روح ۾ سياندا محسوس ڪري رهيا هئاسين.

اسان سان ڪو ماڻهو ڳالهائي رهيو هو يا انساني تاريخ جو نبار سچ، دانائي ۽ بيباڪي لفظن جو درياهہ بڻجي پلتجي پيو هو.

Gul Hayat Institute

سُنا ہے اس کی باتوں سے پھول جھڑتے ہیں،
یہ سچ ہے تو اس سے بات کرکے دیکھتے ہیں۔

ان ڪچهريءَ دوران اسان جا ڪيترائي سوال، خدشا ۽ شڪ سندس جوابن، دليلن ۽ يقين جي نيري نديءَ جي پالوٽ ۾ پاڙان اُکڙيل ٻوٽن وانگر ڪک پن ٿيندا رهيا. پليجي صاحب کي ڪابہ پرواهہ نہ هئي تہ اسين سندس ڳالهين سان ڪيتريءَ حد تائين متفق آهيون. هو تہ مظهر جي سندس نانءُ ڪيل هنن سٽن جو مظهر بڻيل هو تہ:

لهي، لهي نہ لهي، جنهن جي خوشبوئن جو خمار،
جنهن کي پرواهہ بہ ناهي تہ ڪو ڏسي نہ ڏسي،
يا اهو ديس جنهن جا سڀ حواس هيٺا هن،
ناهي پرواهہ ويجهو اچي ڇُهي نہ ڇُهي.

ان پهرين ۽ ڊگهي ڪچهريءَ کان اڄ ڏينهن تائين مون جيئن پليجي صاحب کي ڏٺو ٻُڌو پڙهيو پرکيو ۽ سمجهيو آهي، ان جي آڌار تي منهنجي سوچيل، سمجهيل ۽ ايماندارانہ راءِ آهي تہ رسول بخش پليجو سنڌ جي صدين تي ڦهليل تاريخ جي هڪ اهڙي گهري چيخ جو نالو آهي، جنهن کي ورنائڻ ڪانسواءِ وطن سان وفا جي هر دعويٰ ۽ دليل اڌورو يا اڻپورو رهندو.

سنڌ جي بزرگ دانشور محمد ابراهيم جويي صاحب جي پليجي صاحب متعلق لکيل اها ڳالهہ مون کي وڏو سچ محسوس ٿيندي آهي تہ "هڪڙي وقت تائين لطيف جيڪو هڪ ئي سڳورو شخص اسان جو پورو ترجمان هو، تيئن اسان جي هن رهنما اديب ۽ نقاد ساٿي رسول بخش پليجي ۾ اها ذات ۽ ڏانءُ آهي، جو هو پنهنجي دؤر جو پورو ترجمان بڻجي سگهي ها. پر افسوس هن کي سياسي مصروفيتن اها فرصت نہ ڏني."

جويي صاحب جي لکيل ان ڳالهہ جا پڇاڙڪا اکر لڳ ڀڳ ساڳي معنيٰ سان سنڌ جي انيڪ ماڻهن جي هڪڙي روايتي راءِ بڻجي چڪا آهن. نہ رڳو ايترو پر اهڙي راءِ حڪمران ٽولن جي همنوا اديبن ۽ دانشورن لاءِ ڏاڍي فائديمند بہ ثابت ٿي آهي. سنڌ جي مختلف ادبي، ثقافتي ۽ تحقيقي ادارن جي اڪثر پروگرامن ۾ پليجي صاحب کي دعوت ڏئي نہ گهرائڻ جي پويان بظاهر اهو لاجڪ بيان ڪيو ويندو آهي تہ پليجو صاحب وڏو عالم، اديب، محقق، نقاد ۽ دانشور هجڻ سان گڏ هڪڙو سياستدان بہ آهي. يعني سياستدان هجڻ واري پليجي صاحب جي حيثيت سنڌ مخالف ماڻهن جي وڏي مشڪل آسان ڪري وڌي. اها غيرمنطقي روش جڏهن برداشت جون حدون ٽپي، تڏهن لطيف سائينءَ جي ملهائجندڙ هڪ ڏينهن جي موقعي تي هيئين ڳالهہ جامي چانڊئي جو اظهار بڻي تہ "اڄ اسان جو

موضوع شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي ۽ هن دؤر ۾ لطيف جو سڀ کان وڏو پارکو رسول بخش پليجو ان تقريب ۾ ان ڪري موجود ڪونهي جو کيس دعوت نہ ڏني وئي آهي ۽ دعوت رڳو ان ڪري نہ ڏني وئي آهي جو ميزبانن ۾ لطيف جي امر پيغام ٻُڌڻ جي سگھہ ناهي.“

رسول بخش پليجو غريب، محروم ۽ محڪوم سنڌين جي سياست ٿو ڪري، جيڪو اصل ۾ سندس هڪ وڏيڪ تحسين لائق ڪم ڳڻڻ بدران اڪثر اديبن ان کي هن جو ڏوهہ قرار ڏئي، کيس اڇوت بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ڳالهہ پليجي صاحب بدران تقريب ۾ موجود سنڌي ماڻهن لاءِ نقصانڪار آهي، جن کي صحيح ۽ سُرت ڀريون ڳالهيون ٻُڌڻ کان محروم رکيو ٿو وڃي. هونئن تہ سڏ کي ڪي هڏ نہ هوندا آهن، جن کي زماني جي ڪا لٺ توڙي سگھي پر انساني تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو اهو رهيو آهي جو سُقراط کان سرمد ۽ پيٿا گورس کان پليجي تائين ڪنهن جو بہ سرت ڀريو سڏ انساني سماعتن تائين پهچڻ نہ ڏنو ويو آهي. باوجود انهن ۽ اهڙين ٻين انيڪ حقيقتن کان باخبر هئڻ جي جنگشاهيءَ جي پٽريلن پونئن مان اهو ماڻهو نمودار ٿيو جنهن جي پويان نڪو جائدادون هيون، نڪو جاگيرون. هو ڪنهن سر يا خانبهادر جو نڪي پٽ هو نڪي پوٽو. هو نہ تہ ڪنهن درگاهہ جو گادي نشين هو ۽ نہ ئي ڪو پيڙهياتو پير ۽ روحاني پيشوا.

هو تہ رڳو تاريخ جي ڏکھي رت ولوڙ ڪانپوءِ مکڻ جي ڇاڻي جهڙو ڪو ماڻهو بڻجي آيو جنهن جو سواد ايندڙ صدين تائين سنڌ کي رخو ٿيڻ کان محفوظ رکندو. هتي آئون پليجي صاحب جي جدوجهد ۽ ان جي نتيجن جو مختصر تعارف ڪرائڻ ضروري ٿو سمجهان.

**(الف) پليجي صاحب جو نئون، نرالو ۽ ڇرڪائيندڙ سياسي سڏ:**

Gul Hayat Institute

سارين واري سرزمين جو سانورو اکوارڻ رت ۽ ٻاهہ جو تار درياهہ پار ڪري، پنهنجي قوم جي ڪشتي ان ڪناري لڳائي چڪو هو. جتي نذرالسلام جا گيت پولارن ۾ پکڙيل هئا، جتي ٽئگور جي خيالن جي خوشبو بنگالي ڀاشا جو ماحول معطر ڪري رهي هئي ۽ جتي ندين جي نيري پاڻيءَ تي سرخ سويرو طلوع ٿي چڪو هو. باقي بچيل ملڪ هر لحاظ کان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ صورتحال جو شڪار هو. بچيل ملڪ جي چئني صوبن ۾ نيون سياسي صفبنديون ٿي رهيون هيون، جن جي نتيجي ۾ ڪجهہ ئي سالن اندر سنڌ ۾ ٽي مکيہ سياسي ڌارائون ٿي بيٺيون. جن ۾ سڀ کان طاقتور سياسي ڌارا ذوالفقار علي ڀُٽي جي هئي، جنهن ۾ جمهوريت جي راڳڻيءَ تي بيتال رقص ڪندڙ خلق جو خيال هو تہ جيڪو ماڻهو جمهوريت پسند آهي، ان کي غيرمشروط طور ڀُٽي صاحب جي جمهوري صف ۾ شامل ٿيڻ گهرجي.

بي قابلِ ذڪر سياسي ڪيمپ جي.ايم.سيد جي هئي، جتي جديد قومپرستي پنهنجي پوري جاهہ ۾ جلال سان موجود هئي. جڏهن تہ ٽين وڏي سياسي ڌر اها ڪميونسٽ پارٽي هئي، جنهن جي دعويٰ هئي تہ جيڪو ماڻهو سندن پارٽيءَ ۾ موجود ناهي، اهو هر حوالي سان رجعت پسند آهي. بي معنيٰ ۾ هٺ وٺي هڪ اهڙو سياسي وايومنڊل جوڙيو ويو هو جنهن مطاق جمهوري، طبقاتي ۽ قومي سوال جو پاڙ ۾ جڙ تہ ڪو واسطو ۽ لاڳاپو ئي نہ هو۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو. هڪڙا تهيل تڪيل ٽپا موجود هئا، جن مان جيڪو جنهن بہ ٽپي جي چونڊ ڪري اهو ٽپو پنهنجي دل جي دامن تي هٽي ٽنهي مان ڪنهن هڪ ڪئمپ جي دروازي مان داخل ٿي وڃي. ڳالهہ جو صفا سادو مطلب تہ سياسي ميدان ۾ ٽِڙ ڇَنڊ جيتري بہ جاءِ نہ هئي. اهڙي ماحول ۾ جنهن ماڻهو جمهوري، طبقاتي ۽ قومي سوال جي ڳانڍاپي سان هڪ واضح ۽ ڇِٽي سياسي واٽ جو ڏس ڏيندي پنهنجي ”هٺڻ“ جو اعلان ڪيو، ان جو نالو رسول بخش پليجو آهي.

کھـــڙي ڪـــڪ ڇٽيـــو هـــي جـــاڻو
کھـــــڙي ڪـــــڃ نپـــــايو راڻـــــو
جـــــنهن بـــــولي بـــــول ابوليـــــا،
جـــــنهن جـــــا رســـــتا رت رتوليـــــا.
(جلال ڪوري)

پليجي صاحب جي اهڙي نئين نرالي ۽ غيرمتوقع سياسي واٽ تي ڪيتريون ئي رڪاوٽون وڌيون ويون، مخالف قوتن پنهنجا وڏا منصب ۽ معتبريون استعمال ڪيون ۽ قدآور شخصيتون سندس آڏو آيون پر هن جي اک ڪنهن تي بہ نہ ٻُڏي، ڇاڪاڻ تہ هن ڄاتو ٿي تہ:

بھرم کھل جائے ظالم تیری قامت کی درازی کا،
اگر اس طرۂ پُر پیچ کا، ہر پیچ و خم نکلے۔
(غالب)

۽ پوءِ دنيا ڏٺو تہ انهن بظاهر قدآور نظر ايندڙ ماڻهن جي وڏن پٽڪن جو جڏهن هر ور کُليو، تڏهن پليجي صاحب جي سياسي واٽ تي هلندڙ ماڻهن جو تعداد هزارن نہ بلڪ لکن ۾ هو. جنهن جي شاهدي ڏيندي شيخ اياز لکيو تہ ”پليجي جي بين الاقوامي سياست، حالتن ۽ نظرين جو مشاهدو ۽ مطالعو وسيع آهي. هوئن بہ هاٽي هو چوٽيءَ جي ليڊرن مان آهي. هن جي سڏ تي اندروني سنڌ مان سوا لک سنڌي ڪراچي آيا هئا، جن مان ڏهاڪو هزار تہ عورتون هيون.“ جنهن ماڻهو جي سياسي سفر جو باقاعدي آغاز سندس اڪيلي وِک سان ٿيو ۽ هر ماڻهو ڪي پڪ

Gul Hayat Institute

هئي تہ بي سر و ساماني جي حالت ۾ شروع ڪيل پليجي جو هيءُ سفر ڪنهن پاڳل پٽي جو سفر ثابت ٿيندو پر ان جي اُبتڙ ٿيو ايئن جو اياز کي هڪ ٻيءَ جاءِ تي لکڻو پيو تہ، ”پُٽي صاحب ڪانپوءِ پليجو پاڪستان جي گوناگون شخصيت آهي. هن جو دشمن بہ هن جي بي انتها ذهانت، تجربي جي انفراديت ۽ دور انديشيءَ کان انڪار نہ ڪري سگهندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن پنهنجي پيپل صوبي ۾ عوام جي نفسيات تي هن کي حيرت انگيز عبور آهي.“

پليجي صاحب جون اهڙيون فاتحانہ سياسي حڪمت عمليون، پيش قدميون ۽ ڪاميابيون رڳو سندس وڏي سياستدان هئڻ جو دليل ناهن بلڪہ سنڌ جي سياست ۾ هڪ اهڙي نواڻ جو باعث بہ بڻيون، جنهن جي آڌار تي اڄوڪي سنڌ پنهنجي سڀاڻي جي تعبير ڪري سگهي ٿي. شرط رڳو لطيف جي هن بيت کي پنهنجي پوري روحاني پاڪيزگيءَ سان سمجهڻ جو آهي تہ:

ويهہ مَ منڌ پنهور ۾، ڪرڪو واڪو وس،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پير پنهون جو پس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندئي هوت پنهون جو.

(ب) **پليجي صاحب جون ادبي پيش قدميون ۽ فتحون:**

سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي تاريخ اياز جي لفظن ۾، لطيف ڪانسواءِ ڪنهن مسافر جي اهڙي هڙ وانگر آهي، جنهن کي ڪولڻ ڪانپوءِ خبر پوندي تہ ان ۾ بہ اڳڙين ۽ ٽڳڙين ڪانسواءِ ڪجهہ ڪونهي.

اڳڙين ۽ ٽڳڙين جي هڙ جهڙي سنڌي ادب جي ان تاريخ ۾ خاص طور تي لطيف ڪانپوءِ جيڪو رنگ پرچو ڪيو ويو تہ رڳو ان ۾ ڪو خاص رنگ نہ هو بلڪہ اهي تحريرون خود لطيف جي رنگ کي بہ بي رنگ بڻائڻ جو باعث بڻيون.

ڪُتيس ڪويچن، ٿَن طبيب نہ گڏيا.

بي معنيٰ ۾ رجعت پسند ادبي سوچ جو راڄ ڪنهن مارشلا جيان سنڌ تي هڪ ڊگهي عرصي کان ڇانيل رهيو، جنهن جو نقصانڪار نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي شاعري ۽ ادب مان نہ رڳو سنڌ خارج ٿي وئي پر سنڌي ٻولي بہ فارسي زده شاعرن جي ڇپاڙي اُڇلايل سوپاريءَ وانگر ٿي وئي هئي. روحاني رازن، جنن ۽ پرين جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ٻُڏل سنڌي نثر ۽ فارسي غزلن جي تقليد ۾ گم شاعراڻي تڪبنديءَ کي پنهنجي اعليٰ ادبي منزل سمجهندڙ ماڻهن اُتي بيهي رهڻ بدران رجعت پسنديءَ جي اهڙي واٽ ورتي، جنهن 1940ع واري ڏهاڪي کان پوري منظم انداز ۾ سنڌي ادب، شاعريءَ ۽ صحافت کي پنهنجي مضبوط گرفت ۾ وٺي ڇڏيو. 1963ع ۾ ڇپيل اياز جو پهريون مجموعو ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ ان جديد عالمي ادب



Gul Hayat Institute

جو پهريون سنڌي نمونو هو. جنهن جو رنگ شيخ سعدي جي سرزمين کان هندستان جي ڪيترن ئي علائقن تائين پکڙجي چڪو هو. هندستان ۾ نه رڳو اردو ۽ هندي ادب ۾ زندگيءَ سان ڀرپور نثر ۽ نظم تخليق ٿي رهيو هو بلڪ "ترقي پسند مصنفين" جهڙو منظم فورم به موجود هو. جنهن کان متاثر ٿي سنڌي اديبن ان فورم جو حصو بڻجڻ ۽ سنڌي بدران اردو زبان ۾ لکڻ کي شايد ان ڪري به ترجيح ڏني جو ڪين سنڌي ٻوليءَ تي رجعت پسند ماڻهن جو تسلط محسوس ٿي ٿيو. اهو ئي ڪارڻ هو جو شروعاتي ڏينهن ۾ شيخ اياز به اردو لکڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهي. اياز جي اظهار مختلف سببن جي ڪري جڏهن سنڌ جي واٽ ورتي، تڏهن "ادب براءِ ادب" جي قائل رجعت پسند اديبن شديد ردعمل جو مظاهرو ڪندي، زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ اياز جي شايع ٿيل ٽن ڪتابن "ڀؤنر ڀري آڪاس"، "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" تي پابندي عائد ٿي. سٺ واري ڏهاڪي تائين جديد سنڌي ادب پنهنجو تخليقي ۽ تحريڪي سفر باقاعده شروع ڪري ڏنو. جنهن جي ردعمل ۾ رجعت پسند سنڌي ليکڪ به پنهنجو ترارون صفا مياڻ مان ڪڍي، ميدان ۾ آيا. سخت مقابلي واري ان ميدان ۾ جديد ادبي قافلي کي ڪنهن اهڙي سالار جي ضرورت هئي، جنهن کي عالمي ادب، انساني فڪري تاريخ، لطيف جي اصل پيغام، عالمي تنقيد جي اعليٰ معيار، تخليقي صلاحيتن، بيباڪي ۽ بهادريءَ جهڙن گُڻن جي زره چڙهيل هجي. جديد سنڌي ادب جي فڪري فتح لاءِ سنڌ جڏهن لطيف جي هنن سٽن سان ڪيس سڏيو:

اڄ پــــڻ گهـــــرجين تــــــون، بــــــداماڻي پنـــــرا،
مٿـــــي مٿـــــان مـــــون، ويـــــرين واٺـــــون لائيـــــون.

تڏهن رسول بخش پليجو ڇاتيءَ تي هٿ هڻي اڳيان وڌي آيو. اونداهه جي رکوال ڇپرن جي اکين ۾ مرچ پريندڙ پليجي صاحب جون تنقيدي تحريرون "انڌا اونڌا ويچ" جي صورت ۾ جڏهن پڌريون ٿيون، تڏهن رجعت پسند ادبي خيالن جهڙو آخري ساهه کڻي لاڏاڻو ڪيو پر ڳالهه اتي به ختم نه ٿي بلڪ ستر واري ڏهاڪي جديد سنڌي ادبي سوچ ۾ هڪ اهڙي فڪري ڦيٽاڙي جنم ورتو جنهن جي ڪري جديد سنڌي ادب کي جڙ نه سائي ٿي وئي. داخليت پسندي هن جو پٽڪو بڻجي ناول، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جو روپ ونڻ لڳي. شيخ اياز جو ان وقت ڇپيل ڪتاب "لڙيو سج لڪن ۾" آشا ۽ نراشا جون خبرون ڪندڙ اديبن لاءِ هڪ دليل بڻجي پيو. جنرل ايوب خان جي مارشلا وقت جنهن ترقي پسند ادب وڏيون مڙساڻيون چوٽون کاڌيون اهو ئي ادب جنرل ضياءَ جي مارشلا وقت مايوسي ڦهلائڻ

Gul Hayat Institute

جو هڪ وڏو وسيلو بڻجي پيو. اهو ئي زمانو هو جڏهن رسول بخش پليجو سنڌ دوستيءَ جو ملهه چڪائيندي، ڪوٽ لکپت جو اذيتناڪ قيد ڪاٽي رهيو هو. پر تضادن جي سائنس جي وڏي ڄاڻو جي حيثيت ۾ هن مايوس ٿيڻ بدران سنڌي ادب ۾ اُڀري آيل نئين تضاد کي پروڙي ورتو. ياڄوڪڙائپ ۽ ياڙيائپ جي ٻوڏ بڻجي آيل لاڙن اڳيان هن مانجهي مرد ديوارِ چين ڪڙي ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ جيل ۾ ئي ادبي تنقيد جو شاهڪار ڪتاب ”سنڌي ذات هنجن“ لکيو.

منهنجي هن راءِ تي وڏاءُ جي تهمت لڳي تہ پلي، منهنجو ايمانداراڻو خيال آهي تہ اڄوڪي سنڌ جو زندگيءَ سان ڀرپور ادب پليجي صاحب جي انهن فتح ڪيل ادبي مورچن ۾ پلجي وڏو ٿيو آهي، جن تي اڄا تائين سندس چوڪي جاري آهي.

**(ت) تاريخ جي ڪاياپلٽ ۾ پليجي صاحب جو ڪردار:**

صدين کان وٺي سنڌ جي تاريخ جو اُٺ ”چچنامي کان تاريخ مظهر شاهجاني“ تائين هڪ اهڙي گهاٽي ۾ ڦيرا ڏيندو رهيو جتي انصاف جي اکين تي اکيا چڙهيل هئا. يوسف ميرڪ جڏهن جنگ ۾ مارجي ويندڙ ڌارئين لشڪر کي شهيد ۽ سميجن کي جهنم رسيد لکيو هو تہ اها ڳالهہ لوهہ تي ليڪ هئي ۽ چچنامي ۾ محمد بن قاسم جيڪڏهن غازي ۽ راجا ڏاهر باطل ڄاڻايل هو تہ اهو ناقابلِ تبديل سچ سمجهڻ، تاريخ سان دلچسپي رکندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ حرف آخر هو. سنڌ جي تاريخ اهڙي واٽ تي پنجاهہ سؤ نہ بلڪ پورا چوڏهن سؤ سال سفر ڪندي رهي آهي، جنهن دوران ڪيترائي ڪتاب ڇپيا ۽ ڪيترين ئي پيڙهين پڙهيا. هڪڙي ڊگهي عرصي کان تاريخ جو اهو نمايان رخ ايترو نمايان ٿي بيٺو جو اها عام چوٽي مُنڍيءَ تي ٽِڪ جيان فِٽ اچي بيٺي آهي تہ ڪوڙ کي ايترو ورجايو جو اهو سچ محسوس ٿيڻ لڳي.

سنڌ جي تاريخ جو اهو رُخ جيتوڻيڪ لڳاتار لکجندڙ ڪوڙ جو نتيجو هو پر اهڙو رُخ موڙڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. تاريخ جا رُخ هميشہ جينيس موڙيندا آهن ۽ سنڌ سڄيءَ تاريخ ۾ جينيس هڪڙي هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ کان بہ ٿورا پيدا ڪيا آهن.

گهايل ڌرتيءَ جي سيني مان ڦُٽي نڪتل ڪنهن گهايل چيخ جهڙي هن جينيس تاريخ جو رُخ آڱر جي هڪ اشاري سان ڪيئن موڙيو؟ ان سوال جي تفصيلن جا تاڪيا اُکيلڻ بدران هتي رڳو ماهوار ”نئون نياپو“ جي اڳوڻي ايڊيٽر مسعود نورانيءَ پاران پليجي صاحب متعلق لکيل مضمون مان اهو اقتباس ٿو پيش ڪجي، جيڪو فيبروري 1987ع جي ماهوار ”نئون نياپو“ ۾ شايع ٿيل آهي.



Gul Hayat Institute

”پليجي صاحب پنهنجي تقرير نهايت ئي ٿڌي ۽ ڌيمي لهجي ۾ شروع ڪئي، پوءِ آهستي آهستي هيءُ سڄي پنڊال کي پنهنجن دليلن جي گرفت ۾ سوگهو ڪندو ويو. هن جڏهن دولهه درياهه خان، مخدوم بلاول، صوفي شاهه عنايت، هوشو ۽ هيمون جا تاريخي پس منظر ۾ ڪارناما بيان ڪيا، تہ ماڻهن خوب تاڙيون وڄائي ڪيس زبردست داد ڏنو پر هيءُ ڇا!! اوچتو ئي اوچتو هن اهو چئي سڀني جا واڇڻ وڄائي ڇڏيا تہ محمد بن قاسم سنڌ جو غاصب ۽ راجا ڏاهر مظلوم ۽ سنڌي قوم جو هيرو آهي. اها ڳالهہ ٻڌندي ئي ڄڻ تہ ترٿلو مچي ويو. ڪن پاسن کان آواز آيا غدار، ڪڙيوس، ماريوس، ڪافر بڪواس ٿو ڪري، هيٺ لاهيوس، اسلام جي خلاف ٿو ڳالهائي، پاڪستان دشمن آهي. آئون خود سندس ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويو هئس. هاڻ مون کي اهو ياد نٿو اچي تہ مون اسٽيج تي اچي حاضرين کي معزز مقرر کي ٻڌڻ جي تلقين ڪئي هئي يا خود پليجي صاحب اهو چئي اعتراض ڪندڙن کي سندس تقرير ٻڌندڙن کي مجبور ڪري ڇڏيو هو تہ آئون تاريخي حوالن سان پنهنجي مؤقف کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريندس. پوءِ بہ ڪنهن کي اعتراض آهي تہ اهو مائيڪ تي اچي، منهنجي ان دعويٰ کي غلط ثابت ڪري سگهي ٿو. جڏهن پنڊال ۾ وري ماٺ ٿي وئي تہ پليجي صاحب پنهنجي متئين مؤقف جي حق ۾ خود اسلامي محققن جا اهڙا تہ مستند حوالا ڏنا جو سڀني جا طاق وڃي ويا. جڏهن هو محمد بن قاسم کي غاصب ۽ راجا ڏاهر کي مظلوم هيرو ثابت ڪري، پنهنجي تقرير جي اختتام تي هيٺ لٿو تڏهن سندس مخالفت ڪندڙن مان ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿي جو ڪيس جواب ڏيڻ ۽ غلط ثابت ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي اچي. اڌ منٽ ڪن لاءِ پنڊال ۾ سڀني کي ڄڻ تہ نانگ سونگهي ويو هو پر پوءِ جڏهن تاڙين جي گونجار کان سواءِ ماحول جا ٻيا سڀ آواز معدوم ٿيڻ لڳا. پنهنجي تقرير سان پليجو صاحب ماڻهن جا ذهن ۽ سوچون ۽ فڪر بدلائي چڪو هو“ ۽ 1966ع ڌاري هڪ سنڌي شام جي جلسي ۾ ڪيل پليجي صاحب جي اها ڳالهہ ڪا هوائي توائي دعويٰ نہ هئي پر هڪ اهڙي عالمانہ خبر بہ هئي، جنهن سنڌ جي تاريخ جو رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو پليجي صاحب جي اها ڳالهہ چاليهن سالن کان پوءِ اڄ متفقہ طور تي سنڌ جي دل جي ڳالهہ آهي ۽ سنڌ جو هاڻوڪو نسل تايخي طرح ڪن بہ ٻن راين ۾ ورهايل ناهي. صدين کان قائم رهندڙ هڪڙي تاريخي رخ کي هڪڙي ڌڪ سان موڙي ڇڏڻ پليجي صاحب جو اهڙو تاريخ ساز ڪارنامو آهي، جنهن کي سنڌ صدين تائين لطيف جي هن سِٽ سان جهونگاريندي رهندي تہ:

ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳات ڪٽي.

**(ث) سنڌ جي نئين سفر جي شروعات ۽ فڪرِ پليجو:**

Gul Hayat Institute

سموري انساني تاريخ جي سمورن جينيس ماڻهن مان ڪنهن بہ مفڪر جو ڪوبہ فڪر صفا نئون ۽ آسمان مان ڪِريل هوندو ناهي بلڪ اهو انساني ماضيءَ جي مختلف خيالن ۽ نظرين کان متاثر ٿي پنهنجي دؤر جي زميني حقيقتن ۽ سماجي حالتن پٽاندر ڪنهن اهڙي خيال ۽ نظريي جي منظم ۽ مربوط صورت واضح ڪندو آهي، جيڪا ان ماڻهوءَ جو نظريو چورائيندي آهي.

انساني فڪري تاريخ جي پاتال ۾ پيهي پليجي صاحب جيڪي ماڻڪ ميڙيا، انهن مان هن جيڪو هار پوئي سنڌ جي ڳچيءَ ۾ پاتو ان جي سدا جرڪندڙ جڙاءَ کي "فڪرِ پليجو" چئي سگهجي ٿو. رسول بخش پليجي جي نئين ۽ نرالي سياسي سنڌ، ادبي خيالن ۽ پيش قدمين ۽ تاريخي ڪاياپلٽ کي ڪمپوز ڪرڻ ڪانسواءِ "فڪرِ پليجو" کي سمجهڻ ۾ وڏي دشواري درپيش رهندي.

تيســين ايــاز ڪــي پــورو پســي نـــ ســگهندين،
جيســين ڪُلــي نـــ جــاني ڪــو جــيءَ ۾ جهروڪــو.

ڪارل مارڪس ۽ لينن کان فڪرِ مائو تائين انساني تاريخ جي تمام اڳتي وڌيل نظرين کي ڏکڻ ايشيا جي هن خِطي جي معروضي حالتن پٽاندر پيش ڪرڻ ۽ ان جي آڌار تي پورهيت ۽ هاري ماڻهن جي هڪ مضبوط سياسي پارٽي منظم ۽ متحرڪ ڪرڻ جيڪڏهن آسان هجي ها تہ روس ۽ چين نواز ڪميونسٽ تنظيمون بہ هينئر عوامي تحريڪ هجن ها، پر سنڌ جي "عوامي تحريڪ" واري جٽادار حيثيت ثابت ٿي ڪري تہ ان جي پويان هڪ اهڙو فڪر آهي، جنهن دنيا جي سيني اڳتي وڌيل نظرين ۾ ان سنڌ جي آميزش ڪئي آهي، جنهن جو مثال هن کان اڳ فقط هڪڙو ئي ملي ٿو جيڪو آهي "فڪرِ لطيف". سڄيءَ سنڌ جي اندر جو آواز بڻجي ويل "فڪرِ لطيف" تصوف جي عالمي ڏارا کان فقط هڪڙي ڳالهہ ۾ ڌار آهي تہ اهو تمثيلي طرح رڳو سنڌ جي سرزمين مان ڦُٽي ٿو نڪري. تصوف جا راز ۽ رمزون سمجهائڻ لاءِ دنيا جي سيني صوفين لڳ ڀڳ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو آهي، پر فڪرِ لطيف جي نرالائپ اها آهي جو هن "ڪبر ڪِبريا، تخت تماچي جام جو" کان "جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سئاءَ ساٿ جي" تائين سوين اهڙين سِٽن ۾ ديسي هيرن کي مثال بڻائي تصوف جي ڳالهہ ڪئي آهي. ان ڳالهہ جو ئي ڪمال آهي جو "فڪرِ لطيف" عام سنڌي ماڻهوءَ وٽ بہ ايترو ئي مقبول آهي، جيترو ڪنهن شاعر، اديب ۽ دانشور وٽ آهي.

ساڳيءَ ريت فڪر پليجو ۾ بہ اهڙو عنصر نمايان آهي. هو مارڪس، لينن، مائو ۽ هوچيءَ تي لکڻ وقت بہ ٻوليءَ، مثال ۽ لوڪ ڏاهپ کي ايئن ٿو استعمال ڪري، جيئن چيڪي مٽيءَ مان نهيل ٿانوَن تي ڪو ڪنيار چِٽ چِٽيندو آهي. اهو فڪرِ



Gul Hayat Institute

پليجو سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي دلين جي دنبوري جون تارون ڪڏهن ڇيڙيندو؟ ان سوال کي ڳنڍي ٻڌي بيٺل ماڻهو اهو سوال ڪندي به ٻُڌا ويا آهن ته سنڌ ۾ انقلاب ڪهڙو آيو آهي، جنهن جو قائد رسول بخش پليجي کي چيو ٿو وڃي؟

آئون سمجهان ٿو ته اهڙا سوال ته ڦيڻ پسي ڦريل ماڻهن جا سوال آهن. نه ته اهڙن ماڻهن جو 1917ع واري پورهيت انقلاب کان پهرين واري لينن لاءِ ڪهڙو خيال آهي؟ ڇا پورهيت انقلاب اچڻ کان پهرين لينن قائدِ انقلاب نه هو؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ اها ڳالهه سورنهن آنا سچي آهي ته رڳو انقلاب جو قائد نه ٿيندو آهي، بلڪ انقلاب جڏهن واٽ ۾ هوندا آهن تڏهن به انهن جي قيادت ڪندڙن کي قائدِ انقلاب چئبو آهي ۽ انقلابي فڪر ضروري ناهي ته رات وچ ۾ عوامي اتفاقِ راءِ جو قلعو فتح ڪري وٺن پر پائيدار فڪري فتحون حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جي ڪابه حد مقرر ڪري نه ٿي سگهجي. ان ۽ اهڙين ٻين هزارين حقيقت جي پيش نظر فڪرِ پليجو تي ويچار ونڊڻ جي ضرورت آهي.

**ماهوار (”ڪاپڙي“ جنوري 2006ع)**

Gul Hayat Institute

**مظهر لغاري**

# آجيان

رسول بخش پليجو سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار، شاعر، سٺي کان سُٺو نقاد ۽ سياستدان آهي.

سنڌ ۾ عام طور تي سڀ کان سُٺو نثر شيخ صاحب جو سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کي پڙهي جام پڙهندڙ ايئن حيران ٿيو وڃي، جيئن ڪنهن دؤر ۾ موت جي کوهه ۾ ڪنهن کي موٽر سائيڪل هلائيندي ڏسي ماڻهو حيران ٿيندا هئا، پر رسول بخش پليجي جو نثر وڏيڪ فطري ۽ بي ساخته ان ڪري آهي جو پاڻ لکڻ جي اهڙي مجمع باز اسٽائيل جي پاڇي کان پري آهي ۽ بيواهو ته هوان لاءِ ته آيوئي ڪونهي ته ڪا اٽڪل سٽڪل ڪري ماڻهن کي حيران ڪجي. توڙي جو سندس لکڻيءَ جو شفاف سرچشمو ۽ ٻوليءَ آبشار اهڙيون ته خوبصورت شيون آهن جن جي سنڌي ادب جي هن رڻ ۾ موجودگيءَ تي ڏنڊين آڱريون اچيو وڃن. اهڙيءَ ريت اسان سنڌي ماڻهن وٽ پليجو صاحب اهو اڪيلو صاف شفاف آئينو آهي، جنهن ۾ سنڌ جو چهرو نظر اچي ٿو.

سنڌي ادبي سنگت ميرپورخاص انهيءَ لحاظ کان سڀنيءَ کان خوشنصيب ترين ادارو آهي، جو دنيا جي اديبن جو اديب رسول بخش پليجو صاحب ٻئي ڀيري وٽس مهمان ٿي آيو آهي. اهو اعزاز اسان کي ڪو اتفاقي لاٽريءَ وانگر ڪونه مليو آهي، پر هتان جي اديبن جو نور نچوئي راتيون جاڳي، سچائيءَ سان پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ لکڻ ان جي پويان آهي. جيتوڻيڪ اسان کي اتفاقي خوشنصيبي ته ڪانه نصيب ٿي آهي، پر سنڌي قوم کي ته بهرحال آهي، ڇو ته ايتري ننڍي ۽ اهڙي غيراهم قوم کي ايترو وڏو ۽ ايترو اهم تخليق ڪار رسول بخش پليجو ملي وڃي، زماني ۾ ايئن ڪونه ٿو ٿئي. اهو گماني طرح ته نه پر امڪاني طرح ايئن ٿي سگهي ٿو. اڳئين ڀيري اسان ساڻس ادب کي گهٽ وقت ڏيڻ جي شڪايت ڪئي هئي، جا



Gul Hayat Institute

اجان بہ آهي ۽ هن پيري اسان کيس اها بہ درخواست ڪريون ٿا تہ. ارسطوءَ وانگي سنڌي ادب لاءِ خاص طرح ۽ دنيا جي ادب لاءِ عام طرح ڪا نئين پوئيٽڪس جوڙي. جيتوڻيڪ انهيءَ جا ڪجهہ چيپٽر هو لاشعوري طرح ”سَندي ذات هنجن“ ۾ بين جاين تي لکي بہ چڪو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو هتان جي ادبي سنگت. جنهن کي بدقسمتيءَ سان سنڌي ادب جي رڪارڊ مان پليجي صاحب جي شخصيت سان ٺهڪي ايندڙ ڪو هڪ بہ موزون سنڌي شعر ڪونہ ٿو ملي; سا زمين تي بيهي قديم شاعر (Ovid) جي لفظن ۾ چوي ٿي:

“O my soul! Do not aspire the immortal life
But exhaust the limits of possible.”

سنڌي سياست جي ننيڊڙي ميدان جو سنڌي ادب تي اهو وڏ آهي، تہ پليجي صاحب جي وڏي شخصيت ان ۾ سمائجي نہ سگهي آهي ۽ نتيجتن ان جي شخصيت جا ٻيا حَسين روپ سنڌي ادب. تنقيد. فڪر ۽ فلسفي ۾ سچن موتين وانگر ٻر ٻر ڪيو ٻرن ٿا ۽ گڏوگڏ هن نامهربان وقت ۾ هو گس تي بيٺل هيڪلي وڻ جي ڇانءِ اسان کي آڇي ٿو.

**(ميرپورخاص ۾ آجياڻي تقرير)**

Gul Hayat Institute

نصير ميمڻ

# سياسي ادب جو شاندار ليکڪ

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ٽن اهم شخصيتن جي ذڪر کانسواءِ اها اڻپوري رهندي، انهن شخصيتن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، سائين جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجو شامل آهن. اڄوڪي سنڌ جي سياسي جوڙجڪ ۾ انهن ٽنهي شخصيتن جو تمام وڏو ڪردار آهي. انهن ٽنهي شخصيتن کي هڪ ٻئي سان ڀيٽڻ ان ڪري ضروري ناهي جو انهن پنهنجي پنهنجي سياسي اپروچ سان ڪم ڪيو آهي. ٽنهي چاهيندڙن توڙي ساڻن اختلاف رکندڙن جو هڪ وڏو انگ اڄوڪي سنڌ جي سياسي اڏاوت ۾ سندن ڪردار جو متعرف آهي.

جناب رسول بخش پليجو صاحب سنڌ اندر ترقي پسند قومپرست سياست جو هڪ اهم ٿنڀ آهي. هن سنڌ جي اندر پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس کي قومپرست سياست جي مکيه ڌارا ۾ آندو جيڪو ڪم هن کان اڳ ٻئي ڪنهن اڳواڻ سنڌ ۾ نه ڪيو هو. سنڌ ۾ قومپرست سياست جي حوالي سان جينوٽيڪ سائين جي ايم سيد جو علمي ۽ فڪري ڪم اعليٰ درجي جو آهي پر عملي سياست ۾ سندس جوڙيل تنظيم گهڻي ڀاڱي شاگردن ۽ نوجوانن تائين محدود رهجي ويئي ۽ مکيه عوامي ڌارا کي ساڻ ڪٽي نه هلائي سگهي. تنهن هوندي به سنڌ اندر قومپرست سوچ کي عام ڪرڻ ۾ سندس ڪردار تاريخ جو اهم باب آهي. رسول بخش پليجو ان جي ابتڙ قومپرست سياست کي وسيع نظريي ۽ جديد جاڻ سان سلهاڙي عوامي مکيه ڌارا جو حصو بڻايو. اها الڳ ڳالهه آهي ته سندس سياسي تربيت وسيلي جوڙيل مضبوط تنظيم وقت سان گڏ پنهنجون صفون ساڳي توازن سان برقرار نه رکي سگهي ان جي ڪارڻن کي الڳ تفصيلي بحث ڪري سگهجي ٿو پر ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سنڌ ۾ روشن خيال قومپرست شعور کي معياري تنظيمي ڍانچو فراهم ڪرڻ وارو ڪم

Gul Hayat Institute

پليجي صاحب سرانجام ڏنو. عوامي تحريڪ هڪ عرصي تائين سنڌ جي قومپرست سياست اندر تنظيم سازي تربيت ۽ ڊسيپلين جو هڪ نمايان مثال رهي آهي.

رسول بخش پليجي صاحب جو هڪ اهم ڪم قومپرست سياسي جدوجهد کي علمي، ادبي ۽ فڪري مکيہ ڌارا سان ڳنڍڻ آهي. سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اندر قومپرست فڪر کي علمي ۽ سائنسي بنياد فراهم ڪرڻ ۾ سندس ڪردار منفرد رهيو آهي. سنڌ اندر جديد قومپرست فڪر تي ٿيندڙ قلمي حملن خلاف پليجي صاحب جيڪو ڪم پنهنجي لکڻين وسيلي ڪيو ۽ جهڙي ريت سنڌ جي روشن خيال ادبي ۽ فڪري تحريڪ کي سياسي مکيہ ڌارا سان سلهاڙيو ان سنڌ اندر قومپرست سوچ کي هوائي نڪائن ۽ لباڙن مان ڪڍي دليلن ۽ ڄاڻ جا مضبوط بنياد فراهم ڪيا. مولانا گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، استاد بخاري، رشيد ڀٽي، محمد ابراهيم جويو ۽ ٻين ڪيترن مهان هستين جي وطن دوست قلمي پورهيي کي سنڌ جي قومي حقن واري تحريڪ سان ڳنڍڻ ۾ پليجي صاحب بنيادي نوعيت جو ڪم ڪيو آهي، سندس لکڻيون سنڌ جي سياسي ادب جي تاريخ جو شاندار باب آهن.

رسول بخش پليجي صاحب جو هڪ ٻيو اهم ڪارنامو سنڌي عورتن کي سنڌياڻي تحريڪ جي پليٽ فارم تان منظم ڪرڻ آهي. پاڪستان ۾ عورتن جو ايڏو منظم سياسي فورم ٻيو شايد ئي ڪو رهيو هجي. سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي پٺتي پيل هيٺين ۽ وچولي طبقي جي عورتن کي سياسي مکيہ ڌارا ۾ آڻڻ انتهائي اوکو ۽ مستقل مزاج جدوجهد جو گهرجائو ڪم آهي. سنڌياڻي تحريڪ، خاص طور تي پنهنجي اوائلي دور ۾ جنهن طرح سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عورتن کي سنڌ جي قومي حقن جي تحريڪ ۾ سلهاڙيو منظم ۽ متحرڪ ڪيو اهو جاگيرداراڻي قدرن واري اونداهي سماج اندر هڪ وڏو انقلابي ڪم هئو. جيتوڻيڪ سنڌ جي بدلجندڙ سياسي وايو منڊل ۾ عوامي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ سجاڳ ٻار تحريڪ جيان سنڌياڻي تحريڪ بہ ٻين قومپرستن ۽ ڪاٻي ڌر جي تحريڪن جيان ڪنهن قدر ڪمزور ٿي آهي پر اهو سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ منفرد باب آهي، جنهن کي واڪاڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. پنهنجي ڄمار جي طبي پيرسنيءَ واري دور ۾ بہ رسول بخش پليجو ذهني طور اڳ جيان اڏول ۽ ارڏو آهي. سنڌ جي قومي حقن جي حوالي سان سندس لهجي ۽ آواز ۾ اڄ بہ ون يونٽ مخالف تحريڪ جهڙو جولان آهي. علمي ۽ فڪري حوالي سان سندس نياءُ اڳي کان اڳرو آهي. سندس سياسي ائپروچ سان ڪجهہ اختلاف رکڻ جي باوجود بہ سنڌ لاءِ سندس شاندار ڪردار لاءِ دل ۾ بيحد احترام آهي.

سندس جنم ڏڻ تي لکين واڌاين سان سندس چڱ ڀلائي ۽ سنڌ جي ڀلي لاءِ سندس جدوجهد تي تسلسل لاءِ دعاگو آهيان.



Gul Hayat Institute

**عبدالله ملاح**

# سچائيءَ ۽ سونهن جو جرڪندڙ چنڊ

يروشلم جي زمين جڏهن فلسطين جي ماڻهن لاءِ تنگ ٿي ته عيسيٰ، ياسر، ليليٰ جنم ورتو. ايران مٿان ڀيانڪ ظلم جا ڪارا بادل ڀرجي آيا ته قرت العين طاهره، مردق ـ اشرف دهقاني جنم ورتو. جڏهن آفريڪا جي ماڻهن جون محبوب پسندڙ اکيون گورن ڪڍي ڪُتن اڳيان فقيراڻا ٽڪر ڪري اُڇلايون ته ڊاڪٽر نيتو ڪئبرال، پبلو نرودا، نيلسن منڊيلا، ذلت جي ڪُڪ مان مينهن ڪانپوءِ ڦٽن تي گُلن جيئن پيدا ٿي، آفريڪا ڪنڊ جا ڇٽ ڦٽن سان هٽي ڇڏيا. چين ۾ جڏهن عظيم چيني قوم جي ڦٽن کي جاپانين ۽ چيني غدارن، گڏجي، روڪيڙن ۾ ٻڏي بار ڪٽايان ۽ ڀُنا ڪوڙن سان ڇليا ته چين جي ڌرتي ڦاٽي، جنهن مان جبل جيئن اُڇو ڪر ڪڍي، چين جي تاريخ جا جگر مائو چواين لاءِ ليوخولان پيدا ٿيا.

ڪيوبا ۾ رائول ڪاسترو جي بي ڪفن لاش کي آمريڪي سي آءِ اي جي ريس ڪورس جي گهوڙن، برف تي گهليو ته فيڊل ڪاستري جنم ورتو.

روس ۾ خالي ٽڪن مان ڊبل روٽين جا سُڪل ٽڪر ميڙيندڙ ٻارن کي گوليون هنيون ويون ته لينن ۽ اسٽالين ڏينهن ٽتي ۾ رشيا جي ماڻهن مٿان، ڇانورا ٻڻجي بيهي رهيا.

18هين صدي جڏهن عظيم بهادرن ۽ ڏاهن جي تقاضا ڪئي ته تاريخ پنهنجي سدا سائي ڪُک مان، ڪارل مارڪس ۽ اينجلس کي جنم ڏنو.

نيڪ اهڙيءَ ريت — جڏهن سنڌ ۽ سنڌ جا پُٽ — ماروئي جي مِٽين ۽ سسئيءَ جي سيڻن لاءِ تنگ ٿي پيا ته پوءِ سنڌ به عظيم ڏاهن ۽ بهادرن جي تقاضا ڪئي، ۽ تاريخ حيدر بخش، اياز، مسڪين جهان خان، فاضل راهو ۽ جناب رسول بخش پليجي کي پيدا ڪيو.

جناب رسول بخش پليجو هڪ ڏکهي زماني جي ويڙهه تاريخ جي بي انت بي ڪنارا سمنڊ جي طاقتور وِير جي پرهه ڪان به ملوڪ تخليق آهي.

Gul Hayat Institute

جناب رسول بخش پليجو انهن مهان ۽ جيءَ جيارن ماڻهن جي قطار ۾ انسانيت، سچائيءَ ۽ سونهن جو جرڪندڙ چنڊ آهي، جيڪي تاريخ جي سيني جي ڌڙڪن آهن.

تاريخ آهن تاريخ جا پير آهن.

لکين ڪروڙين انسانن جي زبان آهن.

جن کي زنجيرون ۽ زندان به منزل کان منهن نه موڙائي سگهيا، جن کي امڪاني موت جو خوف مقصد جي پرين کان پنيرو نه ڪري سگهيو.

جن زبانن تي تالن ڪانپوءِ زنجير جي هڪ ڪڙي کي زبان بڻائي ڇڏيو.

سندن هٿن پيرن جي زنجيرن جي جهنڪارن موت جهڙي ماٺ جا سينا چيري رات جي آخري پهرن ۾ آمرن کي للڪاريو ٿي، جن جا جڏهن قلم ڀڳا ويا ۽ تنبورن جون تارون ٽوڙيون ويون، گهوٽن جي هٿن مان مهارون کسيون ويون ته پنهنجون آڱريون خون جگر مان ٻوڙي وِڪ وِڪ تي لکيو.

سچ زنده باد—

جيڪي اُچين، اُچين اجگر ديوارن دوارين عدالتن جي لوهي ڪٽهڙن ۾ جرم عشق جي مجرمن جئن گجيا ٿي ۽ دشمنن جي دلين تي وِڄ بڻجي ڪڙڪيا ٿي.

ٿانڊن تي ٿليا پانڌي تنهنجي پريت جا،
وچڙيا هر ڪهين وِڄ سان ڪِنوڙين تي ڪِليا،
توسان نيٺ مليا، سٿون ڏئي ساهه جون.

(اياز)

اسان جي سنڌ ۾ تاريخ ۽ سماجي زندگيءَ جي هڪ خاص ۽ گهربل موڙ تي دشت ڪربلا جهڙي رات ۾ سنڌ ۽ انقلاب جي پهرين اذان ڏيندڙ ۽ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي، رڪ جهڙي ڊسيپلين واري انقلابي پارٽي ڏيندڙ رسول بخش پليجو 21 جنوري 1930ع ۾ ٺٽي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ۽ گمنام ڳوٺ منگر خان ۾ علي محمد پليجي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ڪنهن جي وهم گمان ۾ به اها ڳالهه نه هئي ته ڪو هيءُ اڄ جو معمولي ٻار، وڏو ٿي، دنيا جا ڇٽ پٽن سان هٽندو. ڪو لطيف جو ڪاهوڙي ٿيندو، ڪو مان، چراغ جلتا رها، دارون رسن ڪي آزمائش جو سگهارو ڪردار بڻجي، ڪارونجهر جئن ڪر ڪڍي تاريخ جي اُفق تي اُڀرندو. سندس پيدائش عام رواجي حالتن ۾ ٿي. دائيءَ مبارڪون ڏنيون. ٻه چار روپيا مليا. ڇَٺيءَ جي رات، پاڙي جي نياڻين ڳُڙ ۾ منو پت ڪاڙو، ٻه چار گيت ڇپيا. ٻه ڏينهن خير مبارڪون ٿيون قصو ختم. بس اڄ جي عظيم ترين ڏاهي، دانشور ۽ هاڪاري سنڌ جي قومي اڳواڻ جي پيدائش تي ايئن عام رواجي نموني خوشي ڪئي وئي.

Gul Hayat Institute

چئن سالن جي ڄمار ڪانپوءِ پليجي صاحب جي ڏاڏي ڪيس مُلان مڪتب ۾ قرآن پڙهائڻ لاءِ ويهاريو. پليجي صاحب جي ڏاڏي جي مرضي هئي ته پليجي صاحب کي ديني تعليم ڏياري شريعت جو صاحب ڪجي. قرآن جو ياد حافظ بنائجي.

قرآن شريف پورو ڪرڻ ڪانپوءِ پليجو صاحب سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جُنگشاهيءَ ۾ اچي اسڪول ۾ ويٺو. پر اسڪول ۾ سنڌي تعليم سان يتيم ٻار وارو سلوڪ هو. هڪ ته سنڌي تعليم جي همت افزائي نٿي ڪئي وئي، ٻيو ته استاد نه هئا. سڄي اسڪول ۾ هڪڙو استاد هوندو هو.

پليجي صاحب کي پڙهڻ سان ڏاڍي چاهت هئي. انهيءَ ڪري جُنگشاهيءَ جا وڻ چڙهي پليجو صاحب نٿي ڪان اچي نڪتو.

نٿي ۾ پليجي صاحب جا ڪي ٻه مائٽ نه هئا ۽ نه وري ايترا پئسا هئا جو ڪٿي جاءِ مسواڙتي وٺي پڙهي. انهيءَ صورتحال کي ذهن ۾ رکي پليجو صاحب عابداڻين جي گهر اچي رهيو جن سان پليجي صاحب جي مائٽن جا چڱا خاصا واسطا هئا.

پليجو صاحب پڙهڻ ڪانپوءِ انهن عابداڻين جون ٻڪريون چاريندو هو. گهڻو ڪري ٻڪريون وٺي وڃي مڪليءَ جي ٽڪر تي، شام تائين چاريندو هو. ٻڪريون چاري وري واپس ڪاهي ايندو هو ۽ وٿاڻ ۾ پوريندو هو. مال جو ڪير کڻي دڪان تي پهچائيندو هو. ٻوڙ ٻاڙي، سيڌو سامان وٺي گهر کڻي ايندو هو.

رات جو گهر پڙهندو هو. صبح جو مڪتب ۾ پڙهندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ پڙهندو هو جنهن حالت ۾ تمام گهٽ ماڻهو پڙهي سگهيا آهن. ڪنهن جي لاءِ ٻه ٻار نه ٻڌيو. هن ڪڏهن به ڪابه گهُر نه ڪئي. نه سُني مانيءَ جي، نه شفقت جي. مايون پنهنجن ٻارڙن کي ڏوتل ڪپڙا پارائينديون هيون، مٿي ۾ تيل، اکين ۾ سرمو وجهنديون هيون. پليجو صاحب ويٺو ڏسندو هو. هن ڪڏهن به نون ڪپڙن جي تقاضا نه ڪئي.

پليجو صاحب پنهنجي ماءُ کان ڏهه روپيا وٺي دنيا سان مقابلو ڪرڻ لاءِ 1937ع ۾ سنڌ مدرسته السلام ڪراچيءَ ۾ پهتو. ڪراچي پهچڻ ڪانپوءِ دائودپوٽي صاحب کي اسڪالرشپ لاءِ درخواست ڏني. جنهن درخواست قبول ڪئي، ڪتابن ۽ ٻين خرچن ڪانسواءِ ڪيس ڪپڙن جي وڳي لاءِ ۽ ٻئي مناسب خرچ لاءِ مليل پئسن ڪانسواءِ ٻيا پئسا واپس ڪيا ۽ چيو ڪپڙن جو وڳو مون وٽ آهي.

پليجي صاحب جا پنجين ڪلاس کان وٺي انٽر تائين سنڌ مدرسته السلام ۾ - محترم ابراهيم جويو، سر ٿامس، اي ڪي ياائيجي ۽ غلام حسين سومرو استاد ٿي رهيا.

منهنجي خيال ۾ سندس سياسي تربيت ۽ ذهني تبديليءَ جو عمل اُتان شروع ٿيو. انهيءَ زماني ۾ پڙهائيءَ دوران ڪراچيءَ ۾ ڪجهه اهڙا واقعا ٿيا، سندس اکين ڪجهه اهڙا منظر ڏٺا، جن سندس دماغ کي ڏوڏي چڏيو ۽ سندس زندگيءَ تي گهرو اثر ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

هڪ دفعي هلندڙ اسيمبليءَ جي قطار مان هڪ ڇوڪرو نڪري پري ٿي بيهي رهيو ۽ ڇيائين تہ اڄ صبح جو انگريزن اسان جي دوست هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو آهي. اڄ اسيمبلي نہ ٿيندي، اڄ ماتم ٿيندو.

اهو ڇوڪرو رسول بخش پليجو هو.

سمورا ڇوڪرا اسيمبليءَ جي قطار مان نڪري اسيمبليءَ جو بائيڪاٽ ڪري رستن تي نڪري آيا. ڀئي پاسي کان هڪ هندو ڇوڪريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ جلوس اچي رهيو هو. ڇوڪريءَ نعرا پئي هنيا، ”هيمون ڪالاڻي زنده باد، انگريز سامراج مرده باد.“

پليجو صاحب بہ ٻين شاگردن سان گڏ انهيءَ احتجاجي قافلي ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ انهيءَ هندو ڇوڪريءَ جي نعرن جا جواب ڏيندو هلندو رهيو.

ادب طاقتور آهي، چوٿيھ لک بنگالي شهيد ٿي ويا، پر ٽئگور جو ”اک سور“ ناول اڄا ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.

روس ۾ ٻہ ڪروڙ انسان مري ويا، پر شولو خوف جو ”ڊان بهتا رها“ ۽ پشڪن جو ”بنجاره“ اڄا تائين شاهہ بلوط جي ڇانوَ ۾ ويهي روسي پڙهن ٿا.

زمانا آيا ۽ ويا، ماڻهن جا هٿ وڍيا ويا، ذلتن جا قيامت خيز طوفان آيا ۽ ويا، پر شاهہ جو رسالو سلامت آهي.

انهيءَ ادبي طاقت ۽ بقا کي محسوس ڪندي 1946ع ۾ پليجي صاحب، شمشيرالحيدري ۽ تنوير عباسيءَ سان گڏ مينارام هاسٽل ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو. ترقي پسند ادب تي جيڪا اردودانن جي هڪ هٽي هئي ۽ يو.پي، سي.پي جي ڇاپ هئي، انهيءَ کي رد ڪيو ۽ گڏوگڏ سنڌي ادب ۾ جيڪو حقيقت ۽ ترقي پسند سوچ ۽ فڪر جو ڏڪار هو انهيءَ کي بہ گڏ ڪرڻ لاءِ نيڪ ڪم جي شروعات ڪئي.

سردار جعفري، مخدوم محي الدين، ڪيفي اعظم، ايرن برگ، ڪانٽين فيدم، جارج الئٽ، والٽر اسڪاٽ، ائنٿوني ٽريلپ ۽ ڊڪسن کي پليجي صاحب اُن زماني ۾ غور سان پڙهيو.

Gul Hayat Institute

شيخ اياز ۽ جي.ايم.سيد خلاف رجعت پرست اديبن طرفان ٿيندڙ انتقامي حملن جي يلغارن مٿان يلغار کي جنهن حوصلي، ڏاهپ ۽ دليل بازيءَ سان پليجي صاحب منهن ڏنو انهيءَ جو خود جي.ايم.سيد بہ حيدر منزل تي اعتراف ڪيو.

جي.ايم.سيد، پليجي صاحب کي ٻنهي ڳلن تي چُمي ڏئي چيو: پليجا صاحب، اسان تي سڄي عمر گاريون پيون آهن. ڪنهن اسان پاران لٺ نہ کنئي، تو اسان جي بچاءُ ۾ لکي سنڌ جي ترقي پسند ۽ قوم پرست ماڻهن جو وڏو بچاءُ ڪيو آهي.

ڏٺو ويو آهي تہ پليجي صاحب ۾ برداشت ڪرڻ جي تمام گهڻي سگهہ آهي. ننڍي وڏي ڳالهہ تي ڪن بہ نہ ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪا انقلاب دشمن، سنڌ دشمن پروپئگنڊا

ٽيندي آهي يا سندس ذات خلاف ڪا ڳالهہ ٽيندي آهي تہ گهڻو وقت خاموش هوندو آهي، ڪافي وقت تائين تہ انهيءَ مخالف پروپئگنڊا جو ڪٿي ذڪر بہ نہ ڪندو آهي تہ ڪا هي ڳالهہ ٿئي پئي يا هيءَ ڳالهہ غلط آهي. آخري وقت تائين منتظر هوندو آهي تہ من همراهہ سُڌري وڃي. من چُپ ٿي وڃي ۽ پوءِ جڏهن پاڻي مٿي کان وري ويندو آهي، ۽ سُڌرڻ جا ڪي بہ امڪان باقي نہ رهندا آهن تہ پوءِ پليجو صاحب اهڙو جارحانہ حملو ڪندو آهي، جو وري اڳئين ماڻهوءَ ۾ اُٿي ويهي جوابي حملي ڪرڻ جي ڪا بہ سگهہ باقي نہ رهندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين نئين زندگي ۽ نئين سنڌ ۾ ڇپيل تنقيدي مضمونن توڙي ”انڌا اونڌا ويڄ“، ”سندي ذات هنجن“ جو يا ٻين تنقيدي ڪتابن جو اڄا تائين ڪو بہ قلم جو فاتح جواب نہ ڏئي سگهيو آهي.

جناح مسلم ڪاليج مان ايل.ايل.بي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ بہ پليجو صاحب، تمام گهڻي زماني ڪانپوءِ واپس ڳوٺ آيو ۽ نٽي ۾ مولانا عباسيءَ وٽ جونيئر ٿي اچي وڪالت سکيو. ڪجهہ وقت ٺٽي ۾ رهڻ ڪانپوءِ وري ڪراچي ويو هليو جت خالد اسحاق سان گڏ وڪالت ڪئي. پوءِ نورالعارفين سان گڏ وڪالت ڪئي. سُٺي وڪالت ڪندو هو. ڪيس تي تياري تمام گهڻي ڪندو هو. هوندئن بہ سُٺي ۽ ڏاهي وڪيل جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو ڪيس جي تياري ڪيتري ٿو ڪري.

هڪ دفعي سوڊان جي شهر خرطوم ۾ پاڪستان جي هڪ وڏي ٺيڪيدار کي فرسٽ ڪمرہ فرسٽ سرو جي بنياد تي هڪ ٺيڪو مليو هو. پي آءِ اي وارن ٽڪيٽ هن جي بجاءِ ٻئي ٺيڪيدار کي ڏئي ڇڏيو ۽ سوڊان ۾ پهرين پهچڻ ڪري ٺيڪو بہ انهيءَ ٻئي ٺيڪيدار کي ملي ويو.

پهريون ٺيڪيدار محترم خالد اسحاق وٽ آيو ۽ چيو تہ پي آءِ اي وارن مون کي ٽڪيٽ نہ ڏنو انهيءَ ڪري مون کي ٺيڪو نہ مليو ڪافي نقصان ٿيو آهي. آءٌ سرڪار کان هرجاڻو ٿو وٺڻ چاهيان. مون کي ٻڌايو تہ منهنجو هرجاڻو ٿيندو يا نہ.

خالد اسحاق ڪيس پليجي صاحب جي حوالي ڪيو. پليجي صاحب ڪيس تي تحقيق ڪئي، ڪجهہ ڪتاب لنڊن مان گهرايا. مطالعو ڪيو. جنيوا، آئيٽا ڪانفرنس، سان فرانسسڪو ڪانفرنس وغيره جا حوالا ڏنا ۽ اِن اوپينن ۾ لکيو تہ هن شخص کي سرڪار کان هرجاڻو وٺڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي ۽ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ان منفي راءِ تي هن ماڻهو خوشيءَ سان پليجي صاحب کي 1600 روپيا ڏنا. جيڪي اُن زماني جا 16000 ڇئي سگهجن ٿا. حالانڪ اوپينين بہ اصيل جي خلاف هو پر پليجي صاحب ڪيس تي جيڪا محنت ڪئي هئي، اها ڪافي متاثر ڪندڙ هئي.

هو رڳو فقط ڪتابن جو دشمن وڪيل نہ هو پر هڪ حساس دل رکندڙ ماڻهو بہ هو.

هڪ دفعي خون جو ڪيس هلائڻ لاءِ جڏهن پاڻ ڪورٽ ۾ پهتو تہ در وٽ ڪيس هڪ ننڍڙي ڇوڪري ويٺل نظر آئي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ هيءَ



Gul Hayat Institute

چوڪري انهيءَ جوابدار جي ڌيءَ آهي، جنهن جو پاڻ ڪيس هلائڻ لاءِ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو هو ۽ ڌيءَ پنهنجي پيءُ خلاف شاهدي ڏيندي. چوڪريءَ سان پليجو صاحب مليو. ننڍڙي چوڪريءَ چيو ”ها، آءُ بابا تي شاهد آهيان. هڪ ڏينهن بابا، امان ۽ مون کي هڪ جهنگ ۾ وٺي آيو، منهنجون ٽنگون ٻڌي مون کي هڪ وڻ پنيان ويهاري ڇڏيائين. امان کي ٻئي وڻ سان ٻڌي کهاڙيءَ جو ڌڪ هنيائين ته امان جي سسي وڃي پري ڪري. آءُ امان جي مرڻ جي اکين ڏٺي شاهد آهيان.“

انهيءَ حقيقت معلوم ڪرڻ کانپوءِ پليجي صاحب ورتل في ۽ فائيل جوابدار ڏر کي وڃي ڏنا ۽ چيو ”آءٌ نيڪ نه آهيان، هيءُ ڪيس مون کان نه هلندو.“

گهڻي زماني کانپوءِ پليجي صاحب مسعود نورانيءَ کي نئين نياپي ۾ انٽرويو ڏيندي چيو هو ”زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون اهو ڪيس بنا وڙهڻ جي هارايو هو ۽ ڪيس ڏاڍو ڏکيو لڳو هو. جيڪڏهن ڪيس وڙهان ها تڏهن به هارائي وڃان ها.

هن زندگيءَ جي هر ميدان تي سچ ۽ انسانيت کي سڀ کان عظيم سمجهيو. سچ ۽ انسانيت سان انصاف ڪيو. اهوئي سبب آهي جو اڄ تاريخ ۾ زماني ڪيس زمين کان آسمان تي پهچايو آهي.

بنگلاديش جي اُصولي حمايت ۽ ٻوليءَ واري مسئلي تي اُصولي موقف اختيار ڪرڻ جي ڪري پليجي صاحب کي سرڪار 1973ع ۾ گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو.

پليجو صاحب جيل مان آزاد ٿي ٻاهر آيو ۽ سنڌي ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۽ انقلابي ڪارڪنن جي وڏيڪ ترتيب ڪرڻ واري ڪم کي لڳي ويو. انهيءَ زماني ۾ پليجي صاحب وٽ هڪڙي پراڻي زماني جي اچي ڪار هوندي هئي. جنهن جي ڪماني اڱڙين سان ٻڌل هوندي هئي. ٻئي ساٿي، ٻئي اڳواڻ، ٻئي سنڌ جا سپاهي انهيءَ ڪار ۾ چڙهي سڄي سنڌ ۾ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ڪٿي گاڏي اوچتي بيهي رهندي هئي ته هڪڙو ويهي هلائيندو هو. ٻيو اڌ ميل تائين ڌڪا ڏيندو هويا ڪار اتي ڇڏي، جتي وڃڻو هوندو هون ته اُتي پنڌ ويندا هئا. نه ڪپڙن جي پرواهه نه گاڏيءَ جي پرواهه نه صحت جي پرواهه. ترت سنڌي هارين کي منظم ڪرڻ لاءِ ”سنڌي هاري ڪميٽي“ جو بنياد رکيو ويو. شاگردن کي منظم ڪرڻ لاءِ ”سنڌي شاگرد تحريڪ“ ناهي وئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ سگهاري ۽ نرالي سياسي تنظيم ”سنڌياڻي تحريڪ“ جوڙي وئي، جنهن سنڌ جي سياسي ميدان جا رنگ ئي بدلائي ڇڏيا، سنڌن تاريخي جدوجهدن سچ ته سنڌ کي جواڻي موٽائي ڏني آهي ۽ سنڌ جي ويڙهن ۾ ساهه وجهي ڇڏيو آهي.

جناب رسول بخش پليجو جيڪو چوٽيءَ جو قانوندان آهي، جيڪو هند سنڌ جي هاڪاري دانشورن جي قطار ۾ ٽِڙيل گلاب آهي ۽ سنڌ جي هڪ تمام وڏي

Gul Hayat Institute

حصي جي ماڻهن جي ڦٽن جو ترجمان آهي. انهن کي جمهوريت جي ڇانورن کان محروم ڪري آمريت جي ڪَل اُڏيڙيندڙ ڪاڙهن ۾ ڪاڙهيو ويو.

جناب رسول بخش پليجي ۽ فاضل صاحب کي 1978ع ۾ آزاد ڪيو ويو. جيئن جيل کان ٻاهر قدم رکيائون تہ ڪين ملڪ جون حالتون بدليل نظر آيون. ڇپرن ۽ چمڙن جي شهنشاهيت جو زمانو هو. آئين معطل هو. هڪ فوجيءَ کي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کان وڌيڪ اختيار هئا.

انهيءَ آزمائش واري پُرخطر پهرن ۾ حالتن کي للڪاري ميدان وٺڻ وڏي ڳالهہ آهي، انهيءَ حالت ۾ جناب رسول بخش پليجي ۽ فاضل صاحب گڏجي ”ڀُٽو بچايو ڪميٽي“ جوڙي، بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمہ بينظير سان ملاقاتون ڪئي ۽ ڪين هر قسم جي ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ جلسا ۽ جلوس ڪڍايا.

حيدرآباد شهر ۾ پليجي صاحب ۽ فاضل صاحب جي گهر وارن طرفان ڀُٽي صاحب کي گرفتار ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو. جنهن دوران جيجي زرينہ بلوچ کي بہ گرفتار ڪيو ويو.

نيٺ ڀُٽي صاحب کي 4 اپريل 1979ع تي شهيد ڪيو ويو. ملڪ جا ماڻهو ڏپ ۽ خوف جي طوفان ۾ گهيرجي چڪا هئا.

جناب رسول بخش پليجي ۽ جناب محمد فاضل راهو آڪٽوبر 1979ع تي مارشل لا دؤر ۾ راهوڪيءَ ۾ هارين جو ميڙ ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو. سرڪار انهيءَ کي سختيءَ سان ناڪام ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لڳايا، پر سنڌ جا ماڻهو سموريون رڪاوٽون ٽوڙي راهوڪي پهتا. راهوڪيءَ جي ميدان تي پٽڪي ور پهچي ويو.

ڪامياب هارين جي ميڙ کانپوءِ جناب رسول بخش پليجي، شهيد فاضل راهو، شهيد صديق راهو، حسين بخش ناريجي، ادريس ميراڻي، منو مهيري ۽ گل چانگ کي گرفتار ڪيو ويو. حسين بخش ناريجي، منو مهيري ۽ گل چانگ کي بدين شهر ۾ قاضيا واهہ جي پُل تي ٽڪٽڪي ٻڌي مٿن مارشل لا جي ڦهري زماني جا پهريان ڪوڙا وسايا ويا.

زرينہ بلوچ، غلام قادر پليجي ۽ اسلم پرويز کي بہ گرفتار ڪيو ويو. پليجي صاحب کي پهرين ڏينهن بدين سب جيل ۾ رکيو ويو. پوءِ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيو ويو. آڪٽوبر 1979ع کان 1986ع تائين جناب رسول بخش پليجو سنڌ ۽ پاڪستان جي مختلف خطرناڪ جيلن اندر سي ڪلاسن جو قيدي ٿي رهيو پر اکين جي جوت نہ اُجهاڻي، لاٽ ٻرندي رهي.

انهيءَ سڄي زماني ۾ جيل ۾ رهندي بہ پليجي صاحب پنهنجي حصي پٽيءَ جو ڪم بنا ڪنهن عذر جي ڪيو. جيئن فاضل صاحب جي ڌيءَ شهربانو ۽ سندس پيڻ



Gul Hayat Institute

مريم راهو ۽ سندس گهر واري لال خاتون گهرن کان ٻاهر نڪري سنڌي ماڻهن سان گڏجي اعلانِ جنگ ڪيو ۽ پليجي صاحب پنهنجي گهر وارن کي به هدايت ڪئي ته هو هن نازڪ زماني ۾ سنڌ جو ساٿ ڏين ۽ پوءِ سندس گهر واري، سندس ڀيڻ غلام فاطمہ پليجو سندس ٻنهي پٽن اياز لطيف پليجي ۽ نور نبي پليجي پڻ گرفتاريون ڏنيون.

1986ع ۾ وڏي دٻاءَ کانپوءِ ڪيس آزاد ڪيو ويو. جڏهن هو آزاد ٿي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ ننڍي اچي پهتو ته ننڍي ۾ جُنگشاهيءَ جي ماڻهن وِڪ وِڪ تي سندس اکيون وڇائي استقبال ڪيو.

17 جنوري 1987ع تي، پليجي صاحب جي هڪ عظيم دوست ساٿي ۽ بهادر همسفر محمد فاضل راهوءَ کي هڪ گهري سازش ذريعي شهيد ڪيو ويو ته سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ۽ سڪتي ۾ اچي ويو ۽ ڪيترو وقت اهو درد پوڳيندو رهيو.

سنڌي ماڻهن جو هڪ وڏو حصو ۽ سڄي پارٽيءَ جا سمورا ڪارڪن غم جي درگاهہ ۾ ٻُڏي ويا. عدم تحفظ، ڊپ ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جهڙا خوفناڪ عوام ۽ انقلاب لاءِ نقصانڪار لاڙا ۽ احساس پيدا ٿي چڪا هئا. انهيءَ سڄي موت جهڙي صورتحال کي زندگيءَ جي حرارت بخشڻ لاءِ جناب رسول بخش پليجو لنڊن کان واپس آيو. پليجو صاحب جيئن لنڊن مان راهوڪي آيو ته صورتحال کي صحيح رخ لاءِ ۽ هڪ وڏي خلا کي پُر ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ لڳي ويو.

هن 27 فيبروري 1987ع تي راهوڪيءَ ۾ ٽينڊڙ چاليهي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي، جنهن ۾ سڄي ملڪ جي چوٽيءَ جي ملڪي سياستدانن، اديبن، دانشورن، شاعرن شرڪت ڪئي. انهيءَ موقعي تي پليجي صاحب خطاب ڪندي چيو ته هاڻ جڏهن شهيد عوام فاضل راهو جسماني طور اسان کان دشمنن ڌار ڪري ڇڏيو آهي ته اچو ته گڏجي اتحاد ڪريون، طاقت ٻڌجي انهيءَ ڪوٺ کي پورو ڪريون.

چاليهي کانپوءِ جناب رسول بخش پليجي، سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪري، مايوس ڪن صورتحال کي تبديل ڪيو ۽ اتحاد لاءِ مختلف ڌرين تي زور وڌو. 16 جولاءِ تي تلهار ۾ وطن دوست وارن جي ڪنوينشن ۾ اتحاد جي سڏ کي ورجايو. جولاءِ 1987ع تي چمبڙ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي اتحاد لاءِ سڏ کي وري ورجايو ۽ پوءِ نيٺ اتحاد ٿيو.

پليجو صاحب اڄ به سنڌ لاءِ وڙهي رهيو آهي. عوام جا بي ربط ٽُٽل بي ترتيب قافلا گڏي رهيو آهي، هن زمين کان هن آسمان تائين عوام جون قطارون ٺاهي رهيو آهي. سچ، امن ۽ دليريءَ جا فاصلا جوڙي رهيو آهي.

پٽن منجهہ ڀونچال اچڻو آهي اچڻو.

**("ڌرتيءَ تي آڪاش" تان ورتل)**

Gul Hayat Institute

**ملڪ نديم**

# ڪوٽ لکپت جو قيدي _ پليجو

جيل جي ڊائريءَ جي، دنيا جي ادب ۾ پنهنجي اهميت آهي، خاص ڪري اهڙي اديب يا شاعر جي تخليقي اُڏام ئي نرالي ٿيندي آهي، جيڪو پنهنجي قوم يا دنيا جي آزادي پسند ماڻهن جي خوبصورت خوابن کي يقيني بڻائڻ واري جاکوڙ سان وابستہ ڪميٽيڊ هجي، جنهن جاءِ کي ”جيل“ چيو وڃي ٿو اها سڄي دنيا جي جهوپڙين، پکڙن، ماڙين، محلن، بنگلن، ايوانن، بلڊنگن ۽ گهرن ڪان محلاتي سڪونن، بي پرواهين، بي فڪرين ۽ بي آرامين، بي چينين، بيگانگين ۽ ايذائن وغيره جي تجربن، آزمودن ۽ محسوساتن ڪان بنھ نرالي ۽ يگاني ”جاءِ“ ٿئي ٿي. مان شاھ لطيف جو سُر مارئي پڙهائيندي چوندو رهندو آهيان تہ قيديءَ جو ڪوڙاڻ ۽ قيديءَ جي ڪيفيت فقط اهو ئي اظهار ذريعي محسوس ڪرائي سگهي ٿو، جيڪو اهڙي قسم جو قيد بهادريءَ سان ڪاٽي آيو هجي. ڀٽائيءَ کي قيد ۽ ڪڙن جو شايد ذاتي تجربو هو، جو هن سُر مارئيءَ ۾ قيد ۽ قيديءَ جو برداشت ڪيل ذهني عذاب محسوس ڪرايو آهي. سخت، ڏکهي ۽ ذهني ايذاءَ واري ڪاٽيل جيل جون اديب ۽ شاعر قيدي شاهڪار ادبي جيل جون ڊائريون ڏئي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ جيل گهاريندڙ اديب يا شاعر جي ذهني ڪيفيت ٻاهرين آزاد دنيا ۾ رهندڙ اديب ۽ شاعر ڪان سوين ڀيرا وڌيڪ سچ ۽ حقيقت ڏانهن مائل ۽ اظهار ۾ مختلف ٿئي ٿي. جڏهن سچ مختلف اظهار جي شڪل وٺي ٿو تہ ان اديب ۽ شاعر جي تخليق بہ ٻين تخليق ڪارن ڪان منفرد ۽ الڳ ٿئي ٿي.

رسول بخش پليجي جي جيل جي ڊائري ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ جا ٻئي ڀاڱا، جيل جي ڊائريءَ جي ڪتاب طور نہ رڳو سنڌي ۽ اردو ادب ۾ دنيا جي ادب ۾

Gul Hayat Institute

پڻ جداگانہ حيثيت رکڻ وارا ادب جا شاهڪار آهن، جن جو سنڌي ادب ۾ ان اهميت سان ذڪر نہ ٿيو آهي. مان انهن ٻنهي ڪتابن تي هيءُ تنقيدي نوٽ بہ ان ياد ڏهانيءَ لاءِ لکي رهيو آهيان تہ هھڙن بيمثال ادبي ڪتابن کي سنڌي اديبن، نقادن، تاريخ نويسن ۽ ادبي صحافين نظرانداز ڪرڻ جهڙو قومي تاريخي ڏھ ڇو ڪيو آهي؟ هنن ڪتابن جي ظاهر ٿيڻ کانپوءِ هنن ڪتابن جا شاندار افتتاح ٿين ها. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي مذاڪرا ٿين ها، هنن تي تمام گهڻا تنقيدي تصبرا ٿين ها، وري وري ٿين ها. اهي سمورن رسالن ۽ اخبارن ۾ وري وري شايع ٿين ها. هيءُ ڪتاب دنيا جي ٻولين ۾ ترجمو ٿين ها. هنن ڪتابن تي سينيئر توڙي جونيئر اديب، شاعر ۽ صحافي رايا پيش ڪن ها، ڪتابن تي ورڪشاپ ٿين ها. ليکڪ سان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر ۾ شامون ملهايون وڃن ها. جيتوڻيڪ پليجو همت افزائيءَ واري ايج ۽ ادبي قد ڪاٺ کان گهڻو مٿي آهي پر علمي و ادبي قدردانيءَ طور پليجي کي مان ڏنو وڃي ها. هھڙا ڪتاب جيڪڏهن يورپ جي ڪنهن زبان ۾ لکجي وڃن ها تہ ان ليکڪ جو مٿي منهنجي طرفان رايي/ ٻمانڊ ڪيل قدردانيءَ کان سوڻو وڌيڪ قدر ٿئي ها، پر جيئن تہ سنڌي ادب جا تاريخ نويس اعليٰ ادبي سواد کان سدائين محروم نقاد سدائين تعصب ۽ بغض جي ڏٻڻ ۾ قاتل ۽ صحافي اديب گروھ بنديءَ جي قبر ۾ بند رهيا آهن، ان ڪري هھڙا ڪتاب عالمي سطح تي پهچائڻ تہ ٺهيو عام سنڌي ادب پڙهندڙ تائين نہ پهچي سگهيا.

زندگي ۽ دنيا جي گھڻن پاسن جي علمي ڄاڻ، ڪائنات جا رنگ پسائيندڙ عڪس ۽ تخليقي اظهار جو اعليٰ نمونو پنهنجي هم وطنن ۽ پنهنجي دنيا جي لوڪ تائين نہ پهچائڻ قومي، تاريخي ۽ انساني ڏوھ ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟

هنن ڪتابن ۾ رسول بخش پليجو پنهنجي سنڌي قوم سان ڪميٽيڊ هوندي بہ گڏيل انساني دنيا جي گولي جو هڪ باشعور آزادي پسند، امن جو خواهان، انساني برادريءَ ۾ پختو يقين رکندڙ طور هڪ اديب ۽ دانشور محسوس ٿئي ٿو. هو هنن ڪتابن ۾ دنيا جي سمورين چڱاين ۽ سچاين ۽ نيڪين جو طرفدار آهي. هو دنيا جي سمورين سهڻين ۽ سُٺين ثقافتن ۽ تهذيبن جو حمايتي ۽ واکاڻيندڙ آهي. هو هنن ڪتابن ۾ دنيا جي سمورين عوام دوست علمي، ادبي، تعليمي، ثقافتي ۽ سياسي شخصيتن جو مداح ۽ ثنا ڪندڙ آهي. هو سنڌ کي دنيا وانگر ۽ دنيا کي سنڌ وانگر خوبصورت ۽ خوشحال ۽ امن ۽ آزاديءَ جو گهوارو بڻائڻ جو خواهشمند آهي. هو ادب ۾، آرٽ ۾، محبت ۾، موسيقيءَ ۾، فن ۾، فلسفي ۾، تعليم ۾ تفريح ۾، فقط هڪ باشعور ۽ بهادر انسان وانگر سوچي ٿو پنهنجا رايا ۽ خيال پيش ڪري ٿو. هو سنڌي موسيقيءَ کي بهترين انگريزي، هندي، پنجابي، بلوچي، اردو، پشتو



Gul Hayat Institute

وغيره موسيقيءَ کان متي (وڏائيءَ طور) نٿو سمجهي. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي وطن ۽ غير وطن سمورين روحاني ۽ مادي خوشي ڏيندڙ انساني ڪارج وارين شين ۽ مظهرن، منظرن کي تعصب جي نگاهه سان نٿو ڏسي. هن کي پنهنجي سنڌ بيشڪ پياري آهي. هو سنڌ جي شهرن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي وغيره، تي پنهنجي هجڻ جي بيشڪ دعويٰ ڪري ٿو پر هو سچي وفادار ايماندار مقامي ماڻهوءَ سان محبت ڪندڙ طور دنيا جي شهرن دهلي، ممبئي، ماسڪو لنڊن، نيويارڪ، پئرس، تهران، ڪابل، ٽوڪيو بيجنگ وغيره کي به انساني برادريءَ جي گڏيل ملڪيت سمجهي ٿو. هن ڪراچي ۽ ڪراچيءَ جي اصل رهواسين سان پيار ڪندڙ ۽ وفادار ماڻهوءَ کي ڪڏهن به سنڌ جو دشمن ناهي سمجهيو. مسئلو اهو آهي ته پليجي کي غور سان، پيار سان، پنهنجائپ سان، نيڪ نيتيءَ سان پڙهيو وڃي ته هو توهان کي هنن ڪتابن يا ٻين تحريرن ۾ ڪٿي به ماڻهپي ۽ انسانيت جو دشمن نظر نه ايندو. پليجي جهڙي وطن ۽ انسان دوست دانشور ۽ اعليٰ ادبي، تخليقي صلاحيتون رکندڙ اديب ۽ شاعر کي چڱيءَ طرح پڙهڻ، سمجهڻ، پرکڻ ۽ پرجهڻ ڪانسواءِ منفي پروپئگنڊا ذريعي ضايع ڪرڻ جا جرم ڪيا پيا وڃن. اهي به اول پنهنجي طرفان پنهنجو دشمن ٿيندو ته ڌارين کي وارو ملندو آهي. پنهنجي ٻولي، ادب، اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان پيار ڪرڻ سنڌ دوستي آهي. پليجو اهو پيار لهڻي ٿو.

رسول بخش پليجي جا ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ ٻئي ڀاڱا هيٺين اڻل سچاين جو لاجواب ۽ لافاني ادبي خزانو آهن. جن کي وري وري پڙهڻ سان شعور ۾ اضافو به ٿئي ٿو ته پختگي به اچي ٿي:

”ٻري جن ٻاري، آءٌ نه جيئندي ان ري. (شاهه)

سنڌي، بلوچ، پناڻ، بنگالي، پنجابي، هندستاني، عرب، انگريز، جرمن، روسي، يوناني، ويٽنامي، ڪوريائي، آمريڪي، راڄ مڙسن جا آهن. ننڍا، وڏا، پوڙها، هڪڙو هڪڙو موتين کان مهانگو، سڀ پنهنجا ابي امان جهڙا. سيني جي گفتن مان سچائي، انسانيت جون سرهاڻيون پيون اچن. سيني جون زندگيون جاکوڙ ۽ عظمت جون ڪڏهن نه وسامندڙ لاٽون! ڪهڙي کي ياد ڪري ڪهڙي کي وسارجي. نيوات ۽ جنگشاهي، حيدرآباد کان وٺي نڪاراگوئا، انگولا ۽ فلسطين تائين سڀ واري واري سان ياد ايندا رهن ٿا. سيني سان رهاڻ چالو آهي. ڪڏهن مارئيءَ سان، سسئيءَ سان ته، ڪڏهن پاويل سان، ڪڏهن چانگ چن چيائو سان، ڪڏهن لالي ٿو ۽ ڪڏهن پوڙهي ميٿ سان. انقلابي ماڻهو کي هر ڳالهه انقلاب جي ضرورتن جي تابع رکڻ گهرجي، جي اسين سڄو ڏينهن يادن ۾ گم رهون، اُداس ٿيا وينا هجون ته پوءِ قيد يا سختيءَ ۾ هڪڙو پل به نه گذاري سگهنداسون! قيد به زندگي آهي،

سيڪيورٽي وارڊ ڪوٽ لکپت، هن ڌرتيءَ جي هڪڙي جڳهه آهي. هيءُ وقت به زماني جو هڪڙو وقت آهي، هن قسم جي حالتن ۾، هن قسم جي جڳهه ۾ هن قسم جي زماني ۾ رهڻ به زندگيءَ جو اهڙو ئي حصو آهي، جهڙا ٻيا حصا آهن. موج ۽ سختي ٻئي لازم ملزوم آهن. هيءَ جڳهه يا هوءَ جڳهه پنهنجي ڊيوٽيءَ ۾ سڀ شامل آهن، گهر به، دوستن جو ساٿ به، جلسا ۽ جلوس به، قربن ۽ محبتن جون بارشون به، لاڪپ، بند وارڊن ۽ سيڪيورٽي وارڊن جون اڪيلايون به، ميدان ۾ مقابلا به، دشمن جا دڙڪا، دهمان، گاريون، لعنتون، ملامتون، ٺڪون ۽ ذلتون به، ويندي ڦاسي گهاٽ ۽ زندگيءَ کي آخري سلام به! سڀ ڊيوٽيءَ ۾ شامل! سڀ زندگيءَ جا حصا! سڀ ممڪن، وقت اچڻ تي هن منزل مان لنگهڻ لاءِ ذهني طرح تيار رهڻ هر انقلابيءَ جو فرض آهي. انقلابي ماڻهو گلن جيان نرم ۽ فولاد جيان سخت هوندا آهن.

درعشــق غنچــه ايــم ڪــه لــرزد زبــاد صــبح
درڪــا هــائي زنــدگيءَ چــون ســنگ خــار ايــم.

(اقبال)"

**(ڪوٽ لکپت جو قيدي ياڳو پهريون صفحو 252)**

هر پڙهيل مرد ۽ عورت، رسول بخش پليجي جي تحريرن، تقريرن، تنقيدن، تحقيقي ۽ تجزين کي سنڌ ۽ دنيا جي موجوده حالتن کي سامهون رکي، هڪ ايماندار سنڌي ۽ انسان دوست ٿي، وري وري ڌيان ۽ دل سان پڙهي پنهنجي ذهن ۾ رايو محفوظ ڪري ٻين جي ٻُڌل سڌل، ڳالهين تي پليجي لاءِ رايو قائم ڪرڻ پنهنجي عقل تي اعتبار ۾ اعتماد نه ڪرڻ برابر آهي. پنهنجي دانائيءَ تي ڀروسو ڪريو ڇاڪاڻ ته هاڻي سنڌ پنهنجن اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ وطن ۽ انسان دوست سياسي اڳواڻن جي صورت ۾ ذهين ترين سجڻ اجائي گروهه بنديءَ سبب ضايع ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهي.

**(ماهوار "صبح ٿيندو"، ڊسمبر 1997ع)**

Gul Hayat Institute

**جي. اين. مغل**

# رسول بخش پليجو

جناب رسول بخش پليجي سان ڪئين اختلاف ٿي سگهن ٿا پر هڪ ڳالهہ سان شايد ڪوبہ اختلاف نہ ڪري سگهي تہ پليجي صاحب جي هئڻ سان سنڌ جي سياست ۾ هڪ وڏو سياسي معجزو رونما ٿيو آهي. هن صدين جي ان تاثر (Myth) کي ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌي ماڻهن جي سياسي قيادت فقط وڏيرو، سيد ۽ پير ڪري سگهي ٿو. هن هيٺئين ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ سياسي رهنمائن تي مشتمل هڪ نئين سياسي تنظيم قائم ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سنڌي ماڻهن جي قيادت فقط وڏيرو سيد ۽ پير ئي نہ پر پليجو، راهو، ناريجا ۽ ڏاهري بہ ڪري سگهن ٿا. ان ڳالهہ سان شايد ڪو اختلاف نہ ڪري سگهندو تہ اهي سياسي ڪادر ۽ هيٺئين ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ سياسي رهنما جن جي سياسي تربيت پليجي صاحب ڪئي آهي، سي جديد سياسي هنر حرفت سان آراستہ اهڙا سياسي ڪارڪن آهن، جيڪي سنڌ جي اندر ايندڙ اهم سماجي ۽ سياسي تبديلين ۾ هڪ اهم ۽ حاوي (Role) ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هو لاشڪ سنڌ، سنڌ جي ڌرتي ۽ سنڌي قوم جو قابل فخر سرمايو آهن. رسول بخش پليجو ۾ هڪ وڏو سياسي مدبر بنجڻ جون مڙيئي صلاحيتون موجود آهن. تمام گهٽ سياستدانن ۾ سياسي پيش قدمي (Initiative) ڪرڻ ۽ مخالف ڌر جو توڙ ڪرڻ جون صلاحيتون هونديون آهن. پليجي جي شخصيت انهن ٻنهين اهم سياسي صلاحيتن جو سنگم آهي. هو نہ فقط اديب نقاد، شاعر، آرٽ ۽ موسيقي جو ڄاڻو آهي ۽ سنڌ جي چند وڏن نقاد، شاعر، آرٽ ۽ موسيقي جو ڄاڻو آهي ۽ سنڌ جي چند وڏن ڏاهن ۾ ڳڻجي ٿو، پر هو هڪ اهڙي اهم سياسي حڪمت عملي ساز طور پڻ اڀريو آهي، جيڪو مستقبل ۾ رونما ٿيندڙ اهم ۽ حساس سياسي تبديلين



Gul Hayat Institute

۽ واقعن جو اڳواٽ رٿابندي ڪرڻ جي پڻ صلاحيت رکي ٿو. سنڌ کي پنهنجي بچاءُ لاءِ جيڪا آخري تاريخي ويڙهه ڪرڻي پوندي، تنهن ۾ سنڌ کي پليجي جي صلاحيتن حڪمت عملين ۽ طريقن (Methods) جي پڻ شديد ضرورت پوندي.
پليجو سنڌ جي سياست ۾ پنهنجي حصي جو بنياد رکي هاڻ اجا به قدم اڳتي وڌيو آهي ۽ پاڪستان جي سياسي ميدان ۾ هڪ ماهر انگ باز ملهه جي حيثيت ۾ لٿو آهي، پر ان ڳالهه کي رد نٿو ڪري سگهجي ته جيڪڏهن پليجي کي موقعو مليو ۽ حالتون سازگار ٿيون ته شايد مستقبل ۾ هو ٽين دنيا جي هڪ مک مهندار جي حيثيت ۾ اڀري.

سائين پليجو سنڌ جو اهو عظيم پٽ آهي جنهن قيد جي ڪال ڪوٺڙين ۾ به سنڌ جي آزاديءَ جا نه صرف خواب ڏٺا آهن پر پنهنجي حياتيءَ جي پل پل ۾ عوام جي سوڀ لاءِ جنگ لڙي آهي. پليجو سنڌ جي انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن امر انسانن منجهان هڪ آهي، جن ڪڏهن به ڪوڙ جي آڏو گوڏا نه کوڙيا آهن، سوديبازي نه ڪئي آهي ۽ هر حال ۾ آمريت آڏو ڳاٽ اوچو رکيو آهي.

**(ماهوار تحريڪ)**

Gul Hayat Institute

**الطاف شيخ**

# ڪجھ خبرون جيڪي سوچ جو سامان مهيا ڪن ٿيون

اڄ ڪلهہ پليجو صاحب مٿاهين درجي جو سياستدان، مدبر، وطن پرست ۽ برک ليکڪ مڃيو وڃي ٿو. مهينو اڳ ملائيشيا جي هڪ مشهور انگريزي اخبار پليجي صاحب تي هڪ تعريفي مضمون پڙ ڏنو هو. اها هڪ اهم ڳالهہ آهي ۽ رسول بخش پليجي ۽ سندس پرستارن جي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو ڪنهن ٻئي ملڪ جي اخبار ۾ هڪ اهڙي سياستدان تي فوٽو سميت مضمون اچي جيڪو ڪڏهن بہ حڪومت ۾ نہ رهيو هجي.

ڪيترين ئي ڳالهيون آهن جيڪي رسول بخش پليجي کي نہ فقط عظيم محب وطن، عظيم ليکڪ ۽ عظيم شاعر بنائين ٿيون پر جيڪو تمام وڏو عرصو هڪ ضمير جي قيديءَ جي حيثيت ۾ هن سڀ کان گهڻو جيل ڪاٽيو آهي ۽ جسماني طرح ڏٻرو هوندي بہ رسول بخش پليجو ذهني طرح بردبار، همٿ ڀريو ۽ سجاڳ رهيو آهي اهو ساراهہ لائق آهي. قيد مان آزاد ٿيڻ تي هن يارن دوستن جي گڏجاڻيءَ ۾ چيو: ”ڊگهو عرصو جيل ۾ رهڻ بعد انسان کان تقرير ڪرڻ بہ وسري وڃي ٿي. هن کان روئڻ بہ وسريو وڃي. هو چپن ۾ ڳالهائڻ جو عادي ٿيو وڃي. ههڙن موقعن تي سنا جملا ۽ لفظ گهڙڻ بہ وسريو وڃن.“

پليجو انهن انسانن مان آهي، جن لاءِ شايد چيو ويو آهي تہ، ”ڪاتيءَ هيٺيان ڪنڌ پوءِ بہ نعرا نيهن جا.“ بنا ڪنهن ڏوهہ جي هيڏي ڊگهي بند ڪيس پنهنجي ارادي ۽ عزم کان ٿورو بہ لوڏيو ناهي. هو اڄ بہ ڏکويل انسانن، غريبن ۽ مظلومن جو سوچي ٿو. هن جي تقريرن ۾ اڄ بہ جادو آهي. جيڪو ماڻهن جي دلين تي اثر ڪري



Gul Hayat Institute

ٿو..... ”ڇا اهو ضروري آهي تہ اجا تائين اسين پاڪستان جي بارڊر اندر پنهنجو پاڻ ۾ وڙهندا رهون، جڏهن تہ ٻاهر هڪ وڏي دنيا پيئي آهي جنهن سان اسان کي وک وڌائي پهچڻو آهي؟“

اها تقرير هن ان هوٽل ۾ ڪئي جنهن ۾ سندس آزاديءَ کان ٻہ سال کن اڳ پاڪستان ۾ انساني حقن جي سوسائٽيءَ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ ۽ جمهوريت لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري هن 56 سالن جي وڪيل کي سونو ٻلو انعام طور ڏيڻ لاءِ چونڊيو هو.

پليجو صاحب هڪ ڳوٺاڻي ماحول سان تعلق رکي ٿو ڪيس ۾ شادين مان يارهن ٻار آهن. مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر، گلوڪاره ۽ سنڌ جي عاشق زرينہ بلوچ انهن مان هڪ زال آهي.

تازو هاڻ روزانہ ”جنگ“ جي 18 مارچ واري مئگزين سيڪشن ۾ پليجي صاحب جو انٽرويو ڇپيو. جن خيالن جو اظهار هن يورپ مان موٽڻ بعد ڪيو هو. انٽرويو ڇپڻ بعد حيدرآباد ۽ ڪراچي جي ڪيترن ئي آفيسن ۾ ۽ سماجي گڏجاڻين ۾ هن انٽرويو جا جواب ماڻهن جي واتن تي رهيا.

**(ملائيشيا مان لکيل خط)**

Gul Hayat Institute

عديل مهر

# راڻي سان رهاڻ

مون لاءِ اهو اطلاع ئي ڪافي هو تہ محترم رسول بخش پليجي جو ليڪچر آهي. لازمي ٻُڌڻو هو ۽ مون کي ان پروگرام جي دعوت بہ ملي. گمبٽ کان ”ساهہ“ شيخ فون ڪري چيو تہ پليجي صاحب کان ”ادب جي تحريڪي ڪارج“ تي ليڪچر ڪرايون ٿا, توکي اچڻو آهي. مان اڳي ڪجهہ عرصو گمبٽ ۾ رهيو آهيان. هر پروگرام ۾ سنگت سارينديِ آهي, پر ڪجهہ وقت کان ڪيترن پروگرامن ۾ آئون اُتي نہ وڃي سگهيو آهيان. انهيءَ ڪري ساهہ زور ڀري چيو تہ, ”توکي اچڻو آهي“ ”بلڪل اچبو پر پليجو صاحب ايندو سهي؟“ مون پڪ پئي چاهي. ”ساهہ“ پڪ ڏياري ۽ آئون پهچي ويس.

اها 5 جون جي شام هئي. سنڌي ادبي سنگت پاران ميلو مچايو ويو هو. ادبي پروگرام ميلا گهٽ ٿيندا آهن, پر هيءُ ٿي ويو هو. ادبي سنگت جي پروگرام ۾ سئو ماڻهو بہ اچن تہ اها معجزي جهڙي ڳالهہ سمجهي ويندي آهي ۽ اهو بہ ضلعي واري ڪنهن شهر ۾ ٿيندو آهي. گمبٽ ننڍو شهر آهي, اُتي ان حساب سان پنجاهہ کن ماڻهن کي مس هجڻو هو. وري جيڪو موضوع هو, ان کي ڏسندي تہ ”ساهہ“ ۽ ان جي سنگت پاڻ ئي ويٺل هجن ها ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ”ساهہ“ کي بہ اوباسيون اچن ها ۽ سنگت کي ننڊ اچڻ کپي ها, پر انهيءَ شام اُتي مون کي ماڻهن جو انبوهہ نظر آيو. انتظام محدود ماڻهن جو هو, پر خلق گهڻي هئي. ڪرسيون ويا وڌائيندا, پر ماڻهو انهن کان بہ وڌندا ويا. هڪ ادبي پروگرام هڪ ننڍڙو جلسو ٿي ويو. مهمان ڪو ٻيو هجي ها تہ حيرت بہ ٿئي ها, پر مهمان محترم رسول بخش پليجو هو تہ ايئن ئي ٿيڻو هو. آئون سمجهان ٿو تہ اها پليجي صاحب جي شخصيت آهي, جيڪا ماڻهن کي ڇڪي آڻي ٿي. عام ماڻهن کي ڪوبہ اطلاع بہ نہ هو ڪن ادب دوستن کي ئي دعوت هئي, پر سُڌ پوڻ تي هرڪو هليو آيو. ادب ۾ ان جي موضوع جي ماڻهن کي خبر نہ هئي, بس اهو هو تہ پليجو صاحب پيو اچي, ڪيس ٻُڌڻو آهي.



Gul Hayat Institute

پليجي صاحب ۽ پبلڪ جو پاڻ ۾ ٻولڻ ۽ ٻڌڻ وارو رشتو آهي. هو جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ هوندو آهي تہ هو نہ بلڪ ماڻهو ڄڻ هن جي آواز ۾ ڳالهائيندا آهن. خلق جي خواهش گڏ ٿي هن جو خطاب بڻبي آهي. عام ماڻهوءَ جي احساس کي جيڪو آواز محترم رسول بخش پليجي ڏنو آهي، ان جو اعتراف هن جا مخالف بہ ڪندا آهن. سنڌ ۾ سُٺي ڳالهائڻ واري کي پليجسٽ سڏيو ويندو آهي. دليل جو جواب جنهن وٽ نہ هوندو آهي تہ اهو اڳلي کي جان ڇڏائڻ لاءِ چوندو آهي: ”خبر آهي تون پليجو آهين.“ سنڌ ۾ ڪنهن سمجھ واري کي سُقراط نہ پر پليجو ڪوٺيو ويندو آهي. اها ان ڏاهپ کي پيٽا هوندي آهي، جيڪا عوامي تحريڪ جي هن اڳواڻ جي آهي، پر ان جي بہ نہ پر ان جي سنڌ جي ڏاهپ آهي، جنهن جو پاڻ کي پليجو بہ سمجهي ٿو هو تہ پنهنجي ڏاهپ سان پنهنجي ڌرتي امڙ جي ان ٿڃ جو ٿورو لاهي ٿو جيڪا سنڌو جل جي صورت ۾ سندس رڳن ۾ رت جي جاءِ تي ڇوليون ٿي هڻي.

پليجو صاحب جيڪو پاڻ اربيل آهي انهن ڌرتيءَ ڌڪاڻن ڏانهن، جيڪي هن جي پروگرام ۾، ميرن، پيرن ۽ وزيرن کان وڏيڪ حيثيت وارا آهن، ان جي تصديق ان مان ٿئي ٿي تہ هو پنهنجو وقت خلق کي ڏئي ٿو ڪن خاص يا ڪن خان صاحبن کي نٿو ڏئي. اسان پنهنجي سانپر ۾ هن کي نہ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو هٿ ڌوئاريندي ڏٺو آهي نہ ڪيس ڪنهن سرڪاري دسترخوان تي ويٺل ڏٺو آهي. جڏهن تہ چڱا ڀلا چوايا ويندڙ ماڻهو حڪومت جي وچايل دسترخوان تي طعام سان گڏ پليٽ ۾ پيل نظر ايندا آهن. مون کي اهو سڀ ڪجھ اُن وقت ياد آيو جڏهن ان پروگرام ۾ پليجي صاحب کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن کي ڳاهٽ ٿيندي ڏٺو ۽ هن کي بہ خلق جي وچ ۾ ويهندي مون ڏاڍو خوش ڏٺو. هڪ خاص ڳالھ جيڪا هن ڏاهي شخص ۾ ڏٺي، سا آهي وڏو وقت عام ماڻهن سان گڏ رهڻ. پروگرام پڄاڻان مون هن کي ٻين سياستدانن وانگر ”گولي“ ٿيندي نہ ڏٺو اسٽيج تان لهي گاڏيءَ تي لٽ رکي هو گم ٿي وڃي، ايئن نہ ٿيو. هو لفظن جو وکر وڪڻي هليو وڃڻ وارن مان نہ هو. هو ٻڌڻ وارن کي بہ ٻڌڻ لاءِ ترسي پيو. هن ليڪچر پڄاڻان بہ ڪيترن سوالن جا جواب ڏنا، پر اُنهن کي موضوع تائين محدود رکيو. باقي ڳالهين ڪرڻ لاءِ هن سڄي رات جو وقت ڏنو. اڳ ۾ ئي اعلان ڪري چيائين تہ آئون هتي آهيان، جيترو ٻڌو ۽ جيترو ٻڌايو اها ڳالھ انهن کان ٿي سگهندي آهي، جيڪي عوام مان هجن ۽ عوام لاءِ هجن. تِکو سچ ۽ تلخ سچ پليجي صاحب جي سڃاڻپ آهي. هن ڪيترن ئي نازڪ موقعن تي سچ چئي ڪيترائي ڪوڙ جا آسمان ڪيرايا آهن. سرڪار کي سڏو ٻڌائيندو آهي، پر هو سرڪار جا سانڊيل سنياليا ويندڙ جيڪي سياستدان

آهن، انهن جي بہ لاڪ لاهي رکندو آهي. ڪانئرن جا نڪ ڪيئن وڍجن، اهو ڪير هن ڪان سِکي. پليجي صاحب ڪان اهڙي ڪنهن بہ پڳدار جي پڳ جو پرم نہ بچندو آهي، جنهن اها پنهنجي مٿان پاڻ رکي هجي يا ڪنهن سرڪار ڪيس پٽڪو ٻڌايو هجي، انهيءَ ڪري هن کي اسٽيج تي ويهارڻ ڪان اڳ جعلي جماعتن وارا ڏهہ ڀيرا سوچيندا آهن تہ پليجو ايندو تہ راڄن جا پٽڪا لاهيندو. ايئن ٽي وي چينل وارا بہ هن جي سچ کي آن ايئر نہ ڪري سگهندا آهن. پليجو صاحب جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ "اشرافن" جي نڪ تي ويٺل مُک جهڙي عزت بہ خطري ۾ پئجي ويندي آهي. مون ڪڏهن اهو نہ ڏٺو آهي تہ سندس گفتگوءَ ۾ مداخلت نہ ڪئي وئي هجي ۽ سندس ڳالهہ پوري ٿيڻ ڏني وئي هجي. خوف ڪان هن کي لائيو پروگرام ۾ نہ آندو ويندو آهي. هو اينڪر پرسندس کي ڳچيءَ ۾ پئجي وڃڻ وارو ماڻهو آهي. هو جيڪو مهمان شخصيتن کي منجهائيندو آهي، انهيءَ افتخار جي پليجي صاحب "جوابده" پروگرام ۾ بولتي بند ڪري ڇڏي هئي. پليجي صاحب جڏهن پرويز مشرف جي پاڻيءَ واري اشوءَ تي چيلينج کي قبول ڪيو هو تہ مشرف اهو چئي پٺا ڏئي ڀڄي ويو هو تہ پليجو صاحب جذباتي آهي. پنهنجي هن ملڪ ۾ ڪوڙ کي ڪيڏا پير آهن، هر ڪنهن کي هيسائيندو نظرايندو آهي، پر پليجي صاحب جي سامهون اهو پير جهلي بيهي بہ نٿو سگهي. سچ ۽ سنڌ هن شخص تي بيشڪ ناز ڪري سگهن ٿا.

هميشہ اهو سوال رهيو آهي تہ ان سچ سان سياست جو ساٿ ڇو ڪونهي؟ اهي ماڻهو جيڪي پليجي صاحب سان ايترو پيار ڪن ٿا سي ووٽ ڏيڻ مهل موڪل تي ڇو هوندا آهن؟ هن جي مقبوليت هن جي ووٽ ۾ تبديل ڇو نٿي ٿئي؟ منهنجو پنهنجو خيال اهو آهي تہ ايئن ٿي سگهي ٿو پليجو صاحب ٿورو آرنسٽ ٿئي. اليڪشن ۾ کٽڻ هڪ فن آهي اهو بہ اچي، هڪ مان بيو ٿي ڏيکارجي تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪانهي. ڪنهن ڳوٺ جو هڪ وائڙو وڏيرو قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پهچي سگهي ٿو تہ پليجو صاحب تہ وڏي ڳالهہ آهي. سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو پر ان لاءِ کي عياريون ۽ مڪاريون گهرجن، جيڪي پليجي صاحب وٽ ڪونهن. جن وٽ آهن سي ووٽن جي راند کٽيو وينا آهن. سياست کي راند سمجهي ۽ رانديگر ٿئي تہ ڪا اسيمبلي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڪان پري ڪانهي پر هو مڪاريءَ سان ايوان ۾ نٿو وڃي ۽ ڪوڙن ڪانئرن سان ڀريل اهڙي ايوان کي جيڪو نٿو مڃي تہ پوءِ هو ڪو ڪاپڙي ئي آهي.

"ڪاڪِ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن"

سياست هٽ سئو ڪوڙ ڳالهائڻ جو ڪاروبار آهي ۽ هزارين هٽ اهڙا کُليل آهن، انهيءَ واپار ۽ وهنوار ۾ سچ جو سودو ڪنهن نفعي سان نہ هلندو! مقصد واري کي ڪا ڳسِ تہ ڪاٽي پوندي، ڳسِ اها آهي تہ اسيمبليءَ جي ڪا سيٽ سچ جي



Gul Hayat Institute

قيمت تي ڪوڙي مراد طور نٿي ڪبي، ڪا وزارت وات بند رکڻ جي معاوضي تي نٿي گهرجي. اسيمبلين ۾ جيڪا پوٽ پڌل مخلوق وينئي آهي، انهن جهڙو گگدام اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جنهن کي خلق جاڳائي آهي ۽ مڪارن سان مُهاڏو اٽڪائڻو آهي. اهڙو ماڻهو ته هڪ پاسي ناحق جا نڪ لاهيندو ٻئي طرف ضميرن جا زنگ لاهيندو، اهڙو ماڻهو ته چارڻ ٻڻجي چنگ ڪٽندو، اهڙي پيچل کي ته اهڙن ايوانن کان اوپرو هجڻ ئي گهرجي، جيڪي ٻُڌڻ جا کوهه آهن. نمائندگيءَ جا فورم ۽ پليٽ فارم ناهن. پليجو صاحب انهن جو ۽ اهي پليجي صاحب جا ايوان ناهن ته پلو آهي. اسان ڏسون ٿا ته پليجي صاحب جو ايوان اُتي لڳي ٿو جتي هو پُڄي ٿو ماڻهو جڏهن پاڻ وهيڙا ٿيندا ته پاڻهي هن کي ليڊر آف دي هائوس ڪري چئيندا. پبلڪ ۾ پليجو صاحب ٻئي اسيمبلين کان ٻاهر ٿا ٻُڌڻ ۾ اچن. اُن ڏينهن اسان انهن کي گمبٽ ۾ گڏ ڏٺو (مون کي ان ليڪچر پروگرام ۽ پوءِ واري ڪچهريءَ بابت احساس آڻيا آهن. پليجي صاحب جي شخصيت ۽ ان جي پهلوئن تي پوءِ ڪڏهن لکبو) آئون جنهن پروگرام ۾ شريڪ ٿيس، اهو جيئن اڳ ۾ چيم ته خاص هو عام نه هو پر هڪ ته عام ماڻهن جي شرڪت ۽ ٻيو پليجي صاحب جي شخصيت ليڪچر کي عوامي بڻائي ڇڏيو. هن ادب جي ڳالهه کي عام ماڻهن جي حال احوال سان اهڙو ڳنڍي پيش ڪيو جو ماضيءَ جا قصا اڄ جون حقيقتون ۽ يونان جو ذڪر گمبٽ ۽ راڻيپور جي ڪٿا ٿي معلوم ٿي. ماڻهو به ڪي هر دؤر جا هڪجهڙا ٿا ٿين. پليجي صاحب چيو پئي ته هر دؤر جي حڪمرانن جي مڪاري هڪجهڙي هوندي آهي. هو عام ۽ خاص کي هڪٻئي کان پري رکندا آهن. هو ادب ۽ سياست جو رشتو ڇني ڇڏيندا آهن. خلق کان ڇڄي خاص ٿيڻ وارا ماڻهو ماڻهو ناهن هوندا. ڇا هوندا آهن؟ ان جي تفصيل ۾ سمورو ليڪچر هو. مون لاءِ ممڪن ناهي ته حافظي جي زور تي اهو به ڪافي ڏينهن کان پوءِ سو به پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهان. جيڪو پليجي صاحب چيو هو. ليڪچر جي سي ڊي ڏسي سگهجي ٿي. آئون هت ان رهاڻ جو ذڪر ڪريان ٿو. جيڪا راڻي سان اسان جي ان رات ٿي. مون کي خبر ناهي ته پليجو صاحب ماني ۽ ننڊ کي مختصر ڪرڻ جو قائل آهي، پر ان رات ايئن ٿيو. هن چندگرهه کائي جڏهن مانيءَ مان هٿ ڪڍيا ته اسان لاءِ ڍؤ ڪري کائڻ مسئلو بڻجي ويو پر شڪر آهي جو هو گڏ وينو رهيو ۽ اسان ماني ڍؤ تي کائي سگهياسين. موسيقيءَ جي محفل هئي. اڳڙا جو هڪ سُريلو نوجوان راڳي هو فياض جويو. سرمد سنڌيءَ جهڙو آواز هيس، هالو چالو گيت چوڻ تي پليجي صاحب چيس ته ڊائري هيڏي ڪٽي اچ. ڪجهه سمجهايائينس ۽ ڊائريءَ مان ڪجهه ڪلام ٽِڪ ڪري ڇپائينس ته هي ٻُڌاءِ. پوءِ هن عبدالڪريم گدائي، استاد بخاري ۽ اياز کي ڳايو. محفل هلندڙ هئي ته پليجو



Gul Hayat Institute

صاحب اُتي اندر هال ۾ ويو. جن دوستن کي ساڻس ڪچهريءَ جو شوق هو سي سڀ اُتي اندر آيا. پوءِ جيڪا ڪچهري هلي، تنهن کي صبح ٿي ويو.

اُها رات ۽ رهاڻ وسرڻ جي ناهي. اها ڪا ڳالهه نه هئي جيڪا سوال نه ٻڌي ۽ اهڙو ڪو ماڻهو نه هو جيڪو جوابن کان متاثر نه هو جنهن کي جيءُ ۾ آيو پڇندو ويو اسان جي اڳيان ڄڻ انسائيڪلوپيڊيا کُليل هئي. پڇڻ لاءِ به معلومات هجي، اسان جي محدود هئي، ٿوريءَ دير ۾ ماٺ ڪري ويهي رهياسين. پوءِ پليجي صاحب پاڻ ئي سوال جهڙيون ڳالهيون سامهون رکندو ۽ انهن جا جواب ڏيندو رهيو. اها سگهارن جذبن ۽ اُڌمن جي پاڻمردو اُڇل هئي، جنهن کي Spontaneous over Flow of Powerful Feelings چئجي ٿو. تاريخ ڳالهائي رهي هئي، ايئن رات وهامي ڏينهن ٿيو. مون تمام دير سان جڏهن وڃي ڪجهه دوست بچياسين پليجي صاحب سان ڳالهايو پين جا سوال سوچيل هئا. منهنجا سوال اڻ سوچيل هئا. مطمئن ٿيڻ جي مون کي ضرورت نه هئي، آئون هن کان اڻ واقف نه هئس. بلڪ متاثر هئس. انهيءَ ڪري مون پنهنجي احساس کي گهرو ڪرڻ پئي چاهيو. پليجي صاحب منهنجي گهڻي مدد ڪئي. مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته هن منهنجا ڪي ڪالم پڙهيا آهن. هن مون کي همٿايو پئي. اها هڪ ننڍي ليکڪ جي وڏي ليکڪ سان هڪ ڪچهري هئي. ”چا ڪجي جو ايئن ٿجي جيئن اوهان آهيو؟“ لفظن ۾ نه پر مون پنهنجي رويي ۾ اهڙو سوال رکيو ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جو احوال ڏئي ڄڻ مون کي گهربل جواب پئي ڏنو. مون کي پنهنجي جهالت شدت سان محسوس ٿي، جيڪا ختم ڪرڻ لاءِ مون اتي پليجي صاحب کي پڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ”سياسي ادب“ جي نالي سان سندس تحريرن جا ٽي جلد ڇپيا آهن. اجا اهڙا 13 جلد ڇپجڻ لاءِ تيار آهن. اهو پليجي صاحب مون کي ٻڌايو. مون جڏهن کيس پڙهڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ته پاڻ چيائين ته تنهنجو مطالعو تنهنجي تحرير ۾ اچڻ گهرجي. مون کي خوشي محسوس ٿي ته پليجو صاحب مون کي ان جي قابل سمجهي ٿو. مون ٻئي ڏينهن ئي ٽي جلد وٺي ڇڏيا. اڄ ڪلهه منهنجو مطالعو اهو آهي. پليجي صاحب پنهنجي جيل ڊائري پڙهڻ جي صلاح ڏني. مون چيو ته مارڪيٽ ۾ دستياب ڪونهي. هن منهنجي ايڊريس پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ۽ حسين مهر کي چيائين ته عديل ڏانهن ڏياري موڪلجانءِ. حسين ٻڌايو ته پاڻ وٽ به لائبريريءَ ۾ ڪاپي آهي. فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ڪرائڻي پوندي. پليجي صاحب جو چوڻ هو ته جنهن ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ ڊائري نه پڙهي اهو مون کي سمجهي نه سگهندو. منهنجي ڪوشش آهي ته ”پليجو شناسيءَ“ جو اهو مواد به مون کي ملي وڃي.

ملاقات ۾ مون محسوس ڪيو ته پليجو صاحب پنهنجي ذات، ذات ۽ ڏاهپ ۾ گهرو سمنڊ آهي. اهو تمام ٿورو آهي، جيڪو هن ڪناري تي آندو آهي، پر تمام گهڻو آهي، جنهن جو اڃا اظهار ٿيڻو آهي. اها اسان جي بدقسمتي هوندي جو ان سڀ ڪجهه کان محروم ٿي وڃون، جيڪو پليجي صاحب جي ذات ۾ ڪنهن اظهار جو طالب آهي.

هڪ تہ اهو علم آهي جيڪو هن پاڻ لکيو آهي ۽ پاڻ ٻڌايو آهي، ٻيو ان جي ضرورت آهي تہ هن کي ويهاري پڇيو وڃي ۽ لکيو وڃي. پاڻمرادو ٻڌائڻ ۽ پڇڻ تي ڳالهائڻ ۾ فرق آهي. اهو ٻيو ڪم اڃا ٿي نہ سگهيو آهي، هن جي عمر کي ڏسندي خدشو ٿو ٿئي تہ اهو ڪم اسان کان رهجي نہ وڃي. ماڻهو پليجي صاحب کان رڳو سياست ٿا پڇن، پر هو هر شيءِ ٻڌائي ٿو. ادب، تاريخ، فلسفو آرٽ ۽ الائي تہ ڇا ڇا هن سمنڊ ۾ سپن جيان پيو آهي. ڪو هجي هن بحر ۾ ٽٻي هڻي ۽ عميق مان ڪجهہ ٻاهر آڻي. هن وقت تائين ان سمنڊ جي ڪناري تان سپون ۽ موتي ميڙيا ويا آهن. مون پليجو صاحب کي گهري احساس ۾ ڇيو تہ مون کي ايئن ٿو محسوس ٿئي، توهان جي لاءِ هڪ حياتي ٿوري آهي. توهان وٽ جيترا علم آهي، اوترا توهان کي جنم ملڻ کپن ۽ هڪ جنم تہ هن قوم کي ۽ توهان کي گڏ ملڻ کپي. سنڌ کي توهان جي ساڃاهہ ملي، اوهان جي قيادت ۾ سنڌ اها ٿي ڏيکاري، جيئن اوهان چاهيو ٿا. هو مُسڪرائي رهيو هو. الائي مون کي چريو سمجهي رهيو هو الائي انهن کي جيڪي مون وانگر نٿا محسوس ڪن! مون پنهنجي اظهار کي ان وقت بہ اڌ ۾ ڇڏيو هو هينئر بہ اڌ ۾ ڇڏيان ٿو.

مان ڪن چڱاين جي زباني اظهار کان چڱاين جي ماڊل ۾ يقين رکان ٿو مان سمجهان ٿو تہ اسان جيڪي پاڻ ڏات ۽ ذات ۾ پليجو نٿا ٿي سگهون، سي پليجي صاحب جا ٿي وڃون تہ بہ بچي ويندا سين. هڪ پنهنجي ضمير جي پڇاڻي کان ٻيو تاريخ جي اهڙي بيان کان جو اُها اسان کي بيغيرت لکي ڇڏي ۽ اسان کي اسان جي ايندڙ نسلن جي نظرن تان ڪيري ڇڏي. پنهنجي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي پاڻ کان پڇون تہ ڪير آهيون ۽ ڪنهن ڪنهن جي ڪڍ پٽڪيا آهيون؟ مليو ڇاهي، ڏنو ڇاهي؟ ويو ڇاهي، رهيو ڇاهي؟ جيڪڏهن جواب ٻُڙي ٻاڱي ٻُڙي آهي تہ پوءِ بہ پڇتائڻ کان ان ڪري بچي ويندا سين جو باقي عمر ۽ عرصو ان لاءِ آهي تہ پاڻ سنڀالي وٺون. ٻين جا رهي چُڪا آهيون، پاڻ هاڻي پليجو صاحب جا ٿي ڏسون. ايتري پڪ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هو اسان کي وڪڻي نہ ڪائيندو. اڄ تائين اسان وڪاميا ۽ ڪاڄبا رهيا آهيون! ماضيءَ ۾ نہ رهيا آهيون، مستقبل ۾ تہ مُڙس ٿي وڃون، پر اها مُڙسي انهن وٽان نہ ملندي، جيڪي خسيس خواهشن ۾ خلاس آهن. اِها پاڻ کي پليجي صاحب وٽان ملندي ايئن نہ ٿئي جو دير ٿي وڃي ۽ لطيف جي اها ميار منهن ۾ لڳي تہ:

پـاڙي ويـڄَ هُـئـام، تـان مُـون مُـور نـہ پُـڇيـا،
تيلانهـــين پيـــام، موريســـرَ اڪـــين ۾!

هيءُ ويڄ اڃا ويو ڪونهي، ويٺو آهي، تنهن ڪري اچو تہ عوامي هائوس هلي ساڻس ڪچهري ڪريون.

**(ڪاپڙي، جولاءِ 2009ع)**

Gul Hayat Institute

**ڊاڪٽر بخت جمال**

# ...۽ اهوئي رسول بخش پليجو آهي

پليجي صاحب لاءِ پلا ائين ڪٿي لکجي ته هو وڏو نظرئيدان آهي، پارکو آهي، ڳالهه کي وقت کان اڳ سمجهي وٺندو آهي، ذهين آهي، هوشيار آهي، تمام گهڻو پڙهيل آهي؛ هر هنڌ ويو آهي، روس، آمريڪا، فرانس، برطانيا، ڪينيڊا، انڊيا، افغانستان، جرمني، اٽلي، فلپائين، ٿائليند نيپال، بنگلاديش شام، لبنان، هالينڊ وغير وغيره. پر اها به ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي. گهڻا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي تقريباً سموري دنيا گهمي چڪا آهن. مڪو مدينو بغداد، تهران، ماسڪو ۽ واشنگٽن. پر اهي ته عظيم ۽ وڏا ڪو نه ٿا ڄاتا وڃن. اهڙا به سوين هزارين ماڻهو پيو ته ٿيو سڄي پاڪستان ۾ پيا هوندا جن پليجي صاحب کان وڌيڪ ڪتاب پڙهيا هوندا، تمام گهڻا ملڪ گهميا هوندا پر پوءِ به اهي وڏا ماڻهو نٿا ليکجن.

ته پوءِ آخرڪار پليجي صاحب ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن ڪري هو عظيم ۽ وڏو ليکجي ٿو؟ ڇا اهو ته هو هڪ وڏي پارٽي جو اڳواڻ آهي؟ پر ان کان وڏيون وڏيون پارٽيون ته پيون به آهن! پين جون ته حڪومتون آهن ۽ هو پاڻ ته پارليامينٽ جو ميمبر ناهي. ميمبر، وزير، مشير ۽ او ايس ڊي ته پيا تمام گهڻا آهن. سون کان به وڌيڪ... ۽ ان وڏي پارٽي جو سيڪريٽري به هو تازو ٿيو آهي. پر ان کان اڳ به ته هو عظيم ليکبو هو. حالانڪ جيل ۾ بند هو ته ڪٿي ائين ته ناهي ته هو جيل ۾ ويو ڇهن سالن کان وڌيڪ ان ڪري عظيم ٿو سڏجي؟ ”پر جيل ياترا ته پيا به تمام گهڻا ماڻهو ڪري آيا آهن“. مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو. ”پر شايد ان ڪري ته هو گهڻن جيلن ۾ ويو آهي. ڪوٽ لکپت، خيرپور، سکر، ڪراچي، حيدرآباد، لانڍي، نارا....“

پر اهو دليل بہ ايترو مضبوط ناهي. ڇا جيڪو گهڻا جيل گهمي اهو ئي وڏو عظيم ۽ جيڪو ٿورڙا گهمي اهو ئي خسيس؟ ائين بہ ناهي. اڄان ڪا ٻي ڳالهہ آهي. "ڀلا هو گهڻو عرصو جيل ۾ رهيو ان ڪري؟"

تہ جي ائين هجي ها تہ پوءِ انهن بابت ڇا خيال آهي، جن سموري عمر جيل ۾ گذاري، جن کي جنم ٽيپ آهي. سا بہ سخت پورهئي سان، سي ڪلاس ۾؟ ٻين جي تہ دعويٰ آهي تہ هو سموري عمر نظربند رهيا آهن پر پوءِ بہ عظيم نٿا ليکجن.

"اهي تہ ان ڪري نٿا ليکجن ڇو تہ هو جمهوريت جا ويري آهن."

پر جمهوريت جا چيمپئن بہ تہ ٻيا سڏجن ٿا. پليجو صاحب جمهوريت جو چيمپئن تہ نٿو ليکجي نہ؟

"ائين آهي، پر پليجو صاحب نِلهي جمهوريت تہ نٿو چاهي نہ! هو تہ قومي عوامي جمهوريت جو علمبردار آهي. ان ڪري عظيم آهي."

پر قومي عوام جمهوريت تہ ننڍي ڳالهہ آهي. ٻيا تہ سڌي ڪميونزم جي ڳالهہ ٿا ڪن، پاڻ کي ڪميونسٽ ٿا سڏائين. روس ۽ چين جو وارث ٿا ڪوٺائين. سڄو ڏينهن مارڪس، لينن، اينگلس جا قول ائين پيا دهرائين جيئن شهباز ايڪسپريس ۾ سيتا روڊ جو نابين فقير ابتا سبتا شعر پيو دهرائيندو آهي،

ڪپـــڙا منهنجـــي قلـــوب جـــا ميـــرا ئـــي ميـــرا
ڏوڀـــــين ڪـــــين ڌوتـــا ســـاجهر ســـــويرا،
مـــون مئـــيءَ جـــا ميـــرا پـــڌرا نـــہ ڪجـــانءِ پـــڙ ۾.

پر اهي بہ تہ سيتا روڊ جي نابين فقير کان وڌيڪ اڪابر ڪين ٿا ليکجن. انهن جي پويان تہ ماڻهن جا لشڪر بہ ناهن ۽ نہ ئي ڪي اهي بحث جا موضوع آهن. حالانڪ جيل ۾ تہ اهي بہ گهڻو رهيا آهن، پر جيستائين هئا جيل ۾ تيستائين تہ اخباري سرخين سبب ماڻهن سمجهيو پئي تہ واقعي ڪي وڏا داناءَ آهن پر جڏهن ماڻهن ڪين آزاد ٿيڻ کان پوءِ روبرو ڏٺو تہ سندن خواب ئي ٽٽي پيا، ۽ هونئن بہ جيڪڏهن وڏن نعرن، خطابن، القابن، جي ڪري پليجو صاحب عظيم هجي ها، تہ وڏن نعرن تي، ٻين اڳواڻن اڳي ئي ائين قبضا ڪري ڇڏيا آهن جيئن ڪراچي جي پلاٽن تي غير سنڌي سڳورن. چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسبي تہ هر نعري تي ڪنهن نہ ڪنهن ليڊر جو قبضو ٿيل ئي هوندو.

پوءِ اهي نعرا جمهوريت جا هجن، ڪميونزم جا يا قوم پرستيءَ جا. هاڻي پليجو صاحب جهڙو غريب مسڪين ماڻهو. سو بہ اديب ۽ اهو بہ قانوني ماڻهو. سو اهڙن نعرن هٿڻ جي همت آخر ڪري تہ ڪيئن؟



Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ پاڪستان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو نٿو سُجهي جنهن کي مختلف شعبن جو ايترو علم هجي؟ پر اهڙو ماڻهو ليپي بہ سگهي ٿو. پر وڏ ۾ وڏ هو تہ رڳو عالم هوندو. پليجو صاحب رڳو ان ڪري عظيم ناهي جو هو فقط عالم آهي، پر ڪاريگر بہ آهي. هو شين کي ڊاهڻ سان گڏوگڏ انهن کي ٺاهڻ جي فن جو بہ وڏو ماهر آهي. ٻيا سياستدان، عالم، اديب، دانشور، قانون دان، تنقيد نگار، فقط هڪڙو ڪم ڪن ٿا. يا تہ ڊرامو لکندا يا شعر. پلا ڪو اهڙو وڪيل ٻڌايو جيڪو ڦاسيءَ گهاٽ جا قيدي بہ آزاد ڪرائي، شعر بہ لکي، تہ ڪهاڻيون بہ، تنقيدون بہ ڪري تہ تقريرون بہ، اياز جي گيتن جون ڌنون بہ ٺاهي تہ ڊرامن جي ريهرسل بہ ڪرائي، رڳو ڄاڻ حاصل نہ ڪري پر ان کي عوام تائين پهچائڻ جي فن کان بہ واقف هجي. سموري دنيا ۾ گهمي تہ هر وقت جيل جي ڪوٺڙين ۾ سخت عذابن ۽ ايذائن واري زندگي گهارڻ لاءِ بہ تيار هجي. پنهنجي عوام کان ڊجي بہ، پر عوام دشمن قوم فروشن سان اڪيلو اڪيلو ۾ ملائي مقابلو بہ ڪري سگهي. جيڪو لاهور جي شاهہ عالم چوڪ تي ڦاسي چاڙهڻ جي مطالبن کان پوءِ بہ پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهي. نہ ڪي سکر ۾ جهنڊن جي ردوبدل کان پوءِ ائين چوي تہ ڪيس خبر ئي ناهي.

شايد سنڌ ۾ پاڪستان ۾ اهڙو ٻيو ڪو ناهي ۽ شايد اهو ان ڪري ئي عظيم ۽ نرالو آهي. هو انهن کان مختلف آهي، جيڪي سڄو ڏينهن سياسي وڏاڻ ڪنيو هر شيءَ کي ڊاهڻ جي پويان آهن. جيڪي ٺاهڻ ڪو نہ ڄاڻن. هو ڪاريگر آهي، ٺاهڻ جو ماهر آهي، انگريزي ۾ چوندا آهن: Politics is an art of .possibilities هو اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو جيڪي ڪري سگهڻ جهڙيون هجن، جيڪي ممڪن هجن. هو اهڙا نعرا نٿو هڻي، جيڪي بظاهر تہ وڏا ۽ اعليٰ هجن. پر ممڪن نہ هجن ۽ ان جو مقصد سواءِ ماڻهو مارائڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ نڪري. هو شين جي ظاهري روپ، رنگ روگن ۽ نالن کي نٿو ڏسي، پر ان جي اصليت کي اهميت ڏئي ٿو. ايم آر ڊي 1983ع جي جمهوري تحريڪ جو ڪن ماڻهن نالو رکيو هو پاڪستان بچايو تحريڪ. گهڻن ئي ان جي مخالفت ڪئي ۽ ان کي ڪفن چور تحريڪ سڏيو. پليجي صاحب جي پارٽي وارا شهيد فاضل راهوءَ جي قيادت ۾ ان تحريڪ ۾ جنبي ويا ۽ سيني ڏنو تہ بظاهر پاڪستان کي بچائڻ واري ان تحريڪ جي پڄاڻي ان مطالبي تي ٿي تہ:

*صوبوں سے اچھے ناتے*
*مرکز کو چار کھاتے*

پليجو صاحب سنڌ ۽ ملڪ ۾ هر نئين سياسي روايت وجهڻ جو باني آهي. هو ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ جي بانين منجهان آهي. هن شاگردن جي مطالبن کي عوام

سان ڳنڍڻ جي شروعات ڪئي. سنڌ ۾ هي پهريون ماڻهو آهي جنهن سائنسي ڍنگ سان قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي ڳنڍڻ جو بنياد رکيو. تنهن وقت سڀ ان جا مخالف ٿي بيٺا پر اڄ سڀ پاڻ کي ان جا وارث ٿا سڏائين. سڀ قومي طبقاتي جدوجهد جي ڳالهه ڪن ٿا. هن اتحادن ۽ ملڪ گير سياسي پارٽين جي ڳالهه ڪئي. ڪوڙن قومپرستن ۽ تنگ ترقي پسندن فتوائون ڏنيون ته اهو ڪفر آهي. پر جن اهي فتوائون جاري ڪيون، سي سيني کان اول اهي پارٽيون ناهي ويهي رهيا. پليجي صاحب چيو رڳو شاگرد اڪيلي سر ڪجهه ڪري نٿا سگهن، طاقت جو سرچشمو عوام آهي، اڄ ان ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ ڪنهن پٽاڙ جي ضرورت ناهي. سنڌ ۾ ملڪ ۾ اتحاد جو فلسفو ڪنهن ڏنو؟ ان کي لاڳو ڪري عملي طور اتحادن جي شروعات ڪنهن ڪئي؟ عوامي جمهوري اتحاد، پاڪستان عوامي تحريڪ، ايم آر ڊي جي اتحاد جي پيڙهه ڪنهن رکي؟ آمريت جي گهمنڊ شينهن کي ڪنهن چيلينج ڪيو؟ ايم آر ڊي جي ڊرافٽ تي سڀ کان پهريائين بنا شرط جي صحيح ڪنهن ڪئي؟ ايم ڪيو ايم جي منافقيءَ واري سياست ۽ سنڌ دشمن چالن جي اصليت ڪنهن وائکي ڪئي؟ ڪنهن چيو ته مهاجر قوميت جو نعرو هڻندڙ سنڌين جا نام نهاد ساٿي دراصل سندن دشمن آهن؟ ڪنهن ان مڪاريءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، سنڌي ماڻهن کي منظم ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام جو قومي اتحاد ناهيو؟ يقيناً اهو پليجو صاحب ۽ سندن پارٽي هئي ۽ ڪنهن پنهنجي انا جو مسئلو بنائڻ بجاءِ ان عظيم الشان اتحاد کي سنڌي ماڻهن جي وسيع مفادن خاطر سنڌ قومي اتحاد ۾ ضم ڪيو؟ سيني کي ياد هوندو ته ان اتحاد جي پهرين ئي ڏينهن سنڌ دشمن، سنڌين جي اتحاد کي ناڪام ڪرڻ جي شروعات ڪري چڪا هئا. چيائون ته سنڌي نه سنڌ. مهاجر ڀائر آهن. سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو آهن. تنهن ڪري کين اتحاد ۾ شامل ڪرڻ جا دروازا بند نه ڪجن ۽ اتحاد جي نالي جو پهريون اکر سنڌي بجاءِ سنڌ هجي. جيئن اڳتي هلي ان مهاجرن کي شامل ڪري سگهجي. پليجي صاحب چيو ته اهو اتحاد ان صورت ۾ سنڌين جي فائدي جو ٿي نه سگهندو. ساڍا ٽي مهينا پوءِ سندس پارٽي وارا الڳ ٿي ويا. هنن مطالبو ڪيو ته اتحاد جا سمورا فيصلا گڏيل صلاح مصلحت ڀوڙهي سوچ ويچار ۽ ٻين لاءِ قابل قبول صحتمند جمهوري عمل وسيلي اتفاق راءِ سان ڪيا وڃن. اتحاد کي فقط سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ انهن سنڌين تائين محدود ڪيو وڃي، جيڪي 1947ع کان اڳ هتي مستقل طور آباد هئا. تڏهن سيني الزام هنيو ته پليجو پنجاب جو ايجنٽ آهي. پر ان هڪ سال بعد خود سڦا ۾ شامل ڌريون ان تي ساڳيا اعتراض ڪري رهيون آهن ته اتحاد ۾ جمهوريت

Gul Hayat Institute

ناهي. وڏيرڪي هڪ هٽي آهي، بحث مباحثي جي آزادي ناهي. آمريت جي اشارن تي سنڌ قومي اتحاد کي نچايو پيو وڃي.

تنهن ڪري رسول بخش پليجو عام ماڻهو ناهي. هو هڪ ماهر ڊاڪٽر جيان مريض جي مستقبل کي سمجهي وٺي ٿو. هن کي خبر آهي ته مريض کي ڪهڙو مرض آهي؟ ان جو علاج ڇا آهي؟ مرض جي حالت ڪهڙي ٿيندي آهي؟ ۽ ان کي روڪي ڪيئن سگهجي ٿو ۽ جي نه روڪيو ويو ته ڇا ٿيندو؟ منهنجي خيال ۾ رسول بخش پليجي ۽ ٻين سياسي اڳواڻن جي وچ ۾ فقط ايترو فرق آهي. يعني ٻيا مريض کي سندس هاڻوڪي شڪل ۾ ڏسن ٿا. ان جي اصليت کي پروڙي نٿا سگهن. وٽن مرض جو ڪو علاج ناهي. ٻيا اهڙا عطائي آهن. جيڪي مريض جي علاج جا داعي آهن. ٻين کي علاج ڪرڻ ڪو نه ٿا ڏين. پوءِ مريض کي ماري، پڇتاءَ وارا ڳوڙها پيا ڳاڙين. پر ڳالهه اتي ختم ٿئي ته به سنڌين لک ڪٽيو! هو هڪ مريض کي ماري وري ٻئي مريض جو علاج شروع ڪن ٿا، ان کي خوش ڪرڻ جي دعوي ڪن ٿا، وري اهو مريض ماري روئن ٿا ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي. عطائي ڊاڪٽرن کان ڪو پڇڻ وارو ناهي! سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرايائون، چيائون اهو علاج آهي هن سنڌي قوم جو. پر جڏهن ائين نه ٿيو. تڏهن چيائون ته پاڪستان ناهجي ته قوم جو ڀلو ٿيندو. خيرن سان اهو به نهي ويو. ڪين کي مزو نه آيو. وري چيائون ته سنڌ کي ڪاٽيو ته بس ٻيڙا پار ٿي ويندا، ۽ جي سياڻي ائين به ٿي وڃي ته پوءِ خبر ناهي اسان وارا هي نيم حڪيم سنڌ کي به ٽڪر ڪرڻ، پوءِ ٽي ٽڪر ڪرڻ جون نصيحتون ڏيندا ۽ ائين اهو سلسلو خبر ناهي ڪيستائين جاري رهي.

انڌن اونڌن ويڄن جي دوائن سان سنڌين جو جيڪو حال ٿيو آهي، سو سيني جي اڳيان آهي. سنڌي قوم کي عطائن، انڌن اونڌن ويڄن جي نه پر جراح ڊاڪٽرن جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر ڪوڙا نه، پر پڙهيل ڪڙهيل، آزمايل تجربي سان ڀرپور ۽ رسول بخش پليجو اهڙو ڊاڪٽر آهي ۽ ان ڪري ئي عظيم آهي ته هو مريض جي مرض کي ڏسي پريشاني وچان رڙيون نٿو ڪري پر خوشي سان ان کي تپاسي ٿو. مريض کي دلجاءِ ڏئي ٿو ۽ ان جي مرض کي سڃاڻي ان جو دارون ڪري ٿو. فقط دوا تجويز نٿو ڪري پر ان کي ممڪن بنائڻ لاءِ به پنهنجي وسان ڪا ڳالهه نٿو رهائي ۽ اهڙي طرح بيماري کي ڦهلجڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ جي سندس انهن خوبين ڪري ڪيس سنڌين جو هيرو چئجي ته ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو.

**(تحريڪ پليجو نمبر)**

جامي چانڊيو

# ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا

اُها اپريل

Gul Hayat Institute